ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) آچر 28 جون 2026 ع 12 محرم الحرام 1448ھ صفحا 06 - ملهه 30 ويپيہ شمارو (311)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

وفاق جي مضبوطي ۽ ملڪي استحڪام لاءِ سمورن صوبن قومي مفاد کي ترجيح ڏني آهي: شرجيل ميمڻ

سنڌ حڪومت جديد تقاضن موجب مصنوعي ذهانت جون خدمتون حاصل ڪيون آهن. جنهن ذريعي اخبارن، ٽيليويزن ۽ سوشل ميڊيا تي نشر ۽ اشاعت ٿيندڙ مواد جو تجزيو ڪيو ويندو آهي

سنڌ ملڪ جو پهريون صوبو آهي جنهن صحافين جي تحفظ لاءِ "جرنلسٽس پروٽيڪشن ونگ" قائم ڪيو. سنڌ انفارميشن ڪميشن به سڀ کان پهرين صوبي ۾ قائم ڪئي وئي

ڪجھ ماڻهو پنهنجي خواهشن موجب وزارتون ورهائڻ ۽ وڏو وزير مقرر ڪرڻ جهڙا غير ذميوارانا بيان گهڙيندا آهن. جڏهن ته حقيقتون ان کان بلڪل مختلف هونديون آهن

عوام کي جديد، محفوظ ۽ معياري سفري سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي وڏن منصوبن تي ڪم ڪريون پيا. يلو لائين بي آر ٽي منصوبي تي تيزي سان اڳڀرائي جاري آهي

ٿرڪول منصوبو شهيد بينظير ڀٽو جو خواب هو. اڄ سڄو پاڪستان ان مان فائدو وٺي رهيو آهي. ان کان وڌيڪ پاڪستان جي ڀي خدمت کهڙي ٿي سگهي ٿي

انفراسٽرڪچر سيس ٽيڪس جي مد ۾ لڳ ڀڳ ٻه سئو ارب رپيا وفاقي حڪومت وٽ سنڌ جا رهيل آهن. اپوزيشن جماعتون صوبي جي انهي جائز مالي حقن لاءِ به آواز اٿارين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ اسيمبلي ۾ خطاب ڪري رهيو آهي

صدر ۽ وزيراعظم پاران بلوچستان ۾ دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

آزاد ڪشمير جي عام چونڊن لاءِ 1265 اميدوارن نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائي ڇڏيا

اسلام آباد (اي پي پي) آزاد ڪشمير جي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

بجيٽ جي تياري ۾ حصو وٺندڙ سرڪاري ملازمن کي خاص بونس ڏيڻ جو اعلان

ناڻي واري وزير پاران بجيٽ عمل ۾ مصروف عملدارن ۽ ملازمن جي محنت ۽ ڪوشش کي ساراهيو ويو

اسلام آباد (م د) وفاقي ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب وفاقي بجيٽ 2026-27 جي تياري ۾ حصو وٺندڙ سرڪاري ملازمن

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

پاڪستان دنيا ۾ امن جي علمبردار جو ڪردار ادا ڪري پيو، پاڙيسري جي پراڪسيز کي ڇيباٽي ڇڏينداسين: وزيراعظم

اسان جي پرخلوص ٿياڪڙي سان آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ تاريخي معاهدو ٿيو. دشمن اسان جي امن ۽ استحڪام کي نقصان پهچائڻ لاءِ بزدلاڻا حربا استعمال ڪري پيو

پاڪستان جي هٿياربند فوج پرڏيهي سرپرستي ۾ ٿيندڙ دهشتگردي جي لعنت جي خاتمي لاءِ ڪوشش ۾ آهي. سموري قوم هٿياربند فوج سان گڏ بيٺل آهي

اڄ آزادائي سامونڊي اچ وڃ ۽ جهاز راني جي آزادي پوري دنيا جي بنيادي ضرورت بڻجي چڪي آهي. عالمي معيشت ۽ عالمي سپلاءِ چين لاءِ ميري ٽائيم سيڪيورٽي جي اهميت وڌي وئي آهي

پاڪ بحريہ حق جي ويڙهہ آپريشن بنيان مرصوص ۾ پنهنجي صلاحيتن جي هاڪ مڃرائي، ۽ پنهنجي سامونڊي سرحدن جو تحفظ ڪندي دشمن جي عزمن کي ناڪام بڻايو

پاڙيسري ملڪ کي گذريل سال مئي ۾ ذلت جوڳو شڪست جو منهن ڏسڻو پيو اهو پاڪستان جي امن، استحڪام کي نقصان پهچائڻ لاءِ بزدلاڻا حربا ۽ پنهنجي پراسيڪين کي استعمال ڪري پيو

وزيراعظم شهباز شريف ڪراچي ۾ پاڪستان نيول اڪيڊمي پي اين ايس رهبر ۾ 125 مڊشپ مين ۽ 33هين شارٽ سروس ڪميشن ڪورس جي پاسنگ آئوٽ پريڊ جي تقريب شرڪت ڪئي

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي/ راهب گاهو) وزيراعظم محمد شهباز شريف ملڪ خلاف دشمن جي ناپاڪ ارادن کي ناڪام بڻائڻ جي پختي عزم جو ورجاءُ ڪندي چيو آهي ته پاڪستان اڄ دنيا ۾ امن جي علمبردار جو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. پاڪستان جي پرخلوص ٿياڪڙي وارين ڪوششن جي نتيجي ۾ آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ تاريخي اسلام آباد مفاهمتي يادداشت

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وزير عظم شهباز شريف نيوي جي ڪيڊٽن ۾ انعام ورهائي رهيو آهي

پاڪستان ۾ طالبان جي سرپرستي ۾ فتنہ الخوارج دهشتگرد ڪارروائيون ڪن پيا: برطانوي نمائندو

عالمي سطح تي طالبان حڪومت طرفان فتنہ الخوارج ۽ فتنہ الهندوستان جي پٺڀرائي جي تصديق ٿي چڪي آهي

ڀارتي ڪرنل (ر) راجيش پاور به افغانستان ۾ دهشتگرد تنظيمن جي پٺڀرائي جو اعتراف ڪري چڪو آهي

افغانستان ۾ دهشتگردن کي تربيت، هٿيارن جي فراهمي ۽ مالي مدد فراهم ڪئي پئي وڃي

اسلام آباد (اي پي پي) افغانستان لاءِ برطانيه جي خصوصي نمائندي رچرڊ لنڊ چيو آهي ته افغان طالبان رجيم جي پٺڀرائي ۾ پاڪستان خلاف افغان سرزمين جو دهشتگردائي ڪارروائين لاءِ استعمال هڪ

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ملڪ جي مختلف حصن ۾ 5.9 جي شدت جو زلزلو، ماڻهو خوف وچان گهرن مان نڪري آيا، ڀاڄ

اسلام آباد، راولپنڊي لاهور، ميانوالي ، چڪوال شهر ۽ ڀرپاسي ۾ زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا

شانگلا، بونير، مردان، چارسدا، سوات، صوابي، ڪوهاٽ، ڪرڪ، ملاڪنڊ، باجوڙ، هنگو، ڏکڻ وزيرستان ۾ جهٽڪا

گلگت، آزاد ڪشميروادي نيلم ۽ مظفرآباد سميت ڀرپاسي وارن علائقن ۾ به زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا

زلزلي جي شدت 5.9 رڪارڊ ڪئي وئي، مرڪز افغانستان جو هندوڪش ريجن هو: پي ڊي ايم اي

اسلام آباد (م د) اسلام آباد، لاهور ۽ خيبر پختونخواهہ جي مختلف علائقن ۾ زلزلي جا شديد لوڏا محسوس ڪيا ويا آهن. اسلام آباد ۽ راولپنڊي ريجن ۾ به زلزلي جا

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

فرانس برڪينا فاسو پاران سفارتي لاڳاپا ختم ڪرڻ جي فيصلي کي بي بنياد قرار ڏئي ڇڏيو

پيرس (اي پي پي) فرانس برڪينا فاسو

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

اسرائيل ۽ لبنان واشنگٽن ۾ فريم ورڪ معاهدي تي صحيحون ڪري ڇڏيون

معاهدي مقصد وچ اوڀر جي ٻن پراڻن مخالفن وچ امن معاهدي جي راهہ هموار ڪرڻ آهي

معاهدو پائيدار امن ۽ سلامتي لاءِ هڪ فريم ورڪ لاڳو ڪرڻ جي شروعات آهي: آمريڪي پرڏيهي وزير

واشنگٽن (اي پي پي) لبنان، اسرائيل ۽ آمريڪا هڪ ٽه ڌري فريم ورڪ (بنيادي ڍانچي جي) معاهدي تي صحيحون ڪري

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ايراني پرڏيهي وزير طرفان امن عمل کي اڳيان وڌائڻ ۾ پاڪستان جي حمايت جي تعريف

پرڏيهي وزير عباس عراقچي پاڪستان جي نائب وزيراعظم سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان ٽيليفونڪ رابطو ڪيو

خطي ۽ ان کان ٻاهر پختي امن ۽ استحڪام حاصل ڪرڻ لاءِ پاڪستان جي تعميري ڪردار جي عزم

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

سلامتي ڪائونسل ۾ پاڪستان پاران ٻارن تي مصنوعي ذهانت ۽ ڊرون حملن تي ڳڻتي ظاهر

پاڪستان جي نائب مستقل نمائندي سفير"ٻار ۽ هٿياربند تڪرار" جي موضوع تي اجلاس کي خطاب ڪيو

والاريل فلسطيني علائقن ۾ ٻارن خلاف 12 هزار کان وڌيڪ سنگين ڀڃڪڙيون افسوسناڪ آهي: عثمان جدون

هٿياربند تڪرار سبب ٻارن وڌيڪ متاثر ٿي رهيا آهن. ذميوار ڌرين جو احتساب يقيني بڻائڻ گهرجي

گڏيل قومون (اي پي پي) پاڪستان گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل کي ٻڌايو آهي ته هٿياربند جهيڙن ۾ مصنوعي ذهانت ۽ ڊرونز ٽيڪنالاجي جي وڌندڙ استعمال ٻارن کي غيرمعمولي ۽ مسلسل

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

جيڪب آباد: ڏهين محرم الحرام جو مرڪزي جلوس وڃي رهيو آهي

شهزاده فيصل بن فرحان سان عمان ۽ اردن جي پرڏيهي وزيرن جو رابطو، خطي جي تازي صورتحال تي ڳالهيون

رياض (اي پي پي) سعودي عرب جي پرڏيهي وزير شهزاده فيصل بن فرحان بن عبدالله سان عمان جي پرڏيهي وزير بدر بن

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

وينزويلا ۾ زلزلي سبب فوتين جو انگ هڪ هزار تائين پهچي ويو، گم ٿيلن جي ڳولا جاري

ٻن لاڳيتار زلزلن ڪانپوءِ پنهنجي گم ٿيل مائٽن جي ڳولا لاءِ شهري پاڻ ميدان ۾ لهي آيا

وڌيڪ وقت گذرڻ سبب ملبي هيٺيان دٻيل ماڻهن کي زنده ڪڍڻ جي اميد گهٽ آهي: امدادي ڪارڪن

ڪاراڪس (اي پي پي) اربع جي رات آيل ٻن لاڳيتار زلزلن ڪانپوءِ جمعي تي مائٽن جي ڳولا لاءِ وينزويلا جا شهري پاڻ ميدان ۾

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ايشيائي بئنڪ پاران سريلنڪا ۾ صاف توانائي لاءِ 57.4 ملين ڊالر امداد منظور

مالي مدد شمسي توانائي جي نظام ۽ ورچوئل نيٽ ميٽرنگ کي هٿي ڏيڻ لاءِ استعمال ٿيندي

صارفين پنهنجي عمارتن تي سولر پينل لڳائڻ کان سواءِ شمسي توانائي مان فائدو کڻي سگهندا

ڪولمبو (اي پي پي) ايشيائي ترقياتي بئنڪ (اي ڊي بي) سريلنڪا ۾ سستي ۽ صاف توانائي تائين رسائي وڌائڻ ۽ گرين هائوس گيسز جي خرچن ۾ گهٽتائي لاءِ

پاڪستان جو امن خراب ڪرڻ جي هر سازش کي ناڪام بڻايو ويندو: فيصل ڪريم ڪنڊي

بلوچستان ۾ دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا

پوري قوم پنهنجي بهادر سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان گڏ بيٺل آهي

پشاور (اي پي پي) خيبر پختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي بلوچستان جي علائقن خاران ۽ مستونگ ۾ ڪامياب

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

کهڙا ٽائون ۾ آئي ٽي، لائبريري ۽ ڊجيٽل ليب جو قيام نوجوانن لاءِ اهم قدم قرار

جديد آئي ٽي تربيت ۽ لائبريري وقت جي اهم ضرورت آهي: ڊاڪٽر عبدالرحمان جسڪاڻي

ڪمپيوٽر ليب، سي ايس ايس ڪارنر ۽ آرڪائيوز جو معائنو منصوبي کي قيمتي ڪوشش سڏيو

کهڙا(پ ر) 21 صدي معلومات ۽ ٽيڪنالاجي جي صدي آهي. نوجوان نسل لاءِ آئي ٽي جي تربيت ۽ ڪتاب پڙهڻ

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

کهڙا: ڊيجيٽل ليب جي افتتاح وقت ورتل گروپ فوٽو

سينٽ پيٽرسبرگ: آئيني عدالت جو چيف جسٽس امين الدين خان عالمي جوڊيشل ڪانفرنس ۾ شريڪ آهي

ترقياتي ڪمن دوران شهرين ۽ واپارين جي سهولت کي نظر ۾ رکيو وڃي: بلال اظهر ڪياني

جهلم (اي پي پي) ناڻي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني ۽ ڊپٽي ڪمشنر

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

جي سي سي پاران آبناءِ هرمز ۾ ڦاٿل سامونڊي جهازن عملي جي واپسي جي آجيان

منصوبي تحت جهازن کي هڪ عارضي سامونڊي راهداري استعمال ڪرڻ جو اختيار ڏنو ويندو

هن قدم سان آبنائي هرمز ۾ مڪمل آزادي سان بنا شرط جهاز راني کي هٿي ملندي

رياض (اي پي پي) نار تعاون ڪائونسل (جي سي سي) جي سيڪريٽري جنرل جاسم محمد البديوي عمان طرفان گڏيل قومن جي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

پاڪستان پرڏيهي پاليسي عالمي سطح تي نتيجا ڏئي رهي آهي: دانيال چوڌري

اينڊڙ مهينن ۾ قومي هدف حاصل ڪرڻ ۽ مهانگائي تي ضابطو آڻڻ ۾ مدد ملندي

وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل جي اڳواڻي ۾ ملڪ جي پرڏيهي پاليسي ۾ نمايان ڪاميابيون حاصل ٿيون آهن

اسلام (اي پي پي) سنڌ سماءُ واري وفاقي پارلياماني سيڪريٽري بئريسٽر دانيال چوڌري چيو آهي ته پاڪستان جي پرڏيهي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

سنڌ پوليس ۾ ڪيترن ئي سينيئر آفيسرن کي اضافي ذميواريون ڏنيون ويون

مظفر شيخ، ذوالفقار لاڙڪ، شرجيل ڪريم کرل، اقبال دارا ۽ تنوير عالم اوڊو کي اضافي چارج ڏنا ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ پوليس ۾

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

اپر علائقن ۾ پاڻي جي آمد ۾ واڌ ۽ سنڌ جي بيراجن تي وهڪرو معمول موجب جاري آهي: آبپاشي کاتو

تربيلا ڊيم جي سطح 1438.49 فٽ رڪارڊ، پاڻي جي آمد 155,400 ڪيوسڪ ۽ اخراج 137,000 ڪيوسڪ رهيو

گڊو بيراج تي آمد 147,359 ۽ اخراج 108,533 ڪيوسڪ، سکر بيراج تي آمد 100,250 ۽ اخراج 52,800 ڪيوسڪ رهيو

سکر (بيورو رپورٽ) 27 جون 2026 ع تي سنڌ سميت ملڪ جي مختلف بيراجن ڊيمن ۽ دريائن ۾ پاڻي جي وهڪري جا تازا انگ اکر جاري ڪيا ويا آهن جن موجب اپر علائقن ۾ پاڻي جي آمد ۾ واڌ جڏهن ته

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد ۾ جاري پروگرام "نظام صلوٰ" کي سڄي ملڪ ۾ وڌائڻ جو فيصلو

معاشري ۾ ديني تعليم کي هٿي وٺائڻ، مسجدن کي آباد ڪرڻ جي اهم ضرورت آهي

مسجدون صرف عبادتگاهون ناهن پر مسلمانن جي سماجي، اخلاقي ۽ ديني تربيت جا اهم مرڪز پڻ آهن

راولپنڊي (اي پي پي) مذهبي معاملن ۽ بين المذاهب هم آهنگي واري وفاقي وزير سردار محمد يوسف چيو آهي ته حڪومت

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

سکر: مرڪزي امام بارگاهہ مان نڪتل ماتمي جلوس پنهنجي منزل ڏانهن وڃي رهيو آهي

ڪراچي مان پڪنڪ ملهائڻ ويل ٻہ نوجوان حب ندي ۾ ٻڏي فوت ٿي ويا

نيوي ڪالوني ۽ پيپر پوره جا نوجوان پڪنڪ ملهائڻ لاءِ حب ندي ويا هئا

ٻڏي فوت ٿيل نوجوانن احسن ۽ شميم جا لاش سول اسپتال منتقل ڪيا ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) حب ندي تي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

غزه لاءِ انساني امداد کي سياسي اڳڀرائي سان ڳنڍڻ کي رد ڪريون ٿا: گڏيل قومون

گڏيل قومون (اي پي پي) غزه ۾ گڏيل قومن جي سينيئر هيومينٽيرين ۽ ري ڪنسٽرڪشن ڪوآرڊينيٽر سيگريڊڪاگ چيو آهي ته غزه جي پٽي ۾ شهري هڪ

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ملير بار ايسوسيئيشن پاران جي وڪيلن جي هڙتال، عدالتن جي ڪارروائين جو بائيڪاٽ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ملير بار ايسوسيئيشن جي وڪيلن مڪمل هڙتال ڪندي عدالتن جي ڪارروائين جو

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پوليس جي مبينا مقابلي ۾ 2 ڦورو مارجي ويا، فائرنگ دوران هڪ شهري زخمي

سپر مارڪيٽ ٿاڻي جي حد لياقت آباد ڊاڪ خانا ويجهو پوليس ۽ ڦورن وچ ۾ مبينا مقابلو ٿيو

فائرنگ جي ڏي وٺ دوران ٻہ ڦورو مارجي ويا، فائرنگ جي زد ۾ اچي هڪ شهري زخمي ٿي پيو

مارجي ويل ڦورن جي سڃاڻپ نہ ٿي سگهي، جوابدارن وٽان هٿيار ۽ موٽرسائيڪل ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سپر مارڪيٽ ٿاڻي جي حد لياقت آباد ڊاڪ خانا جي ويجهو چونا ڊيپو لڳ پوليس جي مبينا مقابلي ۾ 2 ڦورو مارجي ويا آهن پوليس موجب ڦورن جي فائرنگ ۾ هڪ شهري

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد جي سرڪاري اسڪول عالمي سطح تي تاريخي ڪاميابي ماڻي ورتي

گورنمينٽ گرلس لوئر سيڪنڊري اسڪول ٽنڊو مير غلام حسين، لطيف آباد اعزاز حاصل ڪيو

تعليم واري وزير پاران اسڪول انتظاميا، هيڊ ٽيچر، استادن، شاگردياڻين، والدين کي مبارڪباد پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي هڪ سرڪاري اسڪول عالمي سطح تي پاڪستان جو نالو روشن ڪندي تاريخي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

باڍهہ ۾ نوجوان ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت، گهر ۾ ڪهرام

پير تقي شاهہ واسي 28 ورهين جي غلام عباس ٻگهيو کي ٽڪي مان ڪرنٽ لڳو

نوجوان کي زخمي حالت ۾ اسپتال نيو پي ويو ته رستي زخمن جا سور نہ سهندي دم ڏنو

باڍهہ (ن ع) باڍهہ جي پير تقي شاهہ

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

چنيوٽ: وفاقي وزير قيصر احمد شيخ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

خانپورمهر ويجهو ملڪ برادري جي ٻن ڌرين جهيڙو، هڪ ڄڻو مارجي ويو، عورت زخمي

ڳوٺ سجاول ملڪ ۾ ملڪ برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ زمين جي پراڻي تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو

جهيڙي دوران ڪهاڙين لڳڻ سبب جمال الدين ملڪ ۽ مائي سهاڳڻ ملڪ سخت زخمي ٿي پيا

زخمين کي تعلقي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي جمال الدين زخمن جا سور نہ سهندي دم ڏئي ڇڏيو

خانپورمهر (رپورٽ: سري چند ڪيور) خانپورمهر ويجهو عادلپور ٿاڻي جي حد ڳوٺ سجاول ملڪ ۾ ملڪ برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ زمين جي پراڻي تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو جهيڙي ۾ ڪهاڙين جا وار لڳڻ سبب

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جون ڪارروائيون، فتنہ الهندستان جا 8 دهشتگرد مارجي ويا

ضلعي خاران ۾ ڪارروائي دوران ڀارتي حمايت ٽن دهشتگردن کي ماريو ويو، ڪيترائي زخمي ٿي پيا

مستونگ ۾ ڳجهي ڄاڻ تي ٻڌل آپريشن ۾ هڪ آپگهاتي بمبار سميت 5 دهشتگرد مارجي ويا

راولپنڊي (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز بلوچستان جي ضلعن خاران ۽ مستونگ ۾ 25 ۽ 26 جون تي دهشتگردي جي ٻن ڌار ڌار ڪارروائين ۾ 8 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو انهن ڪارروائين جو مقصد ڀارتي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۾ پرڏيهي سرپرستي ۾ ٿيندڙ دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين جنگ جاري رهندي: سرفراز بگٽي

ضلعي خاران ۽ مستونگ ۾ سيڪيورٽي فورسز جون 2 ڪامياب ڪارروائيون قابل تحسين آهن

سيڪيورٽي فورس بلوچستان ۾ امن ۽ عوام جي تحفظ لاءِ دشمن جي ناپاڪ ارادن کي ناڪام بڻائي رهي آهي

دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين اها جنگ پوري قوت، قومي عزم ۽ ثابت قدمي سان جاري رهندي

ڪوئيٽا (اي پي پي) بلوچستان جي وڏي وزير سرفراز بگٽي چيو آهي ته بلوچستان ۾ فتنہ الهندوستان خلاف خاران ۽ مستونگ ۾ سيڪيورٽي فورسز جون 2 ڪامياب ڪارروائيون قابل تحسين آهن ڇنڇر ڏينهن

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

پاڪ سرزمين تي فتني ۽ دهشتگردي پکيڙيندڙن لاءِ ڪا بہ جاءِ ناهي: وڏو وزير

سيڪيورٽي فورسز ملڪ ۾ امن امان قائم ڪرڻ جي مشن تي ثابت قدمي سان ڪم ڪري رهيون آهن

بلوچستان ۾ 8 دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي ڀرپور خراج تحسين پيش ڪريون ٿا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ بلوچستان ۾ دهشتگردن خلاف سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب ڪاررواين کي ساراهيو آهي وڏي وزير خاران ۽ مستونگ ۾ 8 دهشتگردن کي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

حڪومت عالمي ذميوارين تحت صارفين تائين فائدو پهچائڻ لاءِ پرعزم آهي: علي پرويز ملڪ

وزيراعظم هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي قيمت ۾ مجموعي طور 200 روپيا في ليٽر گهٽتائي ڪئي آهي

هن وقت تائين پيٽرول جي قيمتن ۾ مجموعي طور 155 روپيا في ليٽر لاٿ ڪئي وئي آهي

اسلام (اي پي پي)پيٽروليم واري وفاقي وزير علي پرويز ملڪ پيٽروليم قيمتن جي حوالي سان چيو آهي ته حڪومت نہ نہ

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وزيراعظم شهباز شريف جو وڏو وزير آڌر ڀاءُ ڪري رهيو آهي

وزيراعظم پاران عاشوره تي فول پروف سيڪيورٽي انتظامن تي گهرو وزارت ۽ سيڪيورٽي ادارن کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

واپڊا پاران ملڪ جي آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي صورتحال جا انگ اکر جاري

اسلام آباد (اي پي پي) واپڊا ترجمان چيو

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

زيورچ: مملڪتي وزير بلال بن ثاقب تقريب ۾ ڳالهائي رهيو آهي

سنڌ ۾ يوم عاشورا پرامن نموني مڪمل ٿيو، سيڪيورٽي هاءِ الرٽ هئي: گهرو وزير

حيدرآباد ۾ مرڪزي جلوس جي سيڪيورٽي جو جائزو عزادارن ۽ انتظاميا جي سهڪار سان امن قائم رهيو

صوبي ۾ 53 هزار کان وڌيڪ پوليس اهلڪار مقرر، رينجرز، پاڪ فوج ۽ سي ٽي ڊي پڻ ڊيوٽي ڏنيون: ضياءُ لنجار

حيدرآباد ۾ سيف سٽي منصوبي جو اعلان، پوليس مسئلن ۽ اسيمبلي واقعي تي قانوني ڪارروائي جو اشارو

حيدرآباد(رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار يوم عاشور جي موقعي تي حيدرآباد پهچي مرڪزي ماتمي جلوس جي سيڪيورٽي انتظامن جو تفصيلي جائزو وٺڻ بعد ميڊيا

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

معيشت جي اصل طاقت مائيڪرو ننڍي ۽ وچولي درجي جا ڪاروبار آهن: هارون اختر خان

هر ڪامياب معيشت جي مرڪز ۾ هڪ باهمت ڪاروباري شخصيت بيٺل آهي

پاڪستان جا 71 لک 40 هزار ايم ايس ايم ايز قومي معيشت ۾ ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکن ٿا

اسلام آباد (اي پي پي) صنعتن ۽ پيداوار بابت وزيراعظم جي خاص مددگار هارون اختر ورلڊ مائيڪرو سمال اينڊ ميڊيم انٽر

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ملتان: هڪ مزدور نينگري بصرن جي ڇانٽي ڪري رهي آهي

بحرين پاران روس ۽ يوڪرين قيدين جي مٽا سٽا ۾ اماراتي ٿياڪڙي جي آجيان

ٿياڪڙي يوڪرين بحران جي پرامن حل جي امڪانن کي هٿي وٺرائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي

گڏيل عرب امارات جون سفارتي ۽ انساني همدردي تي ٻڌل ڪوششون ساراهہ جوڳيون آهن

مناما (اي پي پي) بحرين، روس ۽ يوڪرين وچ ۾ قيدين جي مٽا سٽا لاءِ گڏيل عرب امارات جي ڪامياب ٿياڪڙي جي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

پي سي بي پاران ڊوميسٽڪ ڪرڪيٽ جي ڊيپارٽمنٽل ٽورنامنٽس جي شيڊول جو اعلان

لاهور (اي پي پي) پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ ڊوميسٽڪ ڪرڪيٽ سيزن 27-2026 ع جي ڊيپارٽمنٽل ٽورنامنٽس جي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

اروناچل پرديش ۾ روڊ حادثو، هڪ ڀارتي فوجي فوت، 2 زخمي

ايٽانگر (اي پي پي) ڀارتي رياست اروناچل پرديش ۾ فوج جي ٽرڪ کاهي ۾ ڪرڻ سبب هڪ فوجي فوت جڏهن 2 زخمي ٿي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ روڊ حادثا ، هڪ نوجوان فوت ۽ ليڊي ڊاڪٽر زخمي ٿي پئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ روڊ حادثي ۾ نوجوان فوت ٿي ويو ۽ رڪشي جي ٽڪر ۾ عورت ڊاڪٽر زخمي ٿي پئي

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ڏهين محرم الحرام جي سلسلي ۾ سبيل ورهائي پئي وڃي

ڪراچي ۾ ڦرلٽ جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث ٽولي جا 5 جوابدار گرفتار

رينجرز اهلڪارن سهراب ڳوٺ مڇر ڪالوني مان ٻچو ڦورو ٽولي جا جوابدار سوگهہ ڪيا

گرفتار جوابدارن ۾ اجمل خان عرف شاهي، انيس خان، عبيدالله، سجاد عرف طور مواسي ۽ لال خان شامل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز (سنڌ) ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي سهراب ڳوٺ مڇر ڪالوني مان ڦرجي

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

غزه لاءِ انساني امداد کي سياسي اڳڀرائي سان ڳنڍڻ کي رد ڪريون ٿا: گڏيل قومون

گڏيل قومون (اي پي پي) غزه ۾ گڏيل قومن جي سينيئر هيومينٽيرين ۽ ري ڪنسٽرڪشن ڪوآرڊينيٽر سيگريڊڪاگ چيو آهي ته غزه جي پٽي ۾ شهري هڪ

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

ڀارتي جيل ۾ فوت ٿيل پاڪستاني مهاڻي جو لاش ڪراچي آندو ويو، تدفين

ايڌي فائونڊيشن انساني همدردي جي بنياد تي لاش جي وطن واپسي جا سڀ مرحلا مڪمل

فوت ٿيل مهاڻي اسماعيل جو لاش ايمبولينس ذريعي ڪياماڙي نيو وين علائقي ۾ سوڳ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڀارتي جيل ۾ فوت

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

سکر ميونسپل جو مالي سال27-2026 ع جو 13 ارب 95 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ جو بجيٽ منظور

ميئر بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ جي صدارت ۾ ٿيل اجلاس ۾ بجيٽ اڪثريتي راءِ سان منظور ڪيو ويو

شهري انفراسٽرڪچر جي بهتري ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ 54 ڪروڙ رپيا مختص ڪيا ويا

جاري ترقياتي منصوبن تي 2 ارب 22 ڪروڙ 12 لک 90 هزار 800 رپيا خرچ ڪيا ويندا. ميئر سکر

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ميونسپل ڪارپوريشن مالي سال 27 -2026 ع جو 13 ارب 95 ڪروڙ 12 لک 57 هزار 4 رپين مالي جو بجيٽ اڪثريتي راءِ سان منظور

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

دادو پيپلزپارٽي جو مضبوط قلعو آهي اينڊڙ وزيراعظم بلاول ڀٽو زرداري ٿيندو: پير مظهرالحق

پارٽي جو اصل سرمايو ڪارڪن آهن، نون عهديدارن جي چونڊ ان جو ثبوت آهي

دادو جي عوام هميشہ شهيد ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو سان وفاداري نڀائي آهي

دادو (ن ر) پاڪستان پيپلزپارٽي جي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي جي ميمبر ۽ اڳوڻي سينئر صوبائي وزير تعليم پير مظهرالحق

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 2

دادو: پ پ جو مرڪزي اڳواڻ پير مظهرالحق اجلاس ۾ شريڪ آهي

پاڪستان ۾ سون جي قيمت ۾ هڪ هزار رپيا في تولو گهٽتائي

اسلام آباد (اي پي پي) سون جي قيمت ۾ هڪ هزار رپيا في تولو جي گهٽتائي ٿي آهي آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن مطابق ڇنڇر ڏينهن 24

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

ويڙهہ سٽيل علائقن ۾ ٻارن جي تحفظ لاءِ قدم کنيا وڃن، سعودي عرب

گڏيل قومون (اي پي پي) سعودي عرب سلامتي ڪائونسل کان مطالبو ڪيو آهي ته ويڙهہ سٽيل علائقن ۾ ٻارن جي تحفظ

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

تي صحيحون ٿيون دشمن اسان جي امن ۽ استحڪام کي نقصان پهچائڻ لاءِ بزدلاڻا حربا ۽ پنهنجا حمايتي استعمال ڪري رهيو آهي هٿياربند فوج پرڏيهي سرپرستي ۾ ڦهلجندڙ دهشتگردي جي لعنت جي خاتمي لاءِ ڪوششن ۾ آهي سموري قوم پنهنجي هٿياربند فوج سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل آهي پاڪستان سمورن حل طلب مسئلن جي حل لاءِ امن ڳالهين ۽ سفارتڪاري جي پاليسي تي عمل پيرا آهي خطي جي بدلجندڙ صورتحال عالمي معيشت ۽ عالمي سپلاءِ چين لاءِ ميري ٽائيم سيڪيورٽي جي اهميت کي اڳ کان وڌيڪ اجاگر ڪيو آهي اڄ آزاداڻي سامونڊي اچ وڃ ۽ جهاز راني جي آزادي پوري دنيا جي بنيادي ضرورت بڻجي چڪي آهي حڪومت پاڪ بحريه کي وڌيڪ مضبوط موثر ۽ جديد دفاعي فورس بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي انهن خيالن جو اظهار هن ڇنڇر ڏينهن هتي پاڪستان نيول اڪيڊمي پي اين ايس رهبر ۾ 125 مڊشپ مين ۽ 33هين شارٽ سروس ڪميشن ڪورس جي پاسنگ آئوٽ پريڊ جي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو تقريب ۾ دفاع واري وفاقي وزير خواجه محمد آصف، سنڌ سماءَ بابت وفاقي وزير عطاالله تارڙ سنڌ جو گورنر وڏو وزير پاڪ بحريه جو سربراهه ايڊمرل نويد اشرف ۽ ٻيا اعليٰ آفيسر به موجود هئا. تقريب ۾ پهچڻ تي پاڪ بحريه جي سربراهه ايڊمرل نويد اشرف وزيراعظم جي آجيان ڪئي ان موقعي تي وزيراعظم کي گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو وزيراعظم پريڊ جو معائنو ڪيو وزيراعظم اعليٰ ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪرڻ تي ڪيڊٽس ۾ اعزاز به ورهايا، مڊشپ مين عمر مختار کي مجموعي بهترين ڪارڪردگي تي اعزازي شمشير سان نوازيو ويو آفيسر ڪيڊٽ حافظ محمد احمد منور کي چيف آف ڊفينس فورسز گولڊ ميڊل سان نوازيو ويو اڪيڊمي ڊرگ مڊشپ مين جو اعزاز هاجي عباس خان جي حصي ۾ آيو شارٽ سروس ڪميشن ڪورس جي آفيسر ڪيڊٽ الويرا حمزه کي ڪمانڊنٽ گولڊ ميڊل سان نوازيو ويو تقريب ۾ ڪيڊٽ آفيسرن کان پيشيوارانو حلف ورتو ويو جڏهن ته پاڪ بحريه جي هيليڪاپٽرن ۽ سامونڊي جهازن سلامي پيش ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي وزيراعظم چيو ته پاسنگ آئوٽ پريڊ ۾ شرڪت تي کيس خوشي ٿي آهي سمورن پاس آئوٽ ٿيل ۽ اعزاز حاصل ڪندڙ ڪيڊٽس کي مبارڪون پيش ڪيان ٿو وزيراعظم چيو ته مون کي خوشي ٿي آهي ته پاس آئوٽ ٿيلن ۾ برادر ملڪن ترڪي، بحرين، بنگلاديش، عراق، سريلنڪا ۽ جبوتي سان تعلق رکندڙ ڪيڊٽس به شامل آهن مون کي اميد آهي ته ان بهترين تربيتي مرڪز مان حاصل ٿيندڙ علم تربيت ۽ پيشيوارائي مهارت سندن لاءِ پوري ڪيريئر دوران انتهائي فائديمند ثابت ٿيندي ۽ هو پنهنجي پنهنجي ملڪن جي بحريه جي پيشيوارائي سرگرمين ۾ اثرائتي طريقي سان حصو وٺي سگهندا، سڀ کان اهم ڳالهه هي آهي ته هتي تربيت دوران انهن جون خوشگوار يادون دوستي ۽ تعلق اسان جي دوست ملڪن جي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا وزيراعظم چيو ته تقريب ۾ پاس آئوٽ ٿيندڙ ڪيڊٽس جا خاندان ۽ دوست به موجود آهن انهن جون دعائون حمايت ۽ تعاون اوهان جي ڪاميابين ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ جڏهن اوهان پاڪ بحريه ۾ فخر لائق ڪيريئر جي شروعات ڪري رهيا آهيو ته هو اوهان لاءِ هڪ عظيم طاقت رهندا. وزيراعظم اڪيڊمي ۾ تربيت جي اعليٰ معيار جي فراهمي ڊسيپلين جي قيام ۽ مثالي ليڊرشپ کي يقيني بڻائڻ تي اڪيڊمي جي ڪمانڊنٽ، فيڪلٽي ۽ ٽريننگ اسٽاف کي خراج تحسين پيش ڪيو وزيراعظم چيو ته مون کي اعتماد آهي ته ڪميشن حاصل ڪندڙ آفيسرز نه رڳو پنهنجو پاڻ علم ۽ مهارت سان فائدو ڪندا پر جرئت ۽ بهادري ۽ مقابلي جي جذبي سان سرشار رهندا جيڪو مستقبل جي چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ گهربل هوندو ۽ پنهنجي پنهنجي بحريه جي شاندار روايتن کي برقرار رکندا. وزيراعظم چيو ته هو هن اڪيڊمي ۾ اهڙي موقعي تي خطاب ڪري رهيو آهي جڏهن عالمي سطح تي وڏيون تبديليون ظاهر ٿي رهيون آهن. جيڪي اسان جي زندگين تي اهڙا اثر ڇڏي رهيون آهن جن جو پهرين ڪڏهن به تصور نه ڪيو ويو هو وزيراعظم چيو ته اڄ پاڪستان کي فخر آهي ته هو الله جي فضل ۽ ڪرم سان دنيا ۾ امن جي علمبردار جو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي پاڻ ۽ دوست ملڪن جي تعاون سان پاڪستان جي پرخلوص ٽياڪڙي وارين ڪوششن جي نتيجي ۾ آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ تاريخي اسلام آباد مفاهمتي يادداشت تي صحيحون ٿيون آهن جنهن تي مون کي به ٽياڪڙ طور صحيح ڪرڻ جو اعزاز حاصل ٿيو وزيراعظم امن جي قيام لاءِ ڏينهن رات اڻٿڪ ڪوشش ڏيڻ تي امن ۽ هم آهنگي جي رستي تي اڳتي لاءِ چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير کي خراج تحسين پيش ڪيو وزيراعظم چيو ته ايران جي صدر ڊاڪٽر مسعود پزشڪيان جي پاڪستان جي تازي دوري سان نه رڳو پاڪستان ۽ ايران جي ڀائرن لاڳاپن جي عڪاسي ٿئي ٿي پر هي خطي ۾ امن کي هٿي ڏيڻ لاءِ پاڪستان جي ڪوشش جو به اعتراف آهي وزيراعظم چيو ته خطي جي بدلجندڙ صورتحال عالمي معيشت ۽ عالمي سپلاءِ چين لاءِ ميري ٽائيم سيڪيورٽي جي اهميت جي حقيقت کي اڳ کان وڌيڪ اجاگر ڪيو آهي اڄ آزاداڻي سامونڊي اچ وڃ ۽ جهاز راني جي آزادي هڪ سهولت ئي نه پر پوري دنيا جي بنيادي ضرورت بڻجي چڪي آهي وزيراعظم چيو ته حڪومت پاڪ بحريه کي وڌيڪ مضبوط، موثر ۽ جديد دفاعي فورس بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي جيڪو نه رڳو اسان جي قومي دفاع کي يقيني بڻائڻ جي موثر صلاحيت رکي ٿو پر وسيع بنيادن تي ميري ٽائيم ريجن ۾ به ڀرپور ڪردار ادا ڪري سگهي پاڪ بحريه حق جي ويڙهه آپريشن بنيان مرصوص ۾ پنهنجي صلاحيتن جي هاڪ مڃرائي ۽ پنهنجي سامونڊي سرحدن جو تحفظ ڪندي دشمن جي عزمن کي ناڪام بڻايو حق جي ويڙهه ۾ پاڪ بحريه جو شاندار ڪردار رهيو هن ڪيڊٽس کي مخاطب ٿيندي چيو ته اوهان پاڪ بحريه جي هيروز ڪموڊور ايس ايم انور ڪمانڊر ظفر محمد خان ۽ وائيس ايڊمرل احمد تسنيم جي فخر جوڳي ميراث جا وارث آهيو جن جي جرئت ۽ بهادري، قرباني ۽ پيشيوارائي مهارت پاڪستان لاءِ هڪ اعزاز آهي اوهان به حوصلي، عزم، ڊسيپلين ۽ وقار جي قدرن کي هٿي ڏيڻ لاءِ ثابت قدم رهيا، مون کي يقين آهي ته اوهان مادر وطن جي دفاع لاءِ هر چئلينج جو ثابت قدمي جوش ۽ جذبي ۽ عزم سان مقابلو ڪندا ۽ جيڪا تربيت ۽ پيشيوارائو تجربو حاصل ڪيو آهي اهو عملي ميدان ۾ اوهان جي ڀرپور ڪم ايندو وزيراعظم چيو ته اڄ ڪميشن حاصل ڪندڙ آفيسر صرف علم ۽ مهارت ئي نه پر اعتماد، حوصلي ۽ جنگي جذبي سان به ليس ٿي نڪري رهيا آهيو جيڪي مستقبل جي چئلينجز کي منهن ڏيڻ لاءِ ضروري آهن هن چيو ته هي آفيسر اهڙي دور ۾ پاڪ بحريه جو حصو بڻجي رهيا آهن جڏهن سامونڊي شعبو تيزي سان جديد ٽيڪنالاجي، مصنوعي ذهانت ۽ بنا پائليٽ نظام ڏانهن وڌي رهيو آهي هن نون آفيسرن تي زور ڀريو ته عزم، جرئت، نظم و ضبط، ديانتداري ۽ وفاداري جهڙن قدرن کي هميشه مقدم رکن وزيراعظم چيو ته اڄ انهن آفيسرن جي ڪلهن تي سجندڙ رينڪ هڪ وڏي ذميواري جي علامت آهي پرسڪون سمنڊ ڪڏهن ملاح جي آزمائش نٿو وٺي ۽ نه ئي موافق هوائون هڪ ڪپتان جي صلاحيت جو معيار هونديون آهن. پر طوفاني سمنڊ ۽ تيز هوائون ئي انسان جي حوصلي جو اصل امتحان هونديون آهن وزيراعظم خطي جي بدلجندڙ سيڪيورٽي صورتحال سيڪيورٽي ماحول ۾ آپريشن محافظ البحر ذريعي بندرگاهن ڏانهن توانائي جي بنا رڪاوٽ فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ ڪيل ڪوشش ۾ پاڪ بحريه جي ڪردار کي ساراهيو هن چيو ته پاڪستان کي عالمي ۽ پرڏيهي خطرن جي نظر ۾ رکندي مختلف سيڪيورٽي چئلينجز سامهون آهن اسان جي اوڀرندي پاڙيسري کي گذريل سال مئي ۾ جيڪو ذلت جوڳي شڪست جو منهن ڏسڻو پيو هو اسان جي ملڪ جي امن، استحڪام کي نقصان پهچائڻ لاءِ بزدلاڻا حربا ۽ پنهنجي پراڪسين کي استعمال ڪري رهيو آهي جڏهن ته اسان جي بهادر هٿياربند فوج پرڏيهي پٺڀرائي ۾ ڦهلجندڙ دهشتگردي جي لعنت جي خاتمي لاءِ ڪوشش ۾ آهي پوري پاڪستاني قوم پنهنجي بهادر هٿياربند فوج سان گڏ آهي، پورو ملڪ دشمن جي ناپاڪ عزم کي ناڪام بڻائڻ لاءِ پختو عزم رکي ٿو جڏهن ته پاڪستان سمورن حل طلب مسئلن جي حل لاءِ امن ڳالهين ۽ سفارتڪاري جي پاليسي تي عمل پيرا آهي وزيراعظم ڪشمير فلسطين ۽ غزه جي عوام جي حمايت لاءِ به پاڪستان جي پختي عزم جو ورجاءُ ڪيو. وزيراعظم اعزاز حاصل ڪندڙ ۽ ٻين ڪيڊٽس سان گڏ گروپ فوٽو ٿيو جڏهن ته وزيراعظم مهمانن جي ڪتاب ۾ تاثرات پڻ لکيا.

ڪليل حقيقت آهي پاڪستان خلاف ڀارتي سرپرستي ۾ افغان سرزمين جو استعمال هاڻي ڪا لڪيل حقيقت نه آهي عالمي سطح تي طالبان حڪومت طرفان فتنه الخوارج ۽ فتنه الهندوستان جي پٺڀرائي جي تصديق ٿي چڪي آهي ڀارت جي ڪرنل (ر) راجيش پاور به ڀارت طرفان پاڪستان خلاف افغانستان ۾ دهشتگرد تنظيمن جي پٺڀرائي جو اعتراف ڪري چڪو آهي ڀارتي فوج جي رٽائرڊ ڪرنل راجيش پاور مطابق فتنه الهندوستان ۽ فتنه الخوارج کي پاڪستان ۾ دهشتگردي لاءِ افغان سرزمين ڀارتي مالي مدد ۽ اسرائيلي انٽيليجنس جي مدد حاصل آهي افغانستان لاءِ برطانيه جي خصوصي نمائندي به پاڪستان ۾ دهشتگردي جي استعمال ۾ افغان طالبان جو چهرو بي نقاب ڪري ڇڏيو افغانستان لاءِ برطانيه جي خصوصي نمائندي رچرڊ لنڊ هڪ ٽي وي کي انٽرويو ڏيندي چيو ته طالبان رجيم جي سرپرستي ۾ فتنه الخوارج (ٽي ٽي پي) پاڪستان ۾ دهشتگرد ڪارروائيون ڪري رهيا آهن هن چيو ته افغانستان ۾ دهشتگردن کي تربيت، هٿيارن جي فراهمي ۽ مالي مدد فراهم ڪئي پئي وڃي دفاعي ماهرن مطابق ڀارت ۽ افغانستان ڊگهي عرصي کان پراڪسيز ذريعي پاڪستان ۾ دهشتگردي جي سرپرستي ڪري رهيا آهن ڀارتي فوجي آفيسر بعد برطانوي نمائنده جو افغانستان ۾ سرگرم دهشتگرد نيٽ ورڪس جو اعتراف پاڪستان جي موقف جي تائيد آهي.

جهٽڪا محسوس ڪيا ويا آهن. پنجاب ۾ لاهور ميانوالي شهر ۽ ڀرپاسي وارن علائقن چڪوال شهر ۽ ڀرپاسي ۾ زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا. ان کانسواءِ خيبر پختونخواهه ۾ شانگلا بونير مردان چارسدا سوات، صوابي ڪوهاٽ ڪرڪ ملاڪنڊ، باجوڙ هنگو لوئر دير ڏکڻ وزيرستان لوئر ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا آهن. آزاد ڪشمير ۾ وادي نيلم ۽ مظفرآباد سميت ڀرپاسي وارن علائقن ۾ به زلزلي جا جهٽڪا محسوس ڪيا ويا آهن. گلگت بلتستان ۾ ديامر شهر ۽ ڀرپاسي ۾ زلزلي جا شديد جهٽڪا محسوس ڪيا ويا آهن. پنجاب ڊزاسٽر مينيجمينٽ اٿارٽي (پي ڊي ايم اي) صوبي ۾ محسوس ڪيل زلزلي بابت رپورٽ جاري ڪري ڇڏي. رپورٽ موجب، لاهور فيصل آباد، راولپنڊي، اٽڪ چڪوال، ميانوالي ملتان، پوٺوهار ريجن سميت پنجاب جي مختلف ضلعن ۾ زلزلي جا جهٽڪا محسوس ڪيا ويا. پي ڊي ايم اي جي ترجمان موجب، ريڪٽر اسڪيل تي زلزلي جي شدت 5.9 رڪارڊ ڪئي وئي، جڏهن ته ان جو مرڪز افغانستان جو هندوڪش ريجن هو زلزلي جي زمين اندر 191 ڪلوميٽر رڪارڊ ڪئي وئي. پي ڊي ايم اي موجب، زلزلي کانپوءِ لاڳاپيل ضلعي انتظاميا کي فوري طور تي الرٽ ڪيو ويو آهي ۽ مختلف علائقن ۾ عمارتن جو جائزو وٺڻ ۽ ڪنهن به امڪاني نقصان جو اندازو لڳائڻ جو عمل جاري آهي. پي ڊي ايم اي جو چوڻ آهي ته صوبائي ڪنٽرول روم سميت سڄي پنجاب جا سمورا ضلعي ايمرجنسي آپريشن سينٽرز 24 ڪلاڪ فعال آهن ۽ صورتحال جي مسلسل نگراني ڪئي پئي وڃي. پي ڊي ايم اي جي ترجمان شهرين کي اپيل ڪئي آهي ته جيڪڏهن زلزلي سبب ڪنهن به قسم جي جاني يا مالي نقصان جي اطلاع هجي ته ترت پي ڊي ايم اي جي هيلپ لائن 1129 تي رابطو ڪن ته جيئن وقت سر امدادي ڪارروائيون عمل ۾ آڻي سگهجن.

پاران سفارتي لاڳاپا فوري طور ختم ڪرڻ جي فيصلي کي بي بنياد قرار ڏيندي چيو آهي ته اهو قدم برڪينا فاسو جي حڪومت جي ڳڻتي جوڳي طرز عمل جي عڪاسي ڪري ٿو پرڏيهي ميڊيا مطابق فرانس جي حڪومت چيو آهي ته هو برڪينا فاسو جي فيصلي جي جواب ۾ مناسب جوابي قدمن تي غور ڪري رهي آهي ٻئي پاسي برڪينا فاسو جي وزيراعظم جي آفيس پاران جاري بيان ۾ چيو ويو ته حڪومت ٻه طرفا لاڳاپن جو جامع جائزو وٺڻ بعد فرانس سان سفارتي لاڳاپا فوري طور ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي بيان مطابق گڏيل احترام، اعتماد، اندروني معاملن ۾ عدم مداخلت ۽ قومي خودمختياري جهڙن اصولن تي ٻڌل لاڳاپا برقرار رکڻ لاءِ ضروري حالتون هاڻي موجود ناهن رهيون، جنهن سبب اهو فيصلو ڪيو ويو.

ڇڏيون آهن. جنهن جو مقصد وچ اوڀر جي انهن ٻن پراڻن مخالفن وچ امن معاهدي جو رستو هموار ڪرڻ آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق صحيحن جي تقريب جي موقعي تي آمريڪي پرڏيهي وزير مارڪوروبيو چيو ته اسانکي لبنان جي خودمختيار حڪومت ۽ يقيني طور اسرائيل جي حڪومت وچ ۾ آمريڪا جي ٽياڪڙي ۽ سهڪار سان هڪ فريم ورڪ معاهدي جو اعلان ڪندي خوشي ٿي رهي آهي. هن چيو ته هو ته اهو معاهدو پائيدار امن ۽ سلامتي لاءِ هڪ فريم ورڪ لاڳو ڪرڻ جي شروعات آهي واضح رهي ته ان معاهدي جي تفصيل جو اعلان ناهي ڪيو ويو.

پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي آهي پرڏيهي آفيس پاران ڇنڇر ڏينهن جاري بيان موجب نائب وزيراعظم سينيٽر محمد اسحاق ڊار خطي ۾ ان کان ٻاهر پختي امن ۽ استحڪام حاصل ڪرڻ لاءِ پاڪستان جي تعميري ڪردار جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي امن جي عمل کي اڳيان وڌائڻ ۾ پاڪستان جي مسلسل حمايت جي تعريف ڪئي هن ايراني عملي جي ميمبرن ۽ ماهيگيرن جي محفوظ طريقي سان وطن واپسي ۾ سهولت فراهم ڪرڻ جي پڻ پاڪستان جو ٿورو ادا ڪيو ٻنهي اڳواڻن گڏيل رابطي ۾ رهڻ تي اتفاق ڪيو.

حملن جي ضد ۾ آڻي ڇڏيو آهي. جڏهن ته 2025ع دوران ٻارن خلاف سنگين ڀڃڪڙين جي انگ ۾ رڪارڊ سطح تائين واڌ ٿي آهي گڏيل قومن ۾ پاڪستان جي نائب مستقل نمائندي سفير عثمان جدون "ٻار ۽ هٿياربند تڪرار" جي موضوع تي سلامتي ڪائونسل جي اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته جديد جنگي ٽيڪنالاجي خاص ڪري بنا پائليٽ ڊرونز ۽ مصنوعي ذهانت سان ليس هٿيار جنگ جي نوعيت کي وڌيڪ خطرناڪ بڻائي ڇڏيو آهي. جنهن سبب ٻار وڌيڪ متاثر ٿي رهيا آهن. هن والاريل فلسطيني علائقن ۾ ٻارن خلاف 12 هزار کان وڌيڪ سنگين ڀڃڪڙين کي انتهائي افسوسناڪ قرار ڏيندي چيو ته اهڙن واقعن جي ذميوار ڌرين جو احتساب يقيني بڻائڻ گهرجي پاڪستاني نمائندي چيو ته هٿياربند تڪرار ۽ پرڏيهي قبضي کان متاثر ٻارن جي ڏکيائين جي خاتمي لاءِ تڪرارن جي بنيادي سببن جو حل احتياطي سفارتڪاري، پرامن ذريعن سان تڪرارن جي حل ۽ عالمي قانون تي اثرائتي عملدرآمد ضروري آهي هن ٻارن جي تحفظ لاءِ موثر نگراني جي نظام، اسڪولن ۽ اسپتالن تي حملن جي خاتمي ۽ اسڪولن کي عسڪري استعمال کان محفوظ رکڻ، محفوظ تعليمي نظام کي هٿي ڏيڻ ۽ انساني امداد جي بنا رڪاوٽ فراهمي تي پڻ زور ڀريو.

حمد بن حمود البوسعيدي ۽ اردن جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير ايمن الصفدي ٽيليفونڪ رابطو ڪيو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق ٻنهي ملڪن جي پرڏيهي وزيرن شهزاده فيصل بن فرحان سان ڌار ڌار ٽيليفونڪ رابطو ڪيو ٽيليفونڪ رابطي ۾ خطي جي تازي صورتحال ۽ ٿيل اڳڀرائي تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ۽ ٻه طرفا رابطن ۽ مشاورت جي حوالي سان ان جي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.

لهي آيا پرڏيهي ميڊيا مطابق شهرين جو چوڻ هو ته سرڪاري امدادي ٽيمون نه هجڻ جي برابر آهن ان تباهي ۾ فوتين جو انگ وڌي گهٽ ۾ گهٽ 920 ٿي ويو آهي جڏهن ته 51 هزار کان وڌيڪ ماڻهو گهر آهن اربع تي آيل انهن زلزلن جي شدت ريڪٽر اسڪيل تي 7.2 ۽ 7.5 هئي امداد جي کوٽ متاثر خاندانن جي ڏکيائين ۾ اضافو ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته هر گذرندڙ ڪلاڪ سان ملبي هيٺان دٻيل ماڻهن کي زنده ڪڍڻ جي اميد گهٽجي رهي آهي ان سانحي کي جمعي تائين اٽڪل ٽي ڏينهن ٿي چڪا هئا امدادي ادارن مطابق شروعاتي 48 کان 72 ڪلاڪ زندهه ماڻهن کي ڪڍڻ لاءِ انتهائي اهم هوندا آهن ۽ خوراڪ ۽ پاڻي جي دستيابي جي صورت ۾ اهو مدو وڌي به سگهي ٿو پناهگيرن جي عالمي اداري مطابق اٽڪل 67 لک ماڻهو متاثر ٿي سگهن ٿا. جن مان 20 لک رڳو گادي واري شهر ڪراڪس ۾ آهن.

انٽيليجنس بيسڊ آپريشنز دوران 8 دهشتگردن کي جهنم واصل ڪرڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو آهي گورنر جي پبلڪ رليشنز آفيس طرفان جاري بيان ۾ گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته هندوستان جي سرپرستي رکندڙ فتنه الخوارج جهڙن اسلام ۽ ملڪ دشمن عنصرن ۽ انهن جي سهولتڪارن خلاف سيڪيورٽي فورسز جون فوري ۽ اثرائتيون ڪارروائيون تعريف جوڳيون آهن هن انهن ڪارروائين تي بلوچستان حڪومت ۽ سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو هن چيو ته دهشتگردي جي مڪمل خاتمي ۽ ملڪ ۾ پائيدار امن جي قيام لاءِ سيڪيورٽي فورسز جون قربانيون پوري قوم لاءِ فخر جا سبب آهن گورنر چيو ته پاڪستان جي امن کي خراب ڪرڻ جي هر سازش کي ناڪام بڻايو ويندو دهشتگرد عنصرن خلاف ڪارروايون قومي عزم جي عڪاس آهن هن ان عزم جو اظهار ڪيو ته پوري قوم پنهنجي بهادر سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان گڏ بيٺل آهي فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته دهشتگردي جي ناسور جي مڪمل خاتمي تائين اهڙيون ڪارروائيون جاري رهنديون.

هڪ شاندار لائبريري ۽ ڊجيٽل ڪمپيوٽر ليبارٽري جو قيام ڪنهن نعمت کان گهٽ ناهي انهن خيالن جو اظهار مشهور تعليمدان ڊاڪٽر عبدالرحمان جسڪاڻي مخدوم عبدالرحمان شهيد ڪلچرل ايجوڪيشنل اينڊ ويلفيئر ٽرسٽ ڪوٽڙي ڏائون جي چيئرمين پير مخدوم نديم احمد هاشمي جي دعوت تي ڪيس جڏهن ته درگاهه جي لائبريري، ڪمپيوٽر ليب، سي ايس ايس ڪارنر، آڊيو ريڪارڊ گرلز آئي ٽي ليب ۽ آرڪائيوز سيڪشن ۾ قديم تاريخي ۽ اسلامي ڪتابن قرآن پاڪ ۽ ٻين نادر ۽ ناياب نسخن جو معائنو ڪيو ڊاڪٽر جسڪاڻي ان کي ڪمپيوٽر کي ۽ ان جي آس پاس جي نوجوان شاگردن لاءِ هڪ قيمتي ڪوشش قرار ڏنو هن چيئرمين ٽرسٽ پير مخدوم نديم احمد هاشمي جي سنڌس مدد ۽ ٻين انسان دوست ۽ ادارن جي تعاون سان هڪ عظيم الشان ريسورس سينٽر قائم ڪرڻ ۽ مستقبل ۾ مختلف يونيورسٽين سان ايم او يو تي صحيح ڪرڻ تي مبارڪباد ڏني ان موقعي تي ڀٽ شريف جي روحاني درگاهه جي سجاده نشين مخدوم عبدالحفيظ صديقي پڻ مخدوم نديم احمد هاشمي جي خدمتن کي سماج لاءِ هڪ اعليٰ ۽ مثالي خدمت قرار ڏنو.

جهلم جي صدارت هيٺ تعلقي روڊ سادل بازار جهلم تي ٽريفڪ مينيجمينٽ ۽ جاري بيوٽيفڪيشن جي منصوبي جي حوالي سان واپاري نمائندن سان هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ شهرين دڪاندارن ۽ خريدارن کي پيش ايندڙ مسئلن جو جائزو ورتو ويو اجلاس دوران واپاري نمائندن جاري بيوٽيفڪيشن جي ڪم سبب ٽريفڪ جي رواني پارڪنگ متبادل رستن، دڪانن تائين رسائي ۽ ڪاروباري سرگرمين تي پوندڙ اثرن جي حوالي سان پنهنجون تجويزون پيش ڪيون لاڳاپيل کاتن موجوده صورتحال ۽ ٽريفڪ مينيجمينٽ پلان تي بريفنگ ڏني ملڪاڻي وزير بلال اظهر ڪياني چيو ته ترقياتي ڪمن دوران شهرين ۽ واپارين کي هر ممڪن سهولت فراهم ڪئي ويندي ۽ هن هدايت ڪئي ته بيوٽيفڪيشن منصوبي کي منظم انداز ۾ اڳتي وڌايو وڃي ۽ ٽريفڪ رواني جي لاءِ قابل عمل متبادل انتظام ڪيا وڃن.

تنظيم انٽرنيشنل ميري ٽائيم آرگنائيزيشن (آءِ ايم او) جي تعاون سان آبناءِ هرمز ۾ ڦاٿل سامونڊي جهازن جي عملي جي 11 هزار کان وڌيڪ عملدارن جي واپسي جي منصوبي جي آجيان ڪئي آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق جي سي سي طرفان جاري بيان ۾ چيو ويو آهي ته ان منصوبي تحت جهازن کي هڪ عارضي سامونڊي راهداري استعمال ڪرڻ جو اختيار ڏنو ويندو ته جيئن سامونڊي جهازن جي عملي جي ميمبرن جي محفوظ واپسي يقيني بڻائي سگهجي جاسم محمد البديوي چيو ته اهو قدم عالمي قانون ۽ سامونڊي قانون مطابق آهي جنهن سبب آبنائي هرمز ۾ مڪمل آزادي سان بنا ڪنهن شرط جي جهاز راني کي هٿي ملندي هن عمان جي ان قدم کي ساراهيندي چيو ته اها علائقائي سلامتي ۽ استحڪام، سامونڊي تحفظ ۽ سلامتي کي هٿي ڏيڻ سان عالمي قانون جي اصولن کي مضبوط بڻائڻ لاءِ سلطنت عمان جي دانشمنداڻي طرز عمل جي عڪاسي ڪري ٿو.

پاليسي عالمي سطح تي نتيجا ڏئي رهي آهي ملڪ بهتر اقتصادي تبديلي طرف گامزن آهي ايندڙ مهينن ۾ قومي هدف حاصل ڪرڻ ۾ مهانگائي جي ضابطي آڻڻ ۾ مدد ملندي سرڪاري نيوز چينل سان ڳالهائيندي بئريسٽر دانيال چوڌري چيو ته مسلم ليگ (ن) جي قيادت ۾ حڪومت کي معيشت جا خطرا ورثي ۾ مليا هئا پر ان ڪاميابي سان ملڪ کي بحران مان ڪڍي استحڪام بحالي ۽ عالمي اعتماد جي تجديد ڏانهن اڳيان وڌايو آهي هن چيو ته پاڪستان هاڻي معاشي استحڪام ۽ ترقي جي راهه تي گامزن آهي هن چيو ته اهم ميڪرو اڪنامڪ اهڃاڻ بهتر ٿي رهيا آهن ۽ سيڙپڪارن جو اعتماد آهستي آهستي بحال ٿي رهيو آهي هن چيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي اڳواڻي ۾ ملڪ جي پرڏيهي پاليسي ۾ نمايان ڪاميابيون حاصل ٿيون جيڪي پاڪستان جي عالمي مصروفيتن ۽ سفارتي ساک جي بحالي ۾ هڪ تاريخي ڪاميابي آهي هن چيو ته پاڪستان پنهنجي پيرن تي بيهي رهيو آهي ۽ هاڻي پائيدار استحڪام ۽ ترقي طرف وڌڻ جي پوزيشن ۾ آهي ناڻي واڌ ۾ مسلسل گهٽجي رهي آهي ۽ معاشي حالتن ۾ مسلسل بهتري اچي رهي آهي هن چيو ته ويجهي مستقبل ۾ ايران سان وسيع واپاري لاڳاپن جي اميد آهي جنهن سان روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿيندا ۽ معيشت جي ڪيترن ئي شعبن ۾ اقتصادي سرگرمين کي هٿي ملندي.

ڪيترن ئي سينيئر آفيسرن کي اضافي ذميواريون سونپيون ويون آهن نوٽيفڪيشن موجب مظفر علي شيخ کي فنانس اينڊ ڊولپمينٽ سان گڏ ايڊيشنل آءِ جي ٽيڪنيڪل ونگ جو اضافي چارج ڏنو ويو آهي ذوالفقار علي لاڙڪ کي سي ٽي ڊي سان گڏ ايڊيشنل آءِ جي سنڌ پوليس هاءِ وي پيٽرول ۽ ڊرائيونگ لائسنس جو اضافي چارج سونپيو ويو آهي شرجيل ڪريم کرل کي اسپيشل برانچ سان گڏ ايڊيشنل آءِ جي انسپيڪشن اينڊ انويسٽيگيشن جو اضافي چارج ڏنو ويو آهي اقبال دارا کي ٽريننگ اينڊ اسٽيبلشمينٽ سان گڏ ايڊيشنل آءِ جي آپريشنز جو اضافي چارج ڏنو ويو آهي جڏهن ته تنوير عالم اوڍو کي فنانس اينڊ ڊولپمينٽ سان گڏ ڊي آءِ جي لاجسٽڪس اينڊ ويلفيئر جو اضافي چارج پڻ سونپيو ويو آهي.

سنڌ جي بيراجن تي وهڪرو معمول موجب جاري آهي. آبپاشي کاتي پاران جاري ڪيل انگن موجب اسڪردو ۾ گرمي پد 34.4 ڊگري سينٽي گريڊ جڏهن ته گهٽ ۾ گهٽ 16.7 ڊگري رڪارڊ ڪيو ويو. تربيلا ڊيم جي سطح 1438.49 فٽ رڪارڊ ڪئي وئي جتي پاڻي جي آمد 155,400 ڪيوسڪ ۽ اخراج 137,000 ڪيوسڪ رهيو. ڪابل درياهه ۾ پاڻي جي سطح 7.53 فٽ ۽ وهڪرو 42,000 ڪيوسڪ رهيو جڏهن ته ڪالا باغ وٽ پاڻي جي آمد 188,381 ڪيوسڪ ۽ اخراج 182,881 ڪيوسڪ جو رڪارڊ ڪيو ويو جتي 5,500 ڪيوسڪ جو فرق نوٽ ڪيو ويو. چشمه بيراج تي پاڻي جي آمد 185,750 ڪيوسڪ ۽ اخراج 175,000 ڪيوسڪ رهيو. چشمه جهلم لنڪ ڪينال ۾ 1,000 ڪيوسڪ ۽ سي آر بي سي ۾ 3,700 ڪيوسڪ پاڻي ڇڏيو پيو وڃي. تونسا بيراج تي پاڻي جي آمد 177,454 ڪيوسڪ ۽ اخراج 161,827 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو تونسا پنجند لنڪ ڪينال ۾ 4,727 ڪيوسڪ مظفرگڙهه ڪينال ۾ 4,700 ڪيوسڪ، ڊي جي ڪينال ۾ 5,800 ڪيوسڪ ۽ ڪاڇي ڪينال ۾ 400 ڪيوسڪ پاڻي ڇڏيو پيو وڃي. منگلا ڊيم جي سطح 1164.1 فٽ رڪارڊ ڪئي وئي جتي پاڻي جي آمد 36,727 ڪيوسڪ ۽ اخراج 60,000 ڪيوسڪ رهيو. اهڙي ريت سنڌ جي بيراجن ۾ گڊو بيراج تي پاڻي جي آمد 147,359 ڪيوسڪ ۽ اخراج 108,533 ڪيوسڪ رڪارڊ ٿيو سکر بيراج تي پاڻي جي آمد 100,250 ڪيوسڪ ۽ اخراج 52,800 ڪيوسڪ رهيو جڏهن ته ڪوٽڙي بيراج تي پاڻي جي آمد 43,055 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪئي وئي ۽ اخراج صفر رهيو. ڪوٽڙي کان هيٺ پاڻي ڇوڙ نه ڪرڻ سبب ٺٽي آبادگار سخت پريشان آهن سندن جو مطالبو آهي ته ڊيلٽا لاءِ پاڻي ڇڏيو وڃي ته جيئن فصلن جي پوکائي ٿي سگهي. پاڻي جي هن صورتحال کي نظر ۾ رکندي آبپاشي ماهرن جو چوڻ آهي ته ايندڙ ڏينهن ۾ سنڌ جي مختلف ڪئنالن ۾ پاڻي جي وهڪري ۽ زرعي ضرورتن مطابق وهڪرن ۾ تبديلي ممڪن آهي.

اسلام آباد ۾ ڪاميابي سان جاري پروگرام "نظام صلوٰة" جي دائري کي سڄي ملڪ ۾ مرحليوار وڌائڻ جو فيصلو ڪيو آهي ته جيئن نماز جي پابندي، ديني شعور ۽ اسلامي قدرن کي وڌيڪ موثر بڻائي سگهجي هو گليات جي علائقي بيناتي جي جامع مسجد صائم جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪري رهيو هو تقريب ۾ سياسي سماجي ۽ مذهبي ڌرين کان علاوه شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي وفاقي وزير پنهنجي خطاب ۾ چيو ته معاشري ۾ ديني تعليم کي هٿي ڏيڻ ۽ مسجدن کي آباد ڪرڻ ۽ مذهبي سرگرمين ۾ عوامي شرڪت کي هٿي ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي هن چيو ته مسجدون صرف عبادتگاهون ناهن پر مسلمانن جي سماجي، اخلاقي ۽ ديني تربيت جا اهم مرڪز پڻ آهن جن جي ڪردار کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي ضرورت آهي وفاقي وزير چيو ته قومي علماءِ ۽ مشائخ ڪائونسل سڄي ملڪ ۾ بين المسالڪ ۽ بين المذاهب هم آهنگي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ موثر ڪردار ادا ڪري رهي آهي جنهن جي نتيجي ۾ اتحاد، رواداري ۽ مذهبي هم آهنگي کي هٿي ملي رهي آهي هن چيو ته پاڪستان عالمي سطح تي باوقار مقام حاصل ڪيو آهي ۽ دنيا ۾ امن کي هٿي وٺرائڻ لاءِ مثبت ڪردار ادا ڪري رهيو آهي هن چيو ته فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي دانشمندانه ڪوشش خطي ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ روڪڻ ۽ امڪاني عالمي جنگ جي خدشن کي گهٽ ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو جنهن کي عالمي سطح تي پڻ قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويو آهي.

زخمي ٿي پيو مارجي ويل ڌاڙيلن جا لاش ۽ زخمي شهري کي چيپا ايمبولينس جي ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس موجب مارجي ويل ملزمن جي لاشن جي سڃاڻپ ناهي ٿي سگهي جڏهن ته مارجي ويل ملزمن جي عمر 26 کان 30 سال ٻڌائي پئي وڃي ۽ مارجي ويل ملزمن جي سڃاڻپ جو عمل جاري آهي پوليس موجب مقابلي بعد مارجي ويل ملزمن جي قبضي مان هڪ 9 ايم ايم پسٽول هڪ 30 بور پسٽول ۽ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي آهي واقعي بابت وڌيڪ جاچ ۽ قانوني ڪارروائي جاري آهي ۽ وڌيڪ تفصيل حاصل ڪيا پيا وڃن.

ڪاميابي حاصل ڪئي آهي گورنمينٽ گرلس لوئر سيڪنڊري اسڪول ٽنڊو مير غلام حسين لطيف آباد نمبر 9، حيدرآباد، World's Best School Prizes 2026 ۾ T4 Education جي Community Collaboration ڪيٽيگري ۾ دنيا جي ٽاپ 10 فائنلسٽن ۾ جاءِ والاري جو اعزاز حاصل ڪري ورتو آهي اهڙي ڪاميابي تي سنڌ جي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه اسڪول انتظاميا، هيڊ ٽيچر، استادن، شاگردياڻين، والدين ۽ مقامي برادري کي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏيندي چيو ته هي اعزاز رڳو هڪ اسڪول جي ڪاميابي نه پر سنڌ جي تعليمي نظام، سرڪاري اسڪولن ۽ سڄي پاڪستان لاءِ فخر جو باعث آهي تعليم واري وزير چيو ته هي ڪاميابي سنڌ جي سرڪاري اسڪولن ۾ STEAM تعليم جي واڌاري ۽ جاري تعليمي سڌارن جو نتيجو آهي هن چيو ته سرڪاري اسڪولن جي شاگردن ۽ استادن ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته مناسب موقعا، موثر قيادت، جديد تدريسي طريقا ۽ مسلسل محنت ذريعي عالمي معيار حاصل ڪري سگهجي ٿو هن عزم ظاهر ڪيو ته سنڌ حڪومت معياري تعليم، جدت، استادن جي پيشيوارانو تربيت ۽ ڪميونٽي سان پائيداري کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ لاءِ پنهنجون ڪوششون وڌيڪ موثر بڻائيندي سيد سردار علي شاهه وڌيڪ چيو ته گورنمينٽ گرلس لوئر سيڪنڊري اسڪول ٽنڊو مير غلام حسين جي هي ڪاميابي ملڪ جي ٻين سرڪاري اسڪولن لاءِ نئين اميد، همت ۽ پيروي لائق مثال آهي هن ان ڪاميابي جو سهرو اسڪول هيڊ جي موثر قيادت، استادن جي اڻٿڪ محنت، شاگردياڻين جي لگن والدين جي ڀرپور سهڪار ۽ مقامي برادري جي سرگرم پائيداري کي ڏنو. T4 Education دنيا جي نمايان تعليمي ادارن کي عالمي سطح تي مڃتا ڏيندڙ هڪ بين الاقوامي ادارو آهي. جڏهن ته World's Best School Prizes تعليم جي شعبي جي سڀ کان معتبر عالمي اعزازن مان هڪ سمجهيو ويندو آهي اهي اعزاز دنيا جي اسڪولن کي پنج مختلف ڪيٽيگرين Community Collaboration، Environmental Action، Innovation، Overcoming Adversity ۽ Supporting Healthy Lives ۾ ڏنا ويندا آهن. هلندڙ سال دنيا جي مختلف ملڪن مان هزارين اسڪولن پنهنجي نمايان تعليمي ڪاميابين، جديد تدريسي طريقن، ڪميونٽي سان موثر پائيداري ۽ شاگردن جي بهتري لاءِ ڪيل ڪم جي بنياد تي ان لاءِ درخواستون جمع ڪرايون بين الاقوامي ماهرن جي پينل جيوري انهن درخواستن جو تفصيلي جائزو وٺڻ کان پوءِ هر ڪيٽيگري ۾ دنيا مان رڳو ڏهه اسڪولن کي فائنلسٽ طور چونڊيو پاڪستان مان صرف ٻه اسڪول هن باوقار عالمي اعزاز جي شارٽ لسٽ ٿيا، جن ۾ پنجاب جو هڪ خانگي اسڪول ۽ سنڌ جو واحد سرڪاري ادارو گورنمينٽ گرلس لوئر سيڪنڊري اسڪول ٽنڊو مير غلام حسين حيدرآباد شامل آهي اهڙي ريت سنڌ جو هي واحد سرڪاري اسڪول نه رڳو صوبي ۾ پاڪستان جي سرڪاري تعليمي نظام جي نمائندگي ڪندي عالمي سطح تي تاريخي اعزاز حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي اسڪول Community Collaboration ڪيٽيگري ۾ مقامي برادري سان مضبوط پائيداري، جاڳرتا مهم، STEAM تي ٻڌل جديد تدريسي سرگرمين ۽ شاگردياڻين جي هر پهلوءَ واري تعليمي ترقي سبب عالمي ٽاپ 10 ۾ جاءِ ماڻي انهن قدمن سان تخليقي صلاحيتن، مسئلا حل ڪرڻ جي مهارتن ۽ عملي سکيا جي لاڙي کي هٿي ملي جڏهن ته مقامي برادري کي پڻ تعليمي سرگرمين ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪرڻ جو موقعو فراهم ٿيو هن عالمي اعزاز کان اڳ به اسڪول صوبي ۽ قومي سطح تي نمايان ڪاميابيون حاصل ڪري چڪو آهي اسڪول جي شاگردن سنڌ حڪومت جي پهرين STEAM Muqablo ۾ موسمياتي تبديلي بين الشعبا (Interdisciplinary) چيلينج ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي جڏهن ته STEAM Pakistan پليٽفارم تحت به هي اسڪول مسلسل بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ نمايان اسڪولن ۾ شامل رهيو آهي اسڪول جي استادن موجب، سنڌ ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ پاران STEAM پروگرام جي شروعات اسڪول جي تعليمي ماحول کي مڪمل طور تبديل ڪري ڇڏيو آهي هن پروگرام تعليم کي وڌيڪ عملي، بامقصد ۽ شاگردن لاءِ دلچسپ بڻايو آهي جنهن جو خاص فائدو انهن شاگردياڻين کي پهتو آهي جيڪي ماضي ۾ ٻارن جي پورهئي (Child Labour) جهڙن مسئلن کي منهن ڏئي چڪيون هيون.

جيلاني جي رهواسي ٽريول ايجنٽ محمد لقمان ٻکيهو جو نوجوان پٽ ۽ پرائمري استاد عطا محمد ٻکيهو جو سؤٽ 28 سالا نوجوان غلام عباس ٻکيهو بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو ٻڌايو پيو وڃي ته نوجوان غلام عباس ٻکيهو ٿنڀي تي چڙهي گهر جي بجلي واري تار ڏاهي رهيو هو ته اوچتو ڪرنٽ لڳڻ سبب ٿنڀي تان ڪري سخت زخمي ٿي پيو جنهن کانپوءِ کيس فوري طور لاڙڪاڻي نيو پئي ويو ته رستي ۾ سندس ساهه نڪري پيو 28 سالا نوجوان جي وفات تي وارثن دوستن ۽ عزيزن ۾ سوڳ ۽ ڏک جي لهر ڇانئجي وئي سندس جنازي نماز پير تقي شاهه جيلاني جي عيدگاهه ۾ ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ مختلف مڪتب فڪر سان سلهاڙيل شخصيتن سيد صدام حسين شاهه بخاري، سيد احمد علي جيلاني، زيب علي ساريو نور احمد زهري، ڊاڪٽر واحد بخش سولنگي، راحيل عطا زهري، نياز حسين ٻکيهو رحمت علي چانڊيو رشيد ميراڻي، نادر چانڊيو نصير جهتيال بشير جوڻيجو اصغر ڪنڀر عادل مغيري محمد امين سيال مور سنڌي علي بخش سولنگي، الله بخش سولنگي، ساگر سيال رضوان بروهي، اسحاق دمرو، عرفان جهتيال، محمد حنيف منگي ۽ حڪيم جهتيال سميت ٻکيها برادري وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مرحوم کي سوين آلين اکين سان مقامي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءِ حوالي ڪيو ويو جڏهن ته پونيئرن سان تعزيتن جو سلسلو جاري آهي.

جاگرافيائي علائقي ۾ گهيراءُ جو شڪار آهن جيڪو مسلسل گهٽجي رهيو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق هن وڌيڪ چيو ته ڪير به غزه ۾ ٺوس اڳڀرائي حاصل ڪرڻ جي دعويٰ نه ٿو ڪري سگهي هن غزه جي پٽي لاءِ انساني امداد کي سياسي اڳڀرائي سان ڳنڍڻ کي رد ڪري ڇڏيو هن چيو ته اسان فلسطيني نيشنل ڪميٽي لاءِ سياسي ۽ مالي سهڪار جي حمايت ۽ ان کي مضبوط بڻائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون هن ان ڳالهه تي زور ڀريو ته فلسطيني نيشنل ڪميٽي قانوني حيثيت ۽ ساک جي لحاظ سان سنگ بنياد آهي.

بائيڪاٽ ڪيو جنهن سبب ملير ڪورٽ ۾ عدالتي سرگرميون متاثر رهيون ۽ ڪيترن ئي ڪيسن جي ٻڌڻي نه ٿي سگهي سائلين کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پيو هڙتال دوران وڪيلن احتجاج طور پوليس اهلڪارن جي ملير ڪورٽ جي سرڪاري گيٽ تان داخلا تي پابندي لڳائي ڇڏي، جڏهن ته عدالتي احاطي ۾ غيرمعمولي سناٽو ڇانيل رهيو عدالتن ۾ پيشي لاءِ آيل شهري ۽ ڌريون ڪلاڪن جا ڪلاڪ انتظار ڪرڻ کانپوءِ مايوس ٿي واپس موٽي ويون ملير بار ايسوسيئيشن جي اڳواڻن چيو ته احتجاج عدليه جي وقار ۽ وڪيلن جي تحفظ ۽ مبينا پوليس رويي خلاف ڪيو پيو وڃي سندن چوڻ هو ته عدالتي احاطي ۾ ڪنهن به قسم جي "پوليس گردي" برداشت نه ڪئي ويندي ۽ وڪيلن جي آئيني ۽ قانوني حقن جي تحفظ لاءِ هر ممڪن قدم کنيو ويندو وڪيلن مطالبو ڪيو ته سينيئر وڪيل ادريس علوي ۽ محمد عثمان خلاف داخل مبينا ڪوڙا ڪيس فوري طور واپس ورتا وڃن، واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي هڙتال سبب ڪيترن ئي ڪيسن جي ٻڌڻي ملتوي ٿي وئي، جنهن ڪري سائلين کي ذهني پريشاني سان گڏ وقت ۽ مالي نقصان به برداشت ڪرڻو پيو وڪيلن واضح ڪيو ته مطالبا منظور ٿيڻ تائين احتجاج بابت ايندڙ لائحه عمل بار ايسوسيئيشن جي اجلاس ۾ طئي ڪيو ويندو.

پڪنڪ ملهائڻ ويل ڪراچي جا ٻه نوجوان ٻڏي فوت ٿي ويا. بلوچستان جي علائقي حب ندي ۾ ٻڏي ويل ڪراچي جي ٻن نوجوانن جا لاش ريسڪيو اهلڪارن ڪڍي ورتا، جن کي ضروري قانوني ڪارروائي بعد حب سول اسپتال مان ڪراچي منتقل ڪيو ويو ريسڪيو اختيارين موجب گذريل ڏينهن ڪراچي جي علائقي نيو ڪالوني ۽ پيهه پوره جا ڪجهه نوجوان پڪنڪ ملهائڻ لاءِ حب ندي ويا هئا، جتي وهنجڻ دوران ٻه نوجوان پاڻي ۾ ٻڏي ويا. فوت ٿيل نوجوانن جي سڃاڻپ 21 ورهين جي احسن ۽ 25 ورهين جي شمير طور ٿي آهي ٻنهي جا لاش ڊگهي ڳولا کان پوءِ صبح سوير حب ندي مان ڪڍي حب سول اسپتال منتقل ڪيا ويا، جتان قانوني ڪارروائي مڪمل ٿيڻ بعد لاش ڪراچي روانا ڪيا ويا. ريسڪيو اختيارين موجب واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي. جڏهن ته هن افسوسناڪ واقعي کان پوءِ ٻنهي نوجوانن جي گهراڻن ۾ ڏک ۽ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي آهي.

جمال الدين ملڪ ۽ سائي سهاڳڻ ملڪ سخت زخمي ٿي پيا ٻنهي زخمين کي عادلپور ٿاڻي تي اين سي رپورٽ داخل ڪرائڻ بعد تعلقه اسپتال گهوٽڪي منتقل ڪيو ويو جتان طبي امداد بعد وڌيڪ علاج لاءِ رحيم يار خان ريفر ڪيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي جمال الدين ملڪ فوت ٿي ويو جڏهن ته سائي سهاڳڻ ملڪ علاج هيٺ آهي متاثر ڌر الزام هنيو آهي ته علي گوهر ملڪ، سڪندر ملڪ ۽ يونس ملڪ سندن گهر تي بنا جواز حملو ڪري ڪهاڙين سان وار ڪيا جنهن سبب سندن ٻه ماڻهو زخمي ٿيا، جن مان هڪ فوت ٿي ويو متاثرن ايس ايس پي گهوٽڪي ۽ ٻين اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ کين انصاف فراهم ڪيو وڃي.

صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ملڪ هن وقت غير معمولي حالتن مان گذري رهيو آهي ۽ سمورا صوبا محدود وسيلن جي باوجود قومي ذميواريون نڀائي رهيا آهن وفاق جي مضبوطي ۽ ملڪي استحڪام لاءِ سمورن صوبن پنهنجي ترقي جي رفتار تي سمجهوتو ڪيو ۽ قومي مفاد کي هميشه پنهنجي ترجيح بڻايو سندس چوڻ هو ته اسان پنهنجي ترقي ۽ کان پهرين پاڪستان جي بهتري ۽ استحڪام کي مقدم رکيو ڇاڪاڻ ته ترقي بعد ۾ به ٿي سگهي ٿي، پر ملڪ جو مضبوط ٿيڻ سڀ کان وڌيڪ ضروري آهي سنڌ اسيمبلي جي اجلاس کي خطاب ڪندي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت جديد تقاضن موجب ميڊيا مانيٽرنگ لاءِ مصنوعي ذهانت (Artificial Intelligence) جون خدمتون حاصل ڪيون آهن جنهن جي ذريعي اخبارن، ٽيليويزن ۽ سوشل ميڊيا تي نشر ۽ اشاعت ٿيندڙ مواد جو تجزيو ڪيو ويندو آهي هن چيو ته سنڌ ملڪ جو پهريون صوبو آهي جنهن صحافين جي تحفظ لاءِ "جرنلسٽس پروٽيڪشن ڪميشن" قائم ڪيو، جڏهن ته سنڌ انفارميشن ڪميشن به سڀ کان پهرين سنڌ ۾ ئي قائم ڪئي وئي ته جيئن معلومات تائين رسائي ۽ شفاف طرز حڪمراني کي هٿي ڏئي سگهجي هن چيو ته پاڪستان ۾ صحافت کي جيتري آزادي سنڌ ۾ حاصل آهي، ٻئي ڪنهن به صوبي ۾ ان جو مثال ملي نٿو سگهي هن چيو ته آزاديءَ جو سڀ کان وڌيڪ نشانو به سنڌ حڪومت بڻجي ٿي هن افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته ڪجهه حلقا من گهڙت ڪهاڻيون ۽ غير تصديق ٿيل معلومات ڦهلائيندا آهن. جڏهن ته صحافت جو بنيادي اصول اهو آهي ته هر خبر جي تصديق ڪئي وڃي ته عوام تائين پهچايو وڃي سندس چوڻ هو ته تنقيد هر شهري ۽ هر صحافي جو حق آهي، تنهن هوندي به اها ذميواري به لاڳو ٿئي ٿي ته بنا تحقيق ۽ تصديق جي ڪنهن به خبر کي نشر نه ڪيو وڃي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪجهه ماڻهو پنهنجي خواهشن موجب وزارتون ورهائڻ ۽ وڏو وزير مقرر ڪرڻ جهڙا غير ذميوارانا بيان گهڙيندا آهن. جڏهن ته حقيقت ان کان مختلف هوندي آهي هن مثال ڏيندي چيو ته پنجاب جي هڪ صحافي رڳو هڪ ٽوئيٽ ڪرڻ تي ٽن ڏينهن مشڪلاتن جو شڪار ٿي ويو پر سنڌ ۾ اظهار جي آزادي کي هميشه تحفظ فراهم ڪيو ويو آهي هن چيو ته سنڌ حڪومت فلم ۽ ڊراما انڊسٽري جي فروغ لاءِ باقاعده پاليسي جوڙي، جنهن تحت بجيٽ ۾ مختص ڪئي وئي هن ٻڌايو ته سنڌ حڪومت جي پهرين فلم "مير الياري" لڳ ڀڳ ساڍا پنج ڪروڙ رپين جي لاڳت سان تيار ڪئي وئي، تنهن هوندي به ڪجهه حلقن ان کي لاڳت بابت ايڪ ڪروڙ رپين جهڙا بي بنياد انگ اکر ڦهلايا هن چيو ته هيءَ فلم مختلف بين الاقوامي پليٽ فارمن تي پيش ڪئي وئي ۽ بعد ۾ هڪ نجي ٽي وي نيٽ ورڪ به ان جي نشرياتي حق حاصل ڪيا، جيڪو ان منصوبي جي ڪاميابيءَ جو واضح ثبوت آهي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ هن وقت مختلف دستاويزي فلمون (ڊاڪيومينٽريز) به تيار ڪري رهي آهي ته جيئن دنيا کي سنڌ جو حقيقي، مثبت ۽ ثقافتي چهرائي ۽ وارو روپ ڏيکاري سگهجي هن وڌيڪ ٻڌايو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري "آئي ورڪ فار سنڌ" جي نالي سان هڪ جديد ڊيجيٽل پليٽ فارم متعارف ڪرايو جنهن کي هيل تائين 48 لک کان وڌيڪ ماڻهو وزٽ ڪري چڪا آهن جڏهن ته هڪ لک 13 هزار کان وڌيڪ نوجوان ان تي رجسٽريشن ڪرائي چڪا آهن هن ٻڌايو ته ان پليٽ فارم ۾ مصنوعي ذهانت تي ٻڌل "آئي سي وي" جي سهولت ۾ موجود آهي جنهن جي ذريعي اميدوار بغير ڪنهن اضافي محنت جي پنهنجي پيشيوارانه معلومات مرتب ڪري سگهن ٿا.

لاءِ 6 بنيادي پگهارن جي برابر خاص بونس (آنريريم) جو اعلان ڪيو آهي قومي اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي ناڻي واري وزير بجيٽ جي عمل ۾ مصروف عملدارن ۽ ملازمن جي محنت ۽ ڪوشش کي ساراهيو هن چيو ته بجيٽ جي تياري پيشڪش دوران وڌل ڪم جي لوڊ کي نظر ۾ رکندي سينيٽ، قومي اسيمبلي، پارليامينٽ، ناڻي واري وزارت ۽ وزيراعظم هائوس جا اهي اهلڪار جيڪي بجيٽ جي عمل ۾ شامل هئا، اهي هن بونس جا حقدار هوندا.

آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم شهباز شريف بلوچستان ۾ فتنه الهندوستان جي دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي ايوان صدر جي پريس ونگ مان جاري بيان موجب صدر ۽ وزيراعظم ڌار ڌار بيانن ۾ فتنه الهندوستان جي 8 دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي پيشيوارانو مهارت ۽ عزم جو اظهار آهي هن چيو ته ڪارروائين ۾ شريڪ آفيسرن ۽ جوانن جي جرئت، جذبي ۽ پيشيوارانو صلاحيت ۽ قربانيون ساراهه جوڳيون آهن ملڪ ۾ پرڏيهي سرپرستي ۾ ڦهلجندڙ دهشتگردي جون مڪمل طور پاڙون پٽڻ تائين ڪارروائيون جاري رکيون وينديون دهشتگردن خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسز جون قربانيون وسارڻ جوڳيون ناهن قوم سندن گڏ بيٺل آهي پاڪستان جي امن جي دشمن کي هر محاذ تي عبرتناڪ شڪست ڏني ويندي.

عام چونڊن لاءِ 45 ٽڪن مان 1265 اميدوارن نامزدگي وارا ڪاغذ جمع ڪرايا جاچ پڙتال دوران 41 اميدوارن جا نامزدگي وارا ڪاغذ رد ڪيا ويا جن خلاف اپيلون اڄ (آچر) تي ڪيون وينديون اليڪشن ڪميشن جي ترجمان پاران جاري بيان موجب 27 جولاءِ تي ٿيندڙ عام چونڊن لاءِ آزاد ڪشمير جي 33 ٽڪن مان 1047 اميدوارن جڏهن ته آزاد جمون ڪشمير جا پناهه گير جيڪي پاڪستان جي 12 ٽڪن ۾ رهن ٿا، 218 اميدوارن نامزدگي وارا ڪاغذ جمع ڪرايا. نامزدگي وارن ڪاغذن جي جاچ پڙتال جو عمل مڪمل ڪيو ويو ترجمان موجب 45 ٽڪن مان 41 اميدوارن جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا انهن ڪاغذن جي رد ٿيڻ خلاف اپيل داخل ڪرڻ جو عمل 25 کان 28 جون آهي هن وقت تائين 12 اپيلون جمع ٿي چڪيون آهن نامزدگي وارن ڪاغذن تي اپيلن جي ٻڌڻي 29 کان 30 جون تي ٿيندي جڏهن ته پهرين ۽ 2 جولاءِ تي اپيلن تي ٻڌڻي مڪمل ڪري حتمي فيصلو جاري ڪيو ويندو.

حمايت يافته فتنه الهندوستان جو خاتمو هو آءِ ايس پي آر پاران ڇنڇر ڏينهن جاري پريس ريليز موجب 25 جون تي سيڪيورٽي فورسز بلوچستان جي ضلع خاران ۾ ڳجهي ڄاڻ جي بنياد تي دهشتگردن جي هڪ گروپ جي چر پر تي انهن کي پڪڙي ورتو ۽ پيشيوارائي هنرمندي تحت ڪيل ڪارروائي جي نتيجي ۾ ڀارتي حمايت يافته فتنه الهندوستان سان تعلق رکندڙ 3 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو جڏهن ته ڪيترائي زخمي ٿي پيا اهڙي طرح 26 جون تي بلوچستان جي ضلع مستونگ ۾ آپگهاتي ٻمبار جي امڪاني موجودگي جي اڳواٽ هڪ ڳجهي ڄاڻ تي ٻڌل آپريشن ڪيو ويو پاڪ فوج جي جوانن آپريشن دوران دهشتگردن جي ٺڪاڻن کي اثرائتي طريقي سان نشانو بڻايو ۽ شديد فائرنگ جي مٽاسٽا کان پوءِ هڪ آپگهاتي ٻمبار سميت 5 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو آءِ ايس پي آر موجب انهن دهشتگردن جي استعمال هيٺ هٿيار، گولا بارود، ديسي ڏاهيل ٻم ۽ موٽر سائيڪلون به هٿ ڪيون ويون علائقي ۾ موجود ڪنهن به ٻي ڀارتي حمايت يافته دهشتگرد جي خاتمي لاءِ ڳولا جون ڪارروائيون جاري آهن پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا پاران وژن عزم استحڪام (جنهن جي نيشنل ايڪشن پلان تي وفاقي سپريم ڪميٽي منظوري ڏني) تحت دهشتگردي جي خاتمي لاءِ اڻٿڪ مهم ملڪي ۽ پرڏيهي حمايت يافته دهشتگردن جي خاتمي لاءِ ڀرپور طريقي سان جاري رهندي.

پنهنجي بيان ۾ وڏي وزير چيو ته گذريل 2 ڏينهن دوران 8 دهشتگرد، جن ۾ هڪ آپگهاتي ٻمبار به شامل هو پنهنجي انجام تي پهچي چڪا آهن وڏي وزير چيو ته قوم پنهنجي بهادر سيڪيورٽي اهلڪارن کي سلام پيش ڪري ٿي جيڪي بلوچستان جي امن ۽ عوام جي تحفظ لاءِ هر محاذ تي دشمن جي ناپاڪ ارادن کي ناڪام بڻائي رهيا آهن هن چيو ته پاڪستان ۾ پرڏيهي سرپرستي ۾ ڦهلجندڙ دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين اها جنگ پوري قوت، قومي عزم ۽ ثابت قدمي سان جاري رهندي.

مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي ڀرپور خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته پاڪ سرزمين تي فتني ۽ دهشتگردي ڦهلائيندڙن لاءِ ڪا به جاءِ ناهي مراد علي شاهه چيو ته سيڪيورٽي فورسز ملڪ ۾ امن امان قائم ڪرڻ جي مشن تي ثابت قدمي سان ڪم ڪري رهيون آهن ۽ پوري قوم سندن بهادري، قربانين ۽ شجاعت کي سلام پيش ڪري ٿي.

ڪنهن شعبي کي ترجيح ڏئي رهي آهي ۽ نه ئي ڪنهن تي غير ضروري بار وجهي رهي آهي. حڪومت پنهنجي عالمي ذميوارين جي دائري ۾ رهندي صارفين تائين ڪو به فائدو پهچائڻ لاءِ پرعزم آهي ايڪس تي پنهنجي پوسٽ ۾ علي پرويز ملڪ چيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف ان عهد تحت هن وقت تائين هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي قيمتن ۾ مجموعي طور 200 رپيا في ليٽر گهٽتائي ڪئي آهي جڏهن ته هن وقت تائين پيٽرول جي قيمتن ۾ مجموعي طور 155 رپيا في ليٽر گهٽتائي ڪئي آهي هن چيو ته هن هفتي عالمي مارڪيٽ ۾ پيٽرول جي پليٽس قيمت 98.35 کان 91.68 ڊالر في بيرل وچ ۾ جڏهن ته هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي پليٽ جي قيمت 109.09 کان 104.79 ڊالر في بيرل وچ ۾ رهي.

شهباز شريف عاشوره جي موقعي تي سڄي ملڪ ۾ امن امان قائم رکڻ ۽ سمورن جلوسن ۽ مجلسن لاءِ بهترين سيڪيورٽي انتظامن تي گهرو وزارت ۽ سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي ڇنڇر تي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان مطابق وزيراعظم عاشوره لاءِ بهترين انتظامن ۽ فول پروف سيڪيورٽي فراهم ڪرڻ تي گهرو وزير محسن نقوي ۽ سندس ٽيم، پاڪستان جي فوج، پوليس ۽ سيڪيورٽي ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي آفيسرن ۽ اهلڪارن جي ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته الله جي ڪرم سان عاشوره جي حوالي سان سرگرميون آسان ۽ امن ۽ امان جي فضا ۾ مڪمل ٿيون وزيراعظم صوبائي حڪومتن سميت گلگت بلتستان ۽ آزاد جمون ۽ ڪشمير جي حڪومتن طرفان به عاشوره تي بهترين انتظام يقيني بڻائڻ کي ساراهيو هن چيو ته سمورا وڏا وزير ۽ آزاد جمون ۽ ڪشمير جو وزيراعظم ۽ سندس ڪابينا جا لاڳاپيل وزير به عاشوره تي بهترين انتظامن ۽ امن امان لاءِ سيڪيورٽي جي فول پروف قدمن تي ساراهه جوڳا آهن.

آهي ته سنڌ درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 1 لک 55 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 1 لک 37 هزار ڪيوسڪ آهي جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 36 هزار 700 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 60 هزار ڪيوسڪ آهي ڇنڇر ڏينهن پنهنجي هڪ بيان ۾ هن چيو ته چشمه بيراج ۾ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 1 لک 85 هزار 800 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 1 لک 75 هزار ڪيوسڪ، چناب درياهه ۾ هيڊ مرالا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 38 هزار 800 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 13 هزار ڪيوسڪ آهي جڏهن ته ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 42 هزار ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو42 هزار ڪيوسڪ آهي واپڊا ترجمان مطابق تربيلا ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1438.49 فوٽ ۽ پاڻي جو ذخيرو 6 لک 80 هزار ايڪڙ فوٽ آهي ساڳئي طرح منگلا ڊيم ۾ پاڻي جي سطح 1164.10 فوٽ ۽ پاڻي جو ذخيرو 1 لک 23 هزار ايڪڙ فوٽ آهي جڏهن ته چشمه ۾ پاڻي جي سطح 640.80 فوٽ ۽ پاڻي جو ذخيرو 40 هزار فوٽ آهي واپڊا ترجمان چيو ته تربيلا منگلا ۽ چشمه ۾ ڊيمن ۾ استعمال جو پاڻي جو مجموعي ذخيرو 30 لک 21 هزار ايڪڙ فوٽ آهي.

عبرت

سان ڳالهائيندي ضياءُ الحسن لنجار چيو ته سنڌ ۾ يوم عاشور جا جلوس پرامن ماحول ۾ منزل تي پهتا ۽ موجوده ملڪي صورتحال کي نظر ۾ رکندي سڄي صوبي ۾ سيڪيورٽي کي هاءِ الرٽ رکيو ويو آهي هن چيو ته مومنين علماءِ ڪرام ۽ منتظمن جو ڀرپور سهڪار حاصل آهي. جنهن سبب امن امان برقرار رکڻ ۾ آساني ٿي رهي آهي هن چيو ته روهڙي ۾ گذريل ڏينهن پيش آيل افسوسناڪ واقعي ۾ سخت گرمي سبب ڪجهه عزادارن جون فوتگيون ٿيون جڏهن ته صوبي جي ٻين علائقن ۾ جلوس پرامن نموني اڳتي وڌي رهيا آهن گهرو وزير ٻڌايو ته يوم عاشور تي سيڪيورٽي لاءِ سڄي سنڌ ۾ 53 هزار کان وڌيڪ پوليس اهلڪار مقرر ڪيا ويا جڏهن ته رينجرز، پاڪ فوج، سي ٽي ڊي ۽ اسپيشل برانچ پڻ پوليس سان گڏ سيڪيورٽي ذميواريون ادا ڪيون ضياءُ الحسن لنجار چيو ته ڪراچي ۾ عالمي معيار جو سيف سٽي پروجيڪٽ تيزي سان مڪمل ڪيو پيو وڃي جنهن جي فنڊنگ هوم ڊپارٽمينٽ ذريعي ڪئي پئي وڃي هن چيو ته حيدرآباد ۾ پڻ سيف سٽي پروجيڪٽ شروع ڪيو ويندو جنهن کي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت هلايو ويندو ته جيئن اهو مستقل بنيادن تي جاري رهي ۽ مستقبل ۾ به شهر جي سيڪيورٽي کي وڌيڪ مضبوط بڻائي سگهجي سنڌ پوليس بابت ڳالهائيندي گهرو وزير چيو ته صوبي ۾ لڳ ڀڳ هڪ لک 65 هزار پوليس اهلڪار خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن هن اعتراف ڪيو ته پوليس کي ڪجهه مالي مسئلا درپيش آهن جڏهن ته پوليس اهلڪارن جي پگهارن بابت به مختلف تجويزون سامهون اچن ٿيون پر حڪومت ان معاملي تي به غور ڪري رهي آهي سنڌ ڪابينا ۾ امڪاني تبديلين بابت سوال جي جواب ۾ هن چيو ته اهڙيون افواهون هلنديون رهنديون آهن. جڏهن ته ڪنهن کي ذميواري ڏيڻ يا تبديل ڪرڻ جو اختيار مڪمل طور پارٽي قيادت وٽ آهي. تنهن ڪري اهڙين ڳالهين تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت ناهي سنڌ اسيمبلي ۾ هڪ ميمبر پاران بوري بند لاش جي ڌمڪي واري بيان بابت گهرو وزير چيو ته معاملي کي سنجيدگي سان ورتو ويو آهي ڇاڪاڻ ته اهو بيان هڪ چونڊيل اسيمبلي ميمبر طرفان ڏنو ويو هو هن چيو ته لاڳاپيل لفظ اسيمبلي جي ڪارروائي مان حذف ڪرايا ويا آهن ۽ هو ان بابت تفصيلي رپورٽ تيار ڪري اسپيڪر سنڌ اسيمبلي کي پيش ڪندو جنهن کان پوءِ ضابطن موجب مناسب ڪارروائي ڪئي ويندي.

پرائيز ڊي 2026ع جي تقريب کي خطاب دوران چيو ته پاڪستان جي معيشت جي اصل طاقت اسان جا ننڍا ۽ وچولي درجي جا ڪاروبار آهن هر ڪامياب معيشت جي مرڪز ۾ هڪ باهمت ڪاروباري شخصيت بيٺي آهي تقريب کي خطاب ڪندي خاص مددگار چيو ته پاڪستان جا تقريبن 71 لک 40 هزار ايس ايم ايز قومي معيشت ۾ ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکن ٿا ايس ايم ايز قومي جي ڊي پي ۾ تقريبن 40 سيڪڙو ۽ روانگي واپار ۾ 30 سيڪڙو حصو وجهي رهيا آهن هارون اختر چيو ته غير زرعي شعبي ۾ 80 سيڪڙو کان وڌيڪ روزگار ايس ايم ايز فراهم ڪري رهيا آهن هن چيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف جي قيادت ۾ پاڪستان صنعتي، روانگي واپار ۽ معيشت ڏانهن تيزي سان گامزن آهي اسان جي ترجيح اهڙي معيشت جي جوڙجڪ آهي جيڪا روانگي واپار جدت ۽ نجي شعبي جي قيادت تي ٻڌل هجي ڊجيٽل معيشت ۽ مستقبل جو تعين ڪندا. هن چيو ته جيڪي قومون جدت ۽ ٽيڪنالاجي کي اختيار ڪنديون اهي عالمي معيشت جي قيادت ڪنديون هن چيو ته ايس ايم ايز جي ترقي قومي اقتصادي ايجنڊا جو مرڪزي ٿنڀ آهي پاڪستان ۾ ايس ايم اي فنانسنگ هڪ سال ۾ 46 سيڪڙو اضافي سان 854 ارب رپين تائين پهچي وئي آهي جڏهن ته ايس ايم اي قرض وٺندڙ ڪاروبارن جو تعداد 53 سيڪڙو اضافي سان 3 لک 12 هزار کان وڌي ويو آهي هن چيو ته نئين پاليسي سان 32 لک کان وڌيڪ عورتون ڪاروباري سڌو فائدو حاصل ڪنديون هن چيو ته نوجوانن جي اسٽارٽ اپ ڪلچر پاڪستان جي روشن معاشي مستقبل جي ضمانت آهي ماحول دوست صنعتون سرڪلر اڪانامي ۽ ڊجيٽل ڪاروبار کي قومي ترجيح بڻايو پيو وڃي هن چيو ته پاڪستان ايس ايم ايز صرف مقامي نه پر عالمي مارڪيٽن ۾ به ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو حڪومت اهڙو ڪاروباري ماحول جوڙي رهي آهي جنهن سان هر باصلاحيت فرد کي اڳتي وڌڻ جا برابر موقعا ميسر هوندا پاڪستان جو معاشي مستقبل صنعتن، ڪارخانن، ٽيڪنالاجي مرڪزن ۽ ننڍن ڪاروبارن ۾ رقم ٿيندو خاص مددگار پنهنجي خطاب جي آخر ۾ دعوت ڏني ته اچو جدت کي قومي طاقت، ڪاروبار کي خوشحالي ۽ سيڙپڪاري کي ترقي ۾ تبديل ڪيون.

آجيان ڪئي آهي جنهن جي نتيجي ۾ ٻنهي ڌرين جي 320 قيدين جي مٽا سٽا ممڪن ٿي پرڏيهي ميڊيا مطابق بحرين جي پرڏيهي وزارت مان جاري بيان ۾ ان اڳڀرائي کي هڪ هاڪاري انساني قدم قرار ڏيندي چيو ويو آهي ته اها ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي جي ڪوشش کي هٿي ڏيڻ ۽ يوڪرين بحران جي پرامن حل جي امڪانن کي هٿي وٺرائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي وزارت گڏيل عرب امارات جي سفارتي ۽ انساني همدردي تي ٻڌل ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته يوڪرين بحران جي شروعات کان هاڻي تائين امارات 25 ٽياڪڙي قدمن ذريعي 7 هزار 791 قيدين جي آزادي ۾ مدد ڪري چڪو آهي بيان ۾ بحرين جنگ جي خاتمي، انساني بحران جي اثرن ۾ گهٽتائي ۽ علائقائي عالمي امن ۽ استحڪام کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڳالهين ۽ پرامن ذريعن تي ٻڌل تمام علائقائي ۽ عالمي ڪوشش جي حمايت جو ورجاءُ به ڪيو.

شيڊول جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي ڊوميسٽڪ ڪرڪيٽ سيزن جي شروعات آگسٽ 2026ع کان ٿيندي جڏهن ته ڊيپارٽمينٽل ٽورنامينٽس سيپٽمبر 2026ع کان شروع ڪيون وينديون هن ڀيري اهي ايونٽس ڊسمبر ۽ جنوري بدران سيپٽمبر ۾ منعقد ٿيندا سيزن ۾ چار ڏينهن واري فرسٽ ڪلاس پريذيڊنٽس ٽرافي گريڊ 1، ٽن ڏينهن واري پريذيڊنٽس ٽرافي گريڊ 2 گولڊ ۽ سلور ٽورنامينٽس شامل هوندا 8 ٽيمن تي ٻڌل پريذيڊنٽس ٽرافي گريڊ 1 ۽ پريذيڊنٽس ڪپ کي خاص اهميت ڏني ويندي پي سي بي جو چوڻ آهي ته هو ڊيپارٽمينٽل ٽيمن جي سهڪار سان مقابلن جي معيار کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ سان گڏو گڏ ڊوميسٽڪ ڪرڪيٽرز لاءِ مستحڪم مالي موقعا به پيدا ڪندو پريذيڊنٽس ڪپ ون ڊي ٽورنامينٽ کي خاص اهميت ڏني ويندي ڇو جو اهو آءِ سي سي مينز ڪرڪيٽ ورلڊڪپ 2027ع جي تيارين جو اهم حصو هوندو.

پيا ڪشمير ميڊيا سروس مطابق حادثو ضلعي اولهندي ڪامنگ ۾ نيشنل هاءِ وي تي ان وقت پيش آيو جڏهن 18 سک لائيٽ انفينٽري ايل آءِ جي هڪ ٽرڪ جنهن ۾ 3 فوجي سوار هئا ڊيرنگ ۾ سشسٽر اسيمايابال (ايس ايس بي) جي 30 بٽالين جي پي ٽي گرائونڊ ويجهو ضابطي مان نڪري وڃي ٽرڪ کاهي ۾ ڪرڻ کان اڳ يونٽ جي پوڙين لنڪ لوهين تارن سان ٽڪرائجي وئي حادثي جي جاچ شروع ڪئي وئي آهي.

نيٽي جيٽي پل جي مٿان روڊ حادثي ۾ موٽرسائيڪل سوار 17 سالن جو نوجوان سمير پٽ اقبال شاهه فوت ٿي ويو آهي جناح اسپتال ايمرجنسي جي ويجهو تيز رفتار رڪشي جي ٽڪر ۾ ليڊيز ڊاڪٽر قاضي راحيلا سخت زخمي ٿي پئي آهي رڪشا ڊرائيور حادثي بعد فرار ٿي ويو.

جاگرافيائي علائقي ۾ گهيراءُ جو شڪار آهن جيڪو مسلسل گهٽجي رهيو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق هن وڌيڪ چيو ته ڪير به غزه ۾ ٺوس اڳڀرائي حاصل ڪرڻ جي دعويٰ نه ٿو ڪري سگهي هن غزه جي پٽي لاءِ انساني امداد کي سياسي اڳڀرائي سان ڳنڍڻ کي رد ڪري ڇڏيو هن چيو ته اسان فلسطيني نيشنل ڪميٽي لاءِ سياسي ۽ مالي سهڪار جي حمايت ۽ ان کي مضبوط بڻائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون هن ان ڳالهه تي زور ڀريو ته فلسطيني نيشنل ڪميٽي قانوني حيثيت ۽ ساک جي لحاظ سان سنگ بنياد آهي.

روزاني عبرت 4

ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث "بيجو قورو ٽولي" سان واسطو رکندڙ 5 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو سنڌ رينجرز جي ترجمان موجب گرفتار جوابدارن ۾ اجمل خان عرف شاس انيس خان عبيدالله سجاد عرف طور مواسي ۽ لال خان شامل آهن جوابدارن جي قبضي مان هڪ 30 بور پسٽول، گولين سميت، ڦريل 3 موبائل فون ۽ روڪ رقم هٿ ڪئي وئي ترجمان موجب گرفتار جوابدار ڪراچي جي مختلف علائقن جن ۾ نيو ڪراچي بلديه ٽائون ڪياماڙي، سهراب گوٺ بس ٽرمينل پنجاب بس اڏي جمالي پل ۽ ڀرپاسي جا علائقا شامل آهن ۾ ڦر ۽ موبائل فون ڦرڻ جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث رهيا آهن ڌاڙيلن ڪياماڙي جي موبائل مارڪيٽ ۾ ڦر جي واردات ڪئي هئي جنهن جي سي سي ٽي وي فوٽيج پڻ موجود آهي رينجرز موجب گرفتار جوابدار اجمل خان عرف شاس عادي ڏوهاري آهي ۽ اڳ به پوليس هٿان گرفتار ٿي جيل وڃي چڪو آهي ٽولي جي ٻين ساٿين جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن جڏهن ته گرفتار جوابدارن کي هٿ آيل هٿيارن ۽ سامان سميت وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ پوليس حوالي ڪيو ويو آهي.

روزاني عبرت 4

ٿيل پاڪستاني مهاڻي جو لاش وطن پهچايو ويو سال 2021ع کان ڀارتي جيل ۾ قيد پاڪستاني مهاڻو اسماعيل جيڪو جيل دوران فوت ٿي ويو هو سندس لاش ضروري قانوني ۽ سفارتي ڪارروائي مڪمل ٿيڻ بعد پاڪستان پهچايو ويو ايڌي فائونڊيشن ڪراچي ايئرپورٽ تان لاش وصول ڪري مرحوم جي ابائي ڳوٺ منتقل ڪيو ايڌي فائونڊيشن جي مئنيجنگ ٽرسٽي فيصل ايڌي جي هدايت تي لاش جي منتقلي جا سمورا انتظام مڪمل ڪيا ويا 75 ورهين جي اسماعيل جو لاش ايمبولينس ذريعي ڪياماڙي جي بدر گرائونڊ منتقل ڪيو ويو جتي سندس ابائي علائقي ۾ سوڳ جي فضا ڇانئيل آهي تدفين جون تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن ايڌي فائونڊيشن انساني همدردي جي بنياد تي لاش جي وطن واپسي جا سڀ مرحلا مڪمل ڪيا. مرحوم جي تدفين سندس وارثن جي موجودگي ۾ ابائي علائقي ۾ ڪئي ويندي واضح رهي ته سامونڊي حدن جي ڀڃڪڙي جي الزام هيٺ پاڪستاني مهاڻن جون ڀارت ۾ گرفتاريون ماضي ۾ به ٿينديون رهيون آهن جڏهن ته قيدين جي آزادي ۽ فوت ٿيلن جي لاشن جي وطن واپسي لاءِ قانوني ۽ سفارتي عمل اڪثر ڊگهو وقت وٺندو آهي.

ڪري ورتو بجيٽ اجلاس جي صدارت ميئر سکر بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ ڪئي جڏهن ته ڊپٽي ميئر ڊاڪٽر ارشد مغل ڪمشنر سکر ميونسپل ڪارپوريشن پير الاهي بخش، مختلف يونين ڪميٽين جي چيئرمين ڪائونسلرز ۽ لاڳاپيل آفيسرز اجلاس ۾ شرڪت ڪئي ميئر سکر بجيٽ پيش ڪندي ٻڌايو ته مالي سال 2026-27 جو بجيٽ 1 ارب 28 ڪروڙ 58 لک 52 هزار 460 رپين جي امڪاني بجيٽ سان مرتب ڪيو ويو آهي جڏهن ته مجموعي خرچن جو تخمينو 12 ارب 66 ڪروڙ 54 لک 4 هزار 544 رپيا رکيو ويو آهي هن ٻڌايو ته شهري انفراسٽرڪچر جي بهتري بنيادي شهري سهولتن جي فراهمي کي نظر ۾ رکندي ريپيئر اينڊ مينٽيننس لاءِ 54 ڪروڙ رپيا مختص ڪيا ويا آهن جڏهن ته جاري ترقياتي منصوبن تي 2 ارب 22 ڪروڙ 12 لک 90 هزار 800 رپيا خرچ ڪيا ويندا. ميئر سکر چيو ته شهر جي سمورين يونين ڪميٽين کي ترقياتي فنڊ فراهم ڪيا ويا آهن ته جيئن هر علائقي ۾ عوامي ڀلائي جي منصوبن تي اثرائتي انداز ۾ عملدرآمد يقيني بڻائي سگهجي هن وڌيڪ چيو ته جلد ئي شهر ۾ نون ترقياتي منصوبن جو به آغاز ڪيو ويندو جنهن سان شهرين کي وڌيڪ بهتر بلدياتي سهولتون ميسر ٿينديون هن اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت طرفان سکر شهر کي ڪا به خصوصي گرانٽ فراهم ڪا نه ٿي آهي تنهن هوندي به موجود وسيلن کي ڪتب آڻيندي شهري سهولتن جي بهتري، صفائي سٿرائي، پاڻي جي نيڪال روڊن جي مرمت ۽ ٻين بلدياتي خدمتن جي فراهمي کي ترجيح ڏني پئي وڃي اجلاس دوران مختلف چونڊيل نمائندن بجيٽ تجويزن عوامي فلاحي منصوبن بابت ويچار ۽ پنهنجن پنهنجن علائقن ۾ ترقياتي ڪمن بابت سفارشون پيش ڪيون تفصيلي غور ۽ بحث بعد سکر ميونسپل ڪارپوريشن جو مالي سال 2026-27 جو بجيٽ اڪثريتي راءِ سان منظور ڪيو ويو.

قيراط سون جي في تولو قيمت ۾ هڪ هزار رپين جي گهٽتائي کانپوءِ 4 لک 31 هزار 2 سؤ 36 رپين جي ٿي وئي جڏهن ته 24 قيراط سون جي 10 گرام جي قيمت ۾ 730 رپين جي گهٽتائي سان 3 لک 69 هزار 715 رپيا ٿي وئي ساڳئي طرح 10 گرام 22 قيراط سون جي قيمت به 669 رپين جي گهٽتائي سان 3 لک 38 هزار917 رپين تائين گهٽجي وئي واضح رهي ته عالمي مارڪيٽ ۾ سون جي قيمت 10 ڊالر في اونس جي گهٽتائي سان 4088 ڊالر ٿي وئي ٻئي طرف چاندي جي في تولو قيمت 271 رپين جي گهٽتائي سان 6393 ۽ 10 گرام چاندي جي قيمت 161 رپين جي گهٽتائي کانپوءِ 5480 رپيا ٿي وئي ايسوسيئيشن مطابق عالمي مارڪيٽ ۾ چاندي جي في تولو قيمت ۾ 2.71 ڊالر في اونس جي گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي آهي جنهن کانپوءِ چاندي جي في اونس قيمت 59.14 ڊالر تائين گهٽتائي ٿي وئي.

لاءِ قدم کنيا وڃن پرڏيهي خبرن اداري گڏيل قومن ۾ سعودي عرب جي مستقل نمائندي ڊاڪٽر عبدالعزيز الواصل سلامتي ڪائونسل جي اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته هٿياربند تڪرار ۾ ٻارن جو تحفظ فراهم ڪرڻ سمورين ڌرين جي ذميواري آهي سلامتي ڪائونسل جي اجلاس ۾ بحث جو موضوع هٿياربند تڪرارن ۾ ٻارن جو تحفظ هو اجلاس کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر عبدالعزيز الواصل وڌيڪ چيو ته سعودي عرب سڄي دنيا ۾، خاص طور تي تڪرارن سبب متاثر هنڌن ۽ علائقن ۾ ٻارن ۽ شهرين جي تحفظ لاءِ مسلسل انساني امدادي سرگرمين جي حمايت ڪندو رهيو آهي ان سلسلي ۾ امداد ۽ انساني خدمتن بابت شاهه سلمان مرڪز 90 کان وڌيڪ ملڪن ۾ تڪرارن ۽ قدرتي آفتن سبب متاثر ماڻهن کي امداد فراهم ڪري رهيو آهي پنهنجي خطاب ۾ ڊاڪٽر الواصل واضح ڪيو ته غزه جي پٽي ۾ جاري صورتحال عالمي انساني قانون ۽ گڏيل قومن جي ڪليل ڀڃڪڙي آهي هن ان حوالي سان عالمي برادري تي زور ڀريو ته هو انساني الميي کي روڪڻ ٻارن جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ ۽ سنگين ڀڃڪڙين جي ذميوارن جو احتساب ڪرڻ لاءِ فوري قدم کڻي هن ان عزم جو ورجاءُ به ڪيو ته سعودي عرب ٻارن جي تحفظ ۽ تڪرارن سبب متاثر ماڻهن لاءِ امن ۽ استحڪام قائم ڪرڻ لاءِ گڏيل قومن جي مخلصاڻين ڪوششن جي حمايت به جاري رکندو.

پير هٽوس دادو ۾ پيپلزپارٽي جي نون منتخب ٿيل عهديدارن پيپلزپارٽي تعلقه دادو جي صدر ايم عمر پنهور خالد حسين ميراڻي پيپلزپارٽي دادو سٽي جي صدر احمد نواز سولنگي افتخار احمد راهوجو واجد علي ملاح محمد صالح پنهور حاجي لياقت علي سومرو حبيب رحمان ڪوريجو امتياز علي چانڊيو منظور علي ڪوسو حاجي محمد ايوب شاهاڻي ڪامريڊ نظير احمد قنبراڻي ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته پيپلزپارٽي غريب عوام جي پارٽي آهي پيپلزپارٽي جي ڪارڪنن کي چيئرمين بلاول ڀٽو مقرر ڪري اهو ثبوت ڏنو آهي ته پارٽي جو اصل سرمايو پارٽي جا ڪارڪن آهن هن چيو ته دادو ضلع هميشه پيپلزپارٽي جو قلعو رهيو آهي ۽ دادو جو غريب عوام هميشه شهيد ذوالفقار علي ڀٽو شهيد راڻي بينظير ڀٽو سان ساٿ نڀائيندا رهيا، هن چيو ته ان شاءَ الله ايندڙ وقت ۾ به غريب عوام پيپلزپارٽي کي ڪامياب ڪري چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي ملڪ جو وزيراعظم بڻائيندا ان موقعي تي پاڪستان پيپلزپارٽي تعلقه دادو جي صدر محمد عمر پنهور پارٽي طرفان ذميواري ملڻ تي پيرمظهرالحق کي بوسڪي جو پٽڪو اوڍايو ۽ شڪريو ادا ڪيو آخر ۾ پير مظهرالحق پاران خالد حسين ميراڻي کي پ پ پ ضلع دادو جو آفيس سيڪريٽري مقرر ٿيڻ تي لونگي جو تحفو پيش ڪيو.

سنڌي ايڊيشن
انچارج: مجيب ناريجو
IBRAT SANSAR
عبرت سنسار
68 Golden Jubilee Year
Ibratsansar@yahoo.com
آچر 28 جون 2026ع

آمريڪا ۽ ايران ۾ ٻيهر ڇڪتاڻ

فريد احمد

فارسي نار جو نيرو پاڻي هن وقت دنيا جي سڀ کان وڏي جاگرافيائي، سياسي ۽ اقتصادي طوفان جو مرڪز بڻيل آهي. جون 2026ع جو هلندڙ هي آخري هفتو تاريخ ۾ هڪ اهڙي نازڪ موڙ طور ياد رکيو ويندو، جتي هڪ طرف سوئٽزرلينڊ جي پرامن پهاڙن ۾ سفارتڪاريءَ جون آخري ڪوششون ڪيون پئي ويون، ته ٻئي طرف هرمز واري لنگهه جي لهرن تي بارود جي بوءِ پکڙيل هئي. هيءَ ويڙهاند رڳو ٻن روايتي حريفن آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ نه، پر عالمي اقتصادي شريانن تي قبضي، نيٽو جي اتحاد ۾ ڏارن ۽ وچ اوڀر جي نئين نقشي جي جوڙجڪ جو هڪ پيڇيدو داستان پڻ آهي. خطي جي هيءَ بدلجندڙ صورتحال صرف وچ اوڀر تائين محدود ناهي رهي، پر توانائيءَ جي عالمي مارڪيٽن، بين الاقوامي واپار ۽ وڏين طاقتن جي پرڏيهي پاليسين تي به ان جا گهرا اثر پئجي رهيا آهن.

هن بحران جا مُنڍيا ۽ سُرا ڪجهه ڏينهن اڳ طئه ٿيل 'اسلام آباد ياداشت' ۽ خطي ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ جوڙيل هڪ 60 ڏينهن جي عارضي فريم ورڪ سان ملن ٿا، جنهن کي ايران جي ڳالهين واري سٽ جي سربراهه باقر قاليباف ايراني قوم جي 'مزاحمت ۽ طاقت جو مظهر' قرار ڏنو هو. ان ئي فريم ورڪ تحت 22 جون تي واشنگٽن مان هڪ وڏي اڳڀرائي سامهون آئي هئي، جڏهن آمريڪا جاري سفارتي عمل کي هٿي ڏيڻ ۽ مستقل معاهدي لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ خاطر 60 ڏينهن لاءِ هڪ خاص جنرل لائسنس جاري ڪيو هو جنهن تحت ايراني ڪچو تيل، پيٽروليم جنسن، انشورنس، شپنگ ۽ ڊالر ۾ ڪجهه مالي ڏي وٺ تي لڳل سخت پابندين ۾ عارضي نرمي جو اعلان ڪيو ويو هو. ان قدم ڪانپوءِ عالمي مارڪيٽ ۾ تڪڙو هاڪاري ردعمل ڏسڻ ۾ آيو. ڪچي تيل جي قيمتن ۾ عارضي گهٽتائي رڪارڊ



ڪئي وئي ۽ نار ۾ ساموندي واپار جي حوالي سان هڪ محتاط اميد پڻ پيدا ٿي. تنهن هوندي به، واشنگٽن ۾ آمريڪي صدر ڊونالڊ ٽرمپ ان اڳڀرائي کي آمريڪي سفارتڪاري جي هڪطرفي ڪاميابي قرار ڏنو. آبادگارن کي خطاب ڪندي ٽرمپ دعويٰ ڪئي ته "آمريڪا نهايت سرسيءَ ۾ آهي ۽ ايران ڊيل لاءِ آتو هو. هن لڳاتار ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ايران جي روڪيل اثاثن کي صرف آمريڪي آبادگارن کان سويابين، مڪئي ۽ ڪڻڪ خريد ڪرڻ لاءِ ئي استعمال ڪرڻ ڏنو ويندو." ايراني قيادت ان دعويٰ کي مڪمل طور رد ڪندي واضح ڪيو ته رٿيل ڪنهن به معاهدي جو بنياد ڳڏيل احترام، پابندين جي اثرائتي خاتمي ۽ ايران جي قومي مفادن جي تحفظ تي هجڻ گهرجي، نه ڪي آمريڪي آبادگارن جا فصل خريد ڪرڻ تي. باقر قاليباف طنز ڪندي چيو ته آمريڪا ظاهر ۾ صرف سويابين، واعدا خلافين ۽ تلخ بيان ئي برآمد ڪري ٿو ۽ تهران ان قسم جي بليڪ ميلنگ ۾ نه ايندو.

ان ئي وقتي جنگبنديءَ دوران 23 جون تي برن (سوئٽزرلينڊ) ۾ ٻنهي ملڪن جي اعليٰ سطحي وفدن وچ ۾ دائمي امن معاهدي جي ڪاريگري (ٽيڪنيڪل) نقطن تي پيرائتين ڳالهين جو سلسلو جاري رهيو. ايران جو اعليٰ سطحي وفد، جنهن کي 'ميناب 168' جو نالو ڏنو ويو هو ۽ ان ۾ پرڏيهي وزير عباس عراقچي ۽ علي باقري شامل هئا، آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس جي اڳواڻيءَ واري وفد سامهون ويٺو. انهن ملاقاتن ۾ ايراني ايٽمي پروگرام، پابندين جي مرحليوار خاتمي، علائقائي سلامتي ۽ ڀروسو بيهارڻ وارن قدمن تي ڳالهه ٻولهه ٿي. جي ڊي وينس ان کي 'همٿائيندڙ شروعات' قرار ڏنو پر ايران واضح ڪيو ته ان جي ايٽمي پروگرام بابت سمورا فيصلا ملڪي خودمختياريءَ مطابق ئي ڪيا ويندا. 26 جون تي ويانا ۾ بين الاقوامي ايٽمي توانائي ايجنسي جي سربراهه دعويٰ ڪئي ته عارضي انتظامن هيٺ ايران عالمي تپاسڙين کي پنهنجي ايٽمي نڪاڻن تائين ٻيهر رسائي ڏيڻ ۽ سهڪار ڪرڻ تي راضپو ظاهر ڪري ڇڏي آهي. جيتوڻيڪ تپاس جي حد ۽ ڍنگ تي اڃا وڌيڪ ٽيڪنيڪل ۽ قانوني اختلاف باقي آهن. تنهن هوندي به سفارتي حلقن ان اڳڀرائي کي ڀروسو ٻيهارڻ جي ڏس ۾ اهم ۽ فيصلائتو قدم قرار ڏنو.

ان سموري اڳڀرائي باوجود امن جون اهي اميدون وڌيڪ دير تائين قائم نه رهي سگهيون. چاڪاڻ ته سفارتي ڪوشش سان گڏوگڏ عالمي واپار ۽ توانائيءَ جي رسد لاءِ انتهائي اهم سمجهي ويندڙ ساموندي رستي 'هرمز' ۾ تڪرار ٻيهر اڀريو. ايران اعلان ڪيو ته هرمز واري لنگهه تي صرف پاسدارانِ انقلاب (IRGC) جو قانون هلندو ۽ اتان گذرندڙ جهازن تي ٽول يا فيس لاڳو ڪري سگهجي ٿي. آمريڪا ۽ نار سهڪار ڪائونسل (GCC) بحرين جي اجلاس ۾ ان منصوبي کي رد ڪندي ان کي عالمي سلامتي ۽ بنا رنڊ روڪ واري ساموندي سفر جي خلاف قرار ڏنو. ايران ان ردعمل کي چڙ ڏيارينڌڙ ڪوٺيندي نار وارن ملڪن کي چتاءُ ڏنو ته هو پنهنجي ڌرتي ايران خلاف استعمال ٿيڻ نه ڏين. ڳالهه صرف بيانن تائين محدود نه رهي، ۽ 25 جون تي عمان جي سمنڊ ڪنڌيءَ کان سادا ست ناٽيڪل ميل پري سنگاپور جي جهنڊي واري هڪ وڏي واپاري ڪارگو جهاز "M/V Ever Lovely" تي ڊرون

حملو ڪيو ويو. جنهن 60 ڏينهن جي جنگبنديءَ کي شديد خطري ۾ وجهي ڇڏيو. واشنگٽن حملي جو سڌوسنئون ذميوار ايران کي قرار ڏيندي سخت فوجي ردعمل جي ڌمڪي ڏني. آمريڪي صدر ٽرمپ دعويٰ ڪئي ته ايران 4 ڊرون فائر ڪيا، جن مان هڪ ڊرون واپاري جهاز کي نقصان پهچايو. تهران ان حملي جي سڌي ذميواري قبول نه ڪئي، پر هرمز واري لنگهه ۾ پنهنجي سلامتيءَ بابت سخت پاليسي برقرار رکڻ جي ورجايو. ان واقعي ڪانپوءِ ڪچي تيل جي قيمتن ۾ ٻيهر واڌ ٿي ۽ برينٽ ڪروڊ 75 ڊالر في بيرل کان مٿي هليو ويو، جڏهن ته عالمي اداري (IMO) هنگامي طور تي 115 ساموندي جهازن ۽ 2500 ملاحن کي اتان محفوظ هنڌن تي منتقل ڪرڻ جو حڪم ڏنو. واپاري جهاز تي حملي جي جواب ۾ 27 جون جي رات آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ ايران اندر فوجي ٺڪاڻن تي محدود هوائي حملا ڪندي 'آپريشن ايپڪ فيوري (Operation Epic Fury)' شروع ڪري ڏنو. پينٽاگون مطابق آمريڪي جهازن ڏکڻ ايران جي سمنڊ ڪنڌي واري شهر سيرڪ ۽ سرڪ ڀيٽ ويجهو ايراني ميزائل نيٽ ورڪ، ڊرون ذخيرن ۽ ريڊار سائيٽن تي حملا ڪيا. آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس واضح پيغام ڏنو ته تشدد جو جواب تشدد سان ڏنو ويندو. ٻئي طرف، ايران جي پاسدارانِ انقلاب ان آمريڪي ڪارروائيءَ کي بين الاقوامي قانونن جي ڀڃڪڙي ڪوٺيندي سخت مذمت ڪئي ۽ دعويٰ ڪئي ته پاڻ به خطي ۾ آمريڪي فوجي ٺڪاڻن تي جوابي حملا ڪيا آهن. گڏوگڏ چتاءُ ڏنو ته وڌيڪ ڪنهن به حملي جو جواب پهريان کان ويتر سخت ۽ حيران ڪندڙ هوندو. تجزيه نگارن موجب جيتوڻيڪ انهن تازين فوجي ڪارروائين اڃا تائين مڪمل جنگ کي جنم ناهي ڏنو پر جنگبنديءَ جي مستقبل تي سنجيده سوال ضرور اٿاري ڇڏيا آهن. ان فوجي ڪارروائيءَ نيٽو اتحادين وچ ۾ موجود ڏارن کي به واضح ڪري ڇڏيو آهي. صدر ٽرمپ نيٽو چيف مارڪ روٽي سميت يورپي ملڪن تي ڏمر ظاهر ڪيو ته برطانيا، فرانس، جرمني ۽ اٽليءَ بي وفائي ڪندي ايران جي خلاف جنگ ۾ آمريڪا جو ساٿ نه ڏنو. نيٽو چيف ٽرمپ کي پرچائڻ لاءِ انڪشاف ڪيو ته ان آپريشن لاءِ اٽليءَ جي فوجي اڏن تان 500 آمريڪي جهازن اڏام ڀري هئي. ان انڪشاف تي تهران ۾ ڀڙڪ وارو ماحول پيدا ٿي ويو ۽ اٽلي جي پرڏيهي وزير انتونيو تاجانيءَ کي ترت فونون ڪري پنهنجي ايراني عهدي ياري عباس عراقچيءَ کي صفائيون ڏيڻيون پيون ته اٽلي ان حملي ۾ سڌوسنئون شريڪ نه هو ۽ نه ئي پنهنجا اڏا استعمال ڪرڻ ڏنا هئائين.

ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ڇڪتاڻ جا اثر صرف ٻنهي ملڪن تائين محدود ناهن. يورپ ۽ نار وارا ملڪ ۽ عالمي توانائيءَ جا مارڪيٽ لڳاتار ان صورتحال جو جائزو وٺي رهيا آهن، چاڪاڻ ته هرمز جو لنگهه تيل جي عالمي واپار جو سڀ کان اهم گذرگاهه آهي. برطانوي رسالي 'دي اڪانومسٽ' جي تازي رپورٽ موجب نار جا ملڪ معاشي ۽ سلامتي جي لحاظ کان 1990ع واري ڪويت بحران ڪانپوءِ هن وقت سڀ کان وڏي خطري کي منهن ڏئي رهيا آهن، ۽ سلامتيءَ بابت آمريڪي ضمانتن تي سوال اٿارجي چڪا آهن. ڪنهن به وڏي ۽ ڊگهي ڇڪتاڻ جي صورت ۾ عالمي توانائيءَ جي قيمتن، مهانگائي ۽ ساموندي رستي واپار تي هاڃيڪار اثر پئجي سگهن ٿا. واشنگٽن اندر به صدر ٽرمپ جي ان جنگي حڪمت عمليءَ تي سخت تنقيد ٿي رهي آهي. سينيٽ ۾ ڊيموڪريٽ اڳواڻ چڪ شومر ٽرمپ تي ڪڙي تنقيد ڪندي هن مر کي 'تاريخ جي بدترين پرڏيهي پاليسي' قرار ڏنو جنهن آمريڪي عوام کي صرف ڪُٽتي، پريشاني، افراتفري ۽ وڏيون مالي چٽيون هنيون، پر ڪو به حدف حاصل نه ٿي سگهيو. خطي ۾ هيءَ ڇڪتاڻ هڪ اهڙي وقت عروج تي پهتي، جڏهن ايران جي صدر مسعود پزشڪيان يوم عاشور جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ واضح ڪيو ته ايران حضرت امام حسين عليه السلام جي نقشِ قدم تي هلندي ڪنهن به ظلم جي اڳيان ڪنڌ نه جهڪائيندو.

سفارتي ذريعن موجب، سمورن فوجي ٽڪرائن ۽ زمين تي جاري ڏٻاءُ باوجود پردي پويان رابطا قائم آهن ۽ 30 جون تي ٻيهر سوئٽزرلينڊ ۾ ٽيڪنيڪل ٽيمن کي وڃڻو آهي ته جيئن ڳالهين وارو عمل ٻيهر اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ۽ جنگبنديءَ کي برقرار رکندي مستقل سياسي حل جو رستو ڪڍيو وڃي. تنهن هوندي به هاڻوڪين حالتون ان ڳالهه جو ڏس ڏين ٿيون ته وچ اوڀر هن وقت هڪ اهڙي نازڪ ترين مرحلي مان گذري رهيو آهي جتي سفارتڪاري ۽ عسڪري دٻاءُ هڪ ئي وقت جاري آهن. هاڻي ڪو به معمولي واقعو يا شعلو پوري خطي ۾ ٻيهر هڪ وڏي جنگ جو ڀڙڪو ڀڙڪائي سگهي ٿو. ايندڙ ڪجهه ڏهاڙا ان ڳالهه جو فيصلو ڪندا ته ڌريون اختلاف گهٽائڻ ۽ هڪ نازڪ توازن برقرار رکڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿيون، يا هي خطو جنگ جي ڏٻڻ ۾ ڌڪجي وڃي ٿو.

پيٽرول جا اگهه ۽ عوام جا اهنج

فيضان احمد

پاڪستان ۾ تيل جي اگهن جو معاملو هاڻي رڳو ڪو معمولي انتظامي يا دفتري فيصلو نه رهيو آهي، پر اهو ملڪ جي معاشي، سياسي ۽ سماجي زندگيءَ جو هڪ انتهائي حساس مسئلو بڻجي چڪو آهي، جنهن جا سڌا اثر ڪروڙين ماڻهن جي روزاني زندگيءَ، ڪاروبار ۽ گذر سفر تي پون ٿا. خاص ڪري جڏهن کان ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ هرمز اوري ساموندي لنگهه تي ايران - آمريڪا ڇڪتاڻ جنم ورتو تڏهن کان پاڪستان ۾ هڪ نئون سلسلو شروع ڪيو ويو آهي، پندرهن ڏينهن واري روايتي نظام کي پاسي تي رکي، هر جمعي تي وزيراعظم شهباز شريف پاڻ پيٽرول جي اگهن جو اعلان ڪرڻ ميدان تي لهي پوندو آهي.

جيڪڏهن اسان اڳن اڪرن جو تاريخي جائزو وٺنداسين ته حڪمرانن جي پاليسين جي پت وائکي ٿي پوندي موجوده وزيراعظم شهباز شريف جي حڪومت (پي ڊي ايم ون) کان اڳ ملڪ ۾ پيٽرول جو اگهه اٽڪل 150 رپيا في ليٽر جي لڳ ڀڳ هو. تنهن ڪانپوءِ آءِ ايم ايف جي شرطن ۽ ٽيڪسن جي نالي تي قيمتون تيزيءَ سان وڌيون. ان ڪانپوءِ موجوده ايران- آمريڪا ڇڪتاڻ کان اڳ، يعني 28 فيبروري 2026ع تي پاڪستان ۾ پيٽرول جو اگهه اٽڪل 260 رپيا في ليٽر هو پر جيئن ئي هرمز بحران ۽ عسڪري ڇڪتاڻ شروع ٿي، تيل لڳاتار مهانگو ٿيندو ويو ۽ پيٽرول جو اگهه بي تهاشا وڌي 458 رپيا 41 پئسا في ليٽر تائين پهچي ويو. ان ڪانپوءِ عالمي مارڪيٽ ۾ ڪجهه استحڪام اچڻ سان حڪومت مرحليوار گهٽتائيون ڪندي قيمت کي پهرين 378 رپين، پوءِ 373 رپيا ۽ هاڻي 299 رپيا 50 پئسا في ليٽر تائين آندو آهي. بهرحال، معاشي ماهرن جو چوڻ آهي ته عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل جي قيمتن ۾ آيل وڌيڪ گهٽتائي جو مڪمل فائدو اڃا تائين عام ماڻهن تائين منتقل نه ٿي سگهيو آهي، چاڪاڻ ته پيٽروليم ليوي ۽ ٻين محصولن جو بار بدستور برقرار آهي.

ان سرڪاري مصلحت پسنديءَ جو تازو مثال تڏهن سامهون آيو جڏهن وزيراعظم پاران پيٽرول ۽ ڊيزل جون بنيادي قيمتون برقرار رکڻ جو اعلان ٿيو پر پردي جي پٺيان ڊيزل تي پيٽروليم ليوي ۾ 6 رپيا 57 پئسا في ليٽر جي وڏي واڌ ڪري ان کي 79 رپيا 54 پئسا ڪيو ويو، جڏهن ته پيٽرول تي اها 66 رپيا 64 پئسا في ليٽر ڪئي وئي. ظاهر ۾ ته اگهه ساڳيا رهيا، پر حقيقت ۾ حڪومت هر ليٽر تي پنهنجي وصولي وڌائي عوام جي کيسي تي ڌاڙو هنيو. اهو ئي سبب آهي جو عوام ۾ اهو تاثر وڌيڪ مضبوط ٿيو آهي ته عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچو تيل سستو ٿيڻ جو فائدو مڪمل طور منتقل ڪرڻ بدران، ان جو وڏو حصو سرڪاري آمدني وڌائڻ ۽ مالي خساري کي پورڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو.

هاڻي ماڻهو سمجهڻ ۽ ان جو عام ڪچهرين ۾ اظهار به ڪرڻ لڳا آهن ته ملڪ ۾ پيٽرول جي قيمت جو تعين جنهن پيچيده فارمولي تحت ٿئي ٿو اهو عوام کي لٽڻ جو هڪ قانوني جار آهي. جنهن ۾ ڊالر جي متاسٽا جي شرح، ساموندي سفر جو ڀاڙو، انشورنس، ۽ ريفائننگ کان وڌيڪ وزن پيٽروليم ليوي جو هوندو آهي. نتيجي ۾ ٽرانسپورٽ، زراعت، صنعت، خوراڪ ۽ عام واهپي جي تقريباً هر شيءِ کي مهانگائيءَ جي گرهڻ لڳي چڪي آهي. اشرافيه جنهن کي مفت پيٽرول ۽ پروٽوڪول مليل آهي، تنهن کي ان درد جو اندازو ئي ناهي ته هڪ پورهيت ڪيئن ٻارن جو پيٽ پالڻ لاءِ موٽرسائيڪل ۾ مهانگو پيٽرول وجهرائي نڪري ٿو.

هن بحران جو سڀ کان حساس پاسو ايران سان لڳاپيل آهي. پاڪستان جي ڊگهي سرحد ايران سان ملي ٿي، جيڪو دنيا جو وڏو تيل پيدا ڪندڙ ملڪ آهي. جيو پوليٽيڪل بحرانن ۽ هرمز واري لنگهه جي موجود تڪرار باوجود، جيڪڏهن ايران سان قانوني توانائي واپار جا رستا کليل سگهن ته پاڪستان کي تيل جي فراهمي ۽ درآمدي خرچن ۾ تمام وڏو رليف ملي سگهي ٿو. پر قانوني واپار کي بين الاقوامي پابندين جي نالي تي روڪيو ويو آهي، جڏهن ته ٻئي طرف ايراني تيل جي اسمگلنگ ذريعي هڪ غير رسمي 'اسمگلنگ جي معيشت (Smuggling Economy)' هلائي پئي وڃي. ان غيرقانوني واپار مان ملڪ جو هڪ مخصوص طاقتور اشرافيه طبقو ۽ بيوروڪريسي روزانو اربين رپيا ڪمائين ٿا. جنهن سان رياست کي ٽيڪس نٿي ملي ۽ عام عوام مهانگو تيل خريد ڪرڻ تي مجبور آهي. جيڪڏهن اسمگلنگ جي خاتمي سان گڏ توانائي واپار بابت ڊگهي مدي واري شفاف ۽ باقاعده سرڪاري پاليسي تيار ڪئي وڃي ته ملڪ ۾ پيٽرول جا اگهه اڌ کان به گهٽ ٿي سگهن ٿا.

حقيقت اها آهي ته پيٽروليم پاليسي هاڻي رڳو ٻارڻ جو فني معاملو نه پر سماجي انصاف جو هڪ وڏو سوال بڻجي چڪو آهي. هرمز بحران جي آڙ ۾ هر جمعي تي حڪومت پاران قيمتن جو تماشو عوام لاءِ نئين مالي بار جي علامت بڻيل آهي. حڪومت کي پنهنجي مالي ضرورتن ۽ عوام جي برداشت جي آخري حد وچ ۾ هڪ حقيقي توازن پيدا ڪرڻو پوندو، جتي شفافيت ۽ عوامي مفاد پاليسي جو مرڪز بڻجن. بين الاقوامي مارڪيٽ جي آڙ ۾ عوام کي ٻنهي هٿن سان لٽڻ جو هي سلسلو جيڪڏهن بند نه ڪيو ويو ته عوام جو هي معاشي استحصال ملڪ ۾ هڪ اهڙي عوامي طوفان ۽ ڪاوڙ کي جنم ڏيندو جنهن کي روڪڻ ڪنهن جي وس ۾ نه هوندو.

سڄاول ضلعي ۾ يوم عاشورا حضرت امام حسينؑ ۽ سندس باوفا ساٿين جي عظيم قربانين کي پيٽا پيش

ضلعي جا سمورا مرڪزي ۽ ذيلي ماتمي جلوس پنهنجن مقرر روايتي رستن تان پرامن نموني گذري خيريت سان پنهنجن اختتامي هنڌن تي پهتا

ايس ايس پي سڄاول عليند راڄپر، ڊپٽي ڪمشنر سڄاول زاهد حسين رند سان گڏ ضلعي جي مختلف مرڪزي ماتمي جلوسن جو دورو

عالمن، ذاڪرن، مجلسن ۽ جلوسن جي منتظمين، امن ڪميٽين، علائقي جي معززن ۽ عوام ضلعي انتظاميا، پوليس ۽ ٻين سيڪيورٽي ادارن سان ڀرپور سهڪار ڪيو

سڄاول جي ڊي سي زاهد حسين رند ۽ ايس ايس پي عليند راڄپر يوم عاشورا جي جلوسن جي سيڪيورٽي انتظامن جي نگراني ڪري رهيا آهن

سڄاول(ڊ ر) ضلع سڄاول ۾ يوم عاشورا انتهائي عقيدت، احترام ۽ پرامن ماحول ۾ ملهايو ويو. سمورا ماتمي جلوس خيريت سان اختتام پذير سڄاول ضلعي ۾ 10 محرم الحرام يوم عاشورا حضرت امام حسينؑ ۽ سندس باوفا ساٿين جي عظيم قربانين کي پيٽا پيش ڪندي انتهائي عقيدت، احترام ۽ مذهبي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو. ضلعي جا سمورا مرڪزي ۽ ذيلي ماتمي جلوس پنهنجن مقرر روايتي رستن تان پرامن نموني گذري خيريت سان پنهنجن اختتامي هنڌن تي پهتا، جڏهن ته سڄي ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال مڪمل طور تي برقرار رهي ايس ايس پي سڄاول عليند راڄپر، ڊپٽي ڪمشنر سڄاول زاهد حسين رند سان گڏ ضلعي جي مختلف مرڪزي ماتمي جلوسن، مجلسن عزا ۽ حساس هنڌن جو دورو ڪري سيڪيورٽي، ٽريفڪ، داخلي ۽ خارجي رستن، پوليس نفري جي مقرري ۽ ٻين انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو. ان موقعي تي لاڳاپيل آفيسرن کي عزادارن جي حفاظت، عوامي سهولتن ۽ امن امان جي مؤثر قيام بابت ضروري هدايتون پڻ جاري ڪيون ويون. ضلع سڄاول جي شهرن ڳوٺن ۽ ٻين علائقن ۾ مجلسن عزا منعقد ٿيون ۽ ماتمي جلوس پنهنجي مقرر رستن تان پرامن نموني گذري خيريت سان اختتام پذير ٿيا. ڏهين محرم دوران مختلف مڪتب فڪر جي عالمن، ذاڪرن، مجلسن ۽ جلوسن جي منتظمين، امن ڪميٽين، علائقي جي معززن ۽ عوام ضلعي انتظاميا، پوليس ۽ ٻين سيڪيورٽي ادارن سان ڀرپور سهڪار ڪيو، جنهن سبب مذهبي هم آهنگي، رواداري ۽ امن جي مثالي فضا برقرار رهي. ايس ايس پي سڄاول عليند راڄپر محرم الحرام دوران فرض شناسي سان خدمتون سرانجام ڏيندڙ پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن، ضلعي انتظاميا، ريسڪيو، صحت کاتي، بلدياتي ادارن، امن ڪميٽين، عالمن، مجلسن ۽ جلوسن جي منتظمين، ميڊيا نمائندن ۽ عوام جي تعاون کي ساراهيندي سندن ڪردار کي واکاڻيو. هن چيو ته سڄاول پوليس مستقبل ۾ به عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ، مذهبي هم آهنگي جي فروغ ۽ پائيدار امن جي قيام لاءِ ساڳئي جذبي سان پنهنجا فرض انجام ڏيندي.

ٽنڊو محمد خان ۾ يوم عاشور وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

شهر جو سوين سال قديمي ماتمي پڙ سميت سوين ماتمي جلوس برآمد

ماتمي جلوسن جي سيڪيورٽي جا انتظام پوليس ۽ رينجرز پاران انتهائي سخت ڪيا ويا

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ 10 محرم الحرام يوم عاشور جو ڏهاڙو وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو شهر جو سوين سال قديمي ماتمي پڙ جنهن ۾ درگاهه ملوڪ شاهه وسائي جو پڙ ۽ مرڪزي امام بارگاهه حسيني سميت سوين ماتمي جلوس برآمد ٿيا ماتمي جلوسن ۾ هزارين مومن شرڪت ڪئي ان موقعي ماتمي جلوسن جي سيڪيورٽي جا انتظام پوليس ۽ رينجرز پاران انتهائي سخت ڪيا ويا مختلف پڙن تان برآمد ٿيندڙ ماتمي جلوس شهر جي مرڪزي مير جي پڙن نظر محمد دولهه جو پڙ درگاهه حاجي سپاڳو فقير جو پڙ جمن شاهه ۽ بخاري جو پڙن سميت مختلف پڙن تي پهتا جتي مومنن پاران نوح خواني ڪئي وئي ان دوران هزارين مومنن پاران زنجيرن خنجرن تلوارن جو ماتم ڪيو دوران ماتم سوين عزادار سخت زخمي ٿي پيا جن کي سول اسپتال ٽنڊو محمد خان پهچايو ويو جتي کين طبي سهولت ڏيڻ بعد روانو ڪيو ويو جڏهن ته يوم عاشور جي ڏينهن تي شهر ۾ 50 کان مٿي ماتمي جلوس برآمد ٿيا ۽ مختلف امام بارگاهن ۾ 33 مجلسون پڻ منعقد ڪيون ويون ۽ امام بارگاهه الحسيني کان برآمد ٿيندڙ مرڪزي ماتمي جلوس مرڪزي الحسيني مير جي پڙ جي پهتو جتي هزارين مومنن ظهر جي نماز ادا ڪئي وئي، جڏهن ته ماتمي جلوسن جي سيڪيورٽي لاءِ پوري ضلعي ۽ شهر اندر پوليس ۽ رينجرز جي اهلڪار ۽ رضاڪار پنهنجا فرائض ادا ڪيا ويا ٻئي طرف ماتمي جلوسن جي گذر گاهن جي جڳهه جڳهه تي ٿڌي شربت، پاڻي ۽ نياز جون سبيلون پڻ لڳايون ويون جڏهن ته ايس ايس پي آفيس ۾ ماتمي جلوسن جي مانيٽرنگ ڪرڻ لاءِ ڪنٽرول روم پڻ قائم ڪيو ويو هو جتي سي سي ٽي وي ڪيمرا پڻ لڳايون ويون ۽ مجلس ماتمي جلوسن جي مڪمل نگراني ڪئي وئي ۽ ماتمي جلوس جي اختتام تي مرڪزي مير جي پڙ تي شام غريبان جي مجلس عزا پڻ منعقد ڪئي وئي

ٽنڊو محمد خان ۾ يوم عاشور وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو ذوالجناح علم پاڪ ۽ سيجون برآمد مومنن پاران زنجيرن جو ماتم ڪيو پيو وڃي

حيدرآباد ڀهراڙيءَ ۾ 10 محرم الحرام يوم عاشور جو ڏهاڙو وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

مختلف ڳوٺن مان سوين ماتمي جلوس برآمد ٿيا، ماتمي جلوسن ۾ هزارين مومنن شرڪت ڪئي

حيدرآباد (رپورٽ: محمد هاشم ملاح) تعلقي حيدرآباد ڀهراڙيءَ ۾ 10 محرم الحرام يوم عاشور جو ڏهاڙو وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو مختلف ڳوٺن مان سوين ماتمي جلوس برآمد ٿيا، ماتمي جلوسن ۾ هزارين مومن شرڪت ڪئي مختلف پڙن تان برآمد ٿيندڙ ماتمي مرڪزي پڙن ابراهيم ملاح جو پڙ بچل ملاح جو پڙ وڏيري خيري جو پڙ محمد بخش حاجاڻو جو پڙ نبي بخش عرف نبو ملاح جي پڙن سميت مختلف پڙن تي مومن پهتا، جتي نوح خوان ساجد ملاح، منظور مغل، ڪامران مغل سهيل ٻين راشد ملاح، معشوق ملاح، ملوڪ شورو ۽ ٻين پاران نوح خواني ڪئي وئي مومنن پاران زنجيرن خنجرن ۽ تلوارن جو ماتم ڪيو ويو جڏهن ته يوم عاشور جي ڏينهن تي مختلف جاين تان ماتمي جلوس برآمد ٿيا ۽ مختلف امام بارگاهن ۾ مجلسون پڻ منعقد ڪيون ويون ۽ مرڪزي ماتمي جلوس ۾ محمد بخش حاجاڻو جي زير اهتمام ذوالجناح، زوار قادر بخش حاجاڻو جي زير اهتمام هيٺ ڪربلا جي ڳوٺ قاسم عہ جي سيج، ابراهيم ملاح ۽ پيو ملاح زير اهتمام شهزادي علي اصغر جو جهولي مرحوم مصري ملاح جي گهران ڳوٺ قاسم عہ جي سيج نديم ملاح جي زير اهتمام برآمد ٿي ٻئي طرف ماتمي جلوسن جي گذرگاهن جي جڳهه جڳهه تي ٿڌي شربت، پاڻي ۽ نياز جون سبيلون پڻ لڳايون ويون هيون. ماتمي جلوس جي اختتام تي مرڪزي پڙن تي شامِ غريبان پڻ منعقد ڪئي وئي

ٽنڊوغلام علي ۾ ڳڏهن جي ساليانين پڙي لڳائي وئي

ٽنڊوغلام علي(ن ع) ٽنڊوغلام علي ۾ هر سال لڳندڙ ايشيا جي وڏي ۾ وڏي ڳڏهن جي پڙي هڪ ڏينهن لاءِ 11 محرم جي ڏينهن ٽنڊوغلام علي شهر جي وارڊ 7 ۾ قائم واٽر سپلائي پلاٽ ۾ لڳائي وئي پڙي ۾ اعليٰ نسل جا ڳڏهه لاسي ڳڏهه ٿري ڳڏهه ٿنيا خودا، وڏا خودا،خچر ڪاموڙي، سميت مختلف نسل جا ڳڏهه آندا ويا پڙي ۾ خريد ۽ فروخت لاءِ ڪراچي لاڙڪاڻو حيدرآباد سورو دادو عمرڪوٽ بدين ڪوٽڙي ميرپورخاص ٿر نوابشاهه هالا ماتلي ٽنڊو محمد خان ٽنڊوآدم ٻيٽ شاهه ٽنڊوالهيار مٽياري تلهار سميت پنجاب کان واپاري اچن ٿا هن پڙي ۾ ڳڏهن جي ريس لاءِ ٿهيل گرائونڊ ۾ ڊوڙ ڪرائي پوءِ واپاري ڳڏهه خريد ڪندا آهن واپارين خفتين پاران پنهنجي ڳڏهن کي سينگاري ڳڏهن تي پنهنجي پسند جا ٽالا هوائي جهاز ڪبوتر راڪيٽ بجلي جهوڙا مختلف ڳڏهن جا ٽالا لکي ڳڏهن جا خفتي پڙي ۾ ڪاهي ايندا آهن جڏهن ته ڳڏهن جو آمد جو سلسلو 8 محرم کان شروع ٿي ويندو آهي پڙي ۾ ڳڏهن جي سينگار جا دڪان هوٽلون ۽ ڳاهه جا اسٽال برياڻي جا ڳاڏا پڻ لڳايا آهن ان موقعي تي واپاري محمد علي لغاري ۽ ٻين ٻڌايو ته اسان ابن ڏاڏن سان ڳڏهن واپار ڪرڻ لاءِ ايندا آهيون ليڪن مهنگائي سبب خريدار نه اچڻ ڪري واپار گهٽ ٿيڻ جي ڪري به عمر ڪوٽ واسي سانوڻ ڪنڀار جو لاسي ڳڏهه 3 لکن ۾ وڪامجي ريو هن پڙي ۾ شهري پنهنجي ٻارن کي وٺي لطف اندوز ٿيندا آهن پڙي ۾ ايندڙ شهري ڳڏهن جو اگهه لکين رپيا ٻڌي حيران ٿيو وڃن خودانهن پڙي ۾ آيل واپارين ۽ شهرين چيو ته سنڌ ۾ اٽيڪ جانورن جون پڙيون لڳن ٿيون پر ٽنڊوغلام علي شهر ۾ خالص ڳڏهن جي پڙي لڳي ٿي جنهن ۾ هر نسل جا ڳڏهه خفتي سينگاري وڪري لاءِ آندا وڃن ٿا پڙي ۾ ڳڏهن جي گونج هوندي آهي ۽ پڙي جو ٺيڪو نيلام ته ٿيڻ ڪري پڙي ڪائون انتظاميا هلائي رهي آهي واپارين صحافين اڳيان پڙي ۾ سهولتون نه هڻڻ جون دانهون ڪندا رهيا واپارين پ پ ايم اين اي مير غلام علي ٽالپر ۽ ٽنڊوغلام علي شهر جي نوجوان ٽائون چيئرمين مير نور محمد عرف حاجن ٽالپر کان مطالبو ڪندي چيو ته پڙي ۾ ڳڏهه جي داخلا في قلعو هڪ هزار مان گهٽائي 300 سئو رپيا مقرر ڪري واپارين کي سهوليت ڪري ڏني وڃي ته جئين هي تاريخي پڙي پنهنجي سونهن بچائي سگهي هنن وڌيڪ چيو ته اگر پڙي ۾ ڳڏهه جي آنٽري في نه گهٽائي وئي ته هي تاريخي پڙي مڪمل طور ختم ٿي ويندي.

حيدرآباد انجمن يادگار چشتيه پاران منعقد ڪيل محفل ذڪر حسين عہ کي علامه قاري عطا رسول، مولانا محمد يونس طاهري، امان الله قاسم ۽ ٻيا خطاب ڪري رهيا

ٽنڊوڄام ۾ عاشوري دوران هڪ ئي پاڙي ۾ چوري جون ٻه وارداتون

مير پاڙي واري علائقي ۾ چور صحافي سميت ٻن گهرن جو صفايو ڪري ويا

پوليس هڪ به جوابدار گرفتار ڪري نه سگهي، شهرين پاران وڌندڙ بدامني تي ڳڻتي جو اظهار

ٽنڊوڄام(ت ر) ٽنڊوڄام ۾ بدامني ڇوٽ ڇڙهيل عاشوري دوران هڪ ئي پاڙي ۾ چوري جون ٻه وارداتون لکين رپين جي ماليت جو سون روڪ رقم ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري خبر موجب عاشوري دوران ٽنڊوڄام جي مير پاڙي واري علائقي ۾ چور صحافي سميت ٻن گهرن جو صفايو ڪري لکين رپين جي چوري ڪري ويا. پهرين واردات ۾ نامعلوم چور صحافي فراز شيخ جي گهر ۾ گهڙي ٻه تولا سونا زيور ۽ روڪ رقم چوري ڪري فرار ٿي ويا. انهي حوالي سان صحافي فراز شيخ ٻڌايو ته رات عزاداري تي ويس، واپس آيس ته ٻه تولا سون ۽ 35 هزار رپيا روڪ رقم چوري ٿيل هئي هن گهر ڪٽي ته چوري ٿيل سونا زيور ۽ رقم واپس ڪرائي وڃي ٻي واردات ۾ نامعلوم چور مير پاڙي ۾ اسد جان سمون جي گهر مان ڏيڍ تولي جا سونا ۽ پنج تولن جا چاندي جا زيوان 6 گهڙيون ۽ ٻه موبائيل فون چوري ڪري فرار ٿي ويا. انهي حوالي سان اسد جان سمون صحافين کي ٻڌايو ته عاشوري تي گهر ڀاتين سان گڏ ڳوٺ ويل هئس، واپس آياسين ته گهر جو صفايو ٿيل هو واقعي جي رپورٽ ٽنڊوڄام ٿاڻي تي داخل ڪرائي آهي چورن کي گرفتار ڪري چوري ٿيل سامان ۽ رقم واپس ڪرائي وڃي. گذريل ٿوري عرصي دوران ٽنڊوڄام ٿاڻي جي حد ۾ موٽر سائيڪل ڦر ۽ چورين جون ڪيترين ئي وارداتون ٿيون آهن پر پوليس هڪ به جوابدار گرفتار ڪري نه سگهي آهي شهرين ٽنڊوڄام ۾ وڌندڙ بدامني تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي

محرابپور ۾ يوم عاشور ياحسين جي صدائن سان جلوس برآمد

ٻه وڏا ماتمي جلوس مختلف رستن تان ٿيندا حسيني چوڪ پهتا

مختلف نوحه خوان تنظيمن نوحا خواني ڪري شهيدن کي عقيدت جي پيٽا پيش ڪئي

محرابپور (ت ر) محرابپور ۾ حضرت امام حسين عليه السلام ۽ سندس جانثار ساٿين جي ڪربلا جي ميدان ۾ ڏنل لازوال قربانين کي پيٽا پيش ڪرڻ لاءِ يوم عاشور ياحسين جي صدائن ۽ لڙڪن سڏڪن ۾ نهايت عقيدت احترام سان ملهايو ويو ان سلسلي ۾ شهر جي قديمي امام بارگاهه انجمن نوجوان شيعا ۽ امام بارگاهه جاگير مهدي مان ٻه وڏا ماتمي جلوس برآمد ٿيا جيڪي مختلف رستن تان ٿيندا حسيني چوڪ پهتا جتان نوحه خواني ۽ سينازني جو زبردست ماتم ڪيو ويو ان موقعي تي نامور نوحه خوان مير فيض حسين ٽالپر فروغ عزاداري سنڌ جي مرڪزي اڳواڻ سيد مجاهد علي شاهه ناشاد سميت مختلف نوحه خوان تنظيمن نوحا خواني ڪري شهيدن کي عقيدت جي پيٽا پيش ڪئي جڏهن ته ماتمي جلوس شاهي بازار کان ٿيندو چاڪين واري پڙ اسٽيشن هالاڻي روڊ تي پهتو ته زنجيرن ڪرڻ چاڪن ۽ تلوارن جو زوردار ماتم ڪري عزادارن پاڻ کي گهاءِ رسايا جنهن سبب ڪيترائي عزادار زخمي ۽ بيهوش ٿي ويا جن کي صحت کاتي جي ٽيمن فوري طور طبي امداد فراهم ڪئي وئي جڏهن ته المصطفيٰ اسڪائوٽ جي رضاڪارن سان گڏ انتظاميا پوليس پاران حفاظتي انتظام سخت ڪيا ويا ٻئي پاسي مختلف سجاڳ ڏرين شهرين پاران روڊ رستن ماتمي روڪن تي سبيلن جا اسٽال لڳائي ننگر تقسيم ڪيو ويو.

محرابپور يوم عاشور ماتمي جلوس ۾ زنجيرن جو ماتم ڪيو پيو وڃي

مانجهند ٿاڻي جي حد ۾ منشيات جو سرعام وڪرو

آئيس، هيروئن، شيشي ۽ ڪچي شراب جي موالين ۾ رڪارڊ اضافو

نوجوان نسل نشي جهڙي خراب عادتن ۾ وڪوڙجي ويا، پوليس منٿلي عيوض خاموش

مانجهند(ن ع) مانجهند ٿاڻي جي حد ۾ آئيس هيروئن شيشي ۽ ڪچي شراب جي موالين ۾ رڪارڊ اضافو ٿيڻ لڳو لاڪا شهر ڳوٺ ڦبي ڳوٺ ٻلو ۾ خطرناڪ منشيات آئيس ڪچي شراب هيروئن پنگ نشي آوور سوپارين گهٽڪو مين پڙي جا اڏا سرعام هلڻ لڳا جنهن سبب نوجوان نسل نشي جهڙي خراب عادتن ۾ وڪوڙجي ويا نشي واپرائڻ سبب موالي عام شريف شهرين کي گارگند پڻ ڪرڻ لڳا جڏهن ته نشي جي پورت لاءِ سندن گهر ڀاتين کي پئسا نه ڏيڻ تي تشدد پڻ ڪن ٿا جڏهن ته چوريون پڻ ڪرڻ لڳا جنهن سبب سماجي برائن ۾ رڪارڊ اضافو ٿيڻ لڳو علائقي جي ساجاد وندن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي ڄامشورو کان مطالبو ڪيو ته منشيات تي فوري طور ڪنٽرول ڪيو وڃي

ٽنڊوڄام ۽ آسپاس ۾ يوم عاشور عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو، شهيدن کي پيٽا پيش

تعزين ۽ ذوالجناح جا ماتمي جلوس برآمد ڪيا ويا، شام غريبان جون مجلسون منعقد ڪيون ويون ۽ زنجير زني ۽ سينه زني

ڪيسانا موري ۾ انجمن امام حسين عليه السلام پاران امام بارگاهه حسيني ۾ تابوتن ۽ جهولي جو ماتمي جلوس برآمد

امام بارگاهه مير چاڪر خان ٽالپر ۽ امام بارگاهه فقرعلي شاهه جهانيان ۾ مجلس شام غريبان منعقد ڪئي وئي

ٽنڊوڄام (ت ر) ٽنڊوڄام ۽ آسپاس ۾ يوم عاشور [illegible] ملهايو ويو [illegible] ماتمي جلوس [illegible] جو ماتم [illegible] وئي خبر [illegible] ٽنڊوڄام [illegible] به ڪربلا [illegible] ۽ احترام [illegible] تعزين ۽ [illegible] ڪيا ويا، [illegible] منعقد ڪيون [illegible] جو ماتم [illegible] مقصد [illegible] امام بارگاهه [illegible] جو ماتمي [illegible] موقعي تي [illegible] خواني ڪئي

ٽنڊوڄام يوم عاشور جي موقعي تي ڪيسانا موري جي امام بارگاهه حسيني ۾ عزاداري ڪئي پئي وڃي

جنهن بعد عزادارن پاران زنجيرن جو ماتم ڪيو ويو زنجير زني دوران زخمي ٿيندڙ عزادارن کي طبي عملي پاران موقعي تي طبي امداد ڏني ويئي انهي موقعي تي مجلس عزا پڻ منعقد ڪئي ويئي. ٽنڊوڄام ۾ عاشوري جو آخري ماتمي جلوس امام بارگاهه حسن شاهه مان برآمد ٿيو جڏهن ته امام بارگاهه فقرعلي شاهه جهانيان امام بارگاهه پچيل شاهه امام بارگاهه دالو شاهه ساٿين جي پڙ ۽ ٻين امام بارگاهن مان به ذوالجناح، تعزين ۽ علم پاڪ جا نڪتل ماتمي جلوس پڻ هن جلوس ۾ شامل ٿي ويا. جلوس دوران نوحه خواني ۽ زنجيرن جو ماتم ڪيو ويو امام بارگاهه مير چاڪر خان ٽالپر ۽ امام بارگاهه فقر علي شاهه جهانيان ۾ مجلس شام غريبان منعقد ڪئي ويئي

گهوٽڪي ۾ مرڪزي ماتمي جلوس امام بارگاهه حسيني مان نڪتو

سيئي جلوس مختلف روايتي رستن تان گذرندي حسيني چوڪ تي گڏ ٿيا

حضرت امام حسينؑ ۽ سندن ساٿين جي لازوال قربانين کي پيٽا پيش ڪئي وئي

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي ۾ 10 محرم الحرام يوم عاشورا جي موقعي تي حضرت امام حسينؑ ۽ ڪربلا جي شهيدن کي پيٽا پيش ڪرڻ لاءِ جلوسن ۽ عزاداري جو سلسلو آهي شهر جي مختلف امام بارگاهن مان پنج ماتمي جلوس برآمد ٿيا، جڏهن ته مرڪزي ماتمي جلوس امام بارگاهه حسيني مان نڪتو جڏهن ته امام بارگاهه غازي عباس، امام بارگاهه جعفر صادق ۽ امام بارگاهه منزل مهدي سميت ٻين امام بارگاهن مان پڻ عزاداري جا جلوس نڪتا. جلوسن جي قيادت مولوي پهلوان سنگهڙ مولانا معشوق علي قمي، افضل شيخ ۽ لاهوتي يعقوب چنا ڪئي. سيئي جلوس مختلف روايتي رستن تان گذرندي حسيني چوڪ تي گڏ ٿيا، جتي مجلس عزا منعقد ڪئي وئي مجلس کي خطاب ڪندي مولوي پهلوان سنگهڙ حضرت امام حسينؑ ۽ سندن ساٿين جي لازوال قربانين کي پيٽا پيش ڪئي ان موقعي تي عزادارن پوليس جي سيڪيورٽي انتظامن کي غير تسلي بخش قرار ڏيندي مولوي پهلوان سنگهڙ جي اڳواڻي ۾ ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ او اي سيڪشن مصور قريشي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو مظاهرين جو چوڻ هو ته جيڪڏهن سيڪيورٽي جي ڪوتاهي سبب ڪو به ناخوشگوار واقعو پيش آيو ته ان جي ذميواري انتظاميا تي هوندي، بعد ۾ مرڪزي ماتمي جلوس پنهنجي روايتي رستي تان ٿيندو مين چوڪ سما محلا جي امام بارگاهه جعفر صادق وٽ پهتو جتان امام بارگاهه منزل مهدي پهچي نهر ٿيو. يوم عاشورا جي موقعي تي پوليس سان گڏ رينجرز جا اهلڪار به مقرر هئا، جڏهن ته جلوسن جي گذرگاهن تي ٽريفڪ بند ڪري سيڪيورٽي جا خاص انتظام ڪيا ويا.

گهوٽڪي محرم الحرام يوم عاشورا جي موقعي تي منعقد ٿيل مجلس کي مولوي پهلوان خطاب ڪندي

مسوڀرڳڙي ۾ به 10 محرم الحرام تي يا حسين جون صدائون

ساليانو مرڪزي ماتمي جلوس مسوڀرڳڙي جي الله واري چوڪ کان برآمد

مسوڀرڳڙي جي مختلف امام بارگاهن مان ٿيندي سيد ميرل شاهه جي پڙ تي نهر ٿيو

مسوڀرڳڙي (ن ع) پوري دنيا جيان مسوڀرڳڙي ۾ به 10 محرم الحرام جي سلسلي ۾ يا حسين جون صدائون بلند،ڪربلا جي ميدان تي لازوال قربانيون ڏيندڙ حضرت امام حسين عليه السلام ۽ سندس جانثارن کي پيٽا پيش ڪرڻ لاءِ مسوڀرڳڙي ۾ ساليانو مرڪزي ماتمي جلوس مسوڀرڳڙي جي الله واري چوڪ کان ڪڍيو ويو،هوڏانهن ڳوٺ غلام حيدر جويا مان به مرڪزي ماتمي جلوس برآمد ٿيو جيڪو مسوڀرڳڙي پهتو جيڪو مسوڀرڳڙي جي مختلف امام بارگاهن مان ٿيندي سيد ميرل شاهه جي پڙ تي نهر ٿيو جتي زنجير زني ڪئي وئي، جتي مجلس شام غريبان برپا ڪري زنجير زني ڪئي وئي، جڏهن ته پوسي مسوڀرڳڙي انتظاميا پاران روڊ رستن جي صفائي ۽ پاڻي جا ٽينڪر لڳايا ويا سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا،ٻئي پاسي ٽنڊوسعيد خان کان مرڪزي ماتمي جلوس قومي شاهراهه تان گذر ٿيو جيڪو مختلف امام بارگاهن کان ٿيندو لطيف شاهه پهتو جتي زنجير زني ڪئي وئي،هوڏانهن مسوڀرڳڙي اڳ ڳوٺ واڪي وسي ۾ پڻ ڏهه محرم الحرام عاشور جي ڏينهن تي ڪربلا جي شهيدن جي لازوال قربانين کي پيٽا ڏني وڏي عقيدت و احترام سان ڏهاڙو ملهايو ويو جنهن ۾ آس پاس جي ڳوٺن جي اڳ ڀڳ 40 کان 50 انجمنن جي عزادارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ جلوس جي شڪل ۾ واڪي وسي جي بازار کان ويندي وڏي مرڪزي مسجد علي و امام بارگاهه واڪي وسي" ۾ نهر ڪيو ويو جلوس ۾ صبح کان شام تائين نوحا خواني سينا زني ۽ زنجير زني پڻ ڪئي وئي،ي آخر ۾ مولانا ذيشان علي حيدري شام غريبا پڙهي شهيدن کي پيٽا ڏني ۽ آخر ۾ مومنن ۾ نياز پڻ ورهايو ويو.

لياقت يونيورسٽي اسپتال طرفان عاشوري جي موقعي تي جامع ميڊيڪل ريسپانس

آپريشن ڪاميابي سان مڪمل

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) لياقت يونيورسٽي اسپتال [illegible] 10 محرم [illegible] تي عزادارن [illegible] طبي [illegible] ميڊيڪل [illegible] مڪمل [illegible] آپريشن [illegible] امداد ۽ [illegible] عزادارن کي [illegible] (OT) [illegible] ويو شهر [illegible] رستن تي [illegible] طبي امداد [illegible] علائقن مان [illegible] ايمبولينسون [illegible] اسپتال [illegible] خدمتون [illegible] جي عملي [illegible] اسٽاف [illegible] ايمبوليس [illegible] شامل هو [illegible] اسپتال [illegible] ميڊيڪل [illegible] حسين [illegible] انتظامن ۽ [illegible] نگراني [illegible] رابطي ۽ [illegible] يقيني [illegible] ڪاظمي [illegible] جنهن [illegible] ارشد [illegible] علي گوهر [illegible] شامل هو [illegible] چيو ته [illegible] پيشه ور [illegible] بهترين [illegible] ته اسان [illegible] ۽ بروقت [illegible] اسپتال [illegible] مريضن جي [illegible] فراهم [illegible] جو واضح

ڀٽوري جي ڳوٺ جلال سميجو جي رهواسين جو ميرپورخاص ۾ احتجاج

ميرپورخاص [illegible] زمين جي [illegible] اريگيشن [illegible] سميت والد [illegible] ڪيس [illegible] جي اهڙو [illegible] لال سميجو [illegible] سميجو [illegible] اڳيان [illegible]

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan

متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال

ABC CERTIFIED

ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد

روزاني عبرت

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ٻلپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي

روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي

Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آچر 28 جُون 2026ع

بلوچستان ۾ دهشتگرديءَ خلاف ڪارروايون: امن جي بحالي وقت جي ضرورت!

بلوچستان پاڪستان جو ايراضي جي لحاظ کان سڀ کان وڏو ۽ قدرتي وسيلن سان مالا مال صوبو آهي پر بدقسمتي سان گذريل ڪن ڏهاڪن کان دهشتگردي، تخريبڪاري، انتهاپسندي ۽ بدامني جي لهر کي منهن ڏئي رهيو آهي. امن امان جي خراب صورتحال نه رڳو هزارين بيگناهه شهرين ۽ سيڪيورٽي اهلڪارن کان زندگيون کسي ورتيون آهن پر صوبي جي ترقي، سيڙپڪاري، تعليم، صنعت، سياحت ۽ سماجي استحڪام کي پڻ سخت متاثر ڪيو آهي. اهڙي ماحول ۾ جڏهن به سيڪيورٽي ادارا انٽيليجنس اطلاعن جي بنياد تي ڪامياب ڪارروايون ڪن ٿا ته انهن جو بنيادي مقصد امڪاني خطرن کي روڪڻ ۽ عام شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ هوندو آهي. پاڪ فوج جي ترجمان اداري (آءِ ايس پي آر) پاران جاري ڪيل تفصيلن موجب خاران ۽ مستونگ ضلعن ۾ 25 ۽ 26 جون تي ڪيل ٻن الڳ ڪارروائين دوران 8 ڄڻا مارجي ويا، جيڪي ڀارت جي حمايت يافته گروهه سان لاڳاپيل هئا. سرڪاري بيان موجب انهن ڪارروائين دوران هٿيار، گولا بارود، ڌماڪيدار مواد ۽ ٻيو سامان پڻ هٿ ڪيو ويو جڏهن ته علائقي ۾ وڌيڪ عنصرن جي موجودگيءَ بابت ڪليئرنس آپريشن جاري آهي. جيڪڏهن اهڙيون ڪارروايون ممڪن حملن کي ناڪام بڻائڻ ۾ ڪامياب ٿيون آهن ته يقيناً ڪيترين ئي بيگناهه زندگين کي بچائڻ ۾ انهن جو اهم ڪردار رهيو هوندو.

بلوچستان ۾ دهشتگرديءَ جو مسئلو رڳو هڪ صوبي تائين محدود ناهي پر ان جا اثر سڄي ملڪ تي پون ٿا. جڏهن ڪنهن علائقي ۾ بدامني وڌي ٿي ته ان سان واپار، آمد و رفت، روزگار، تعليم ۽ ترقياتي منصوبا به متاثر ٿين ٿا. خاص طور تي اهي منصوبا، جيڪي بلوچستان کي قومي معيشت سان وڌيڪ ڳنڍڻ لاءِ شروع ڪيا ويا آهن. انهن جي ڪاميابي جو دارومدار پڻ امن ۽ استحڪام تي آهي. ان ڪري امن جو قيام رڳو سيڪيورٽي ادارن جي ڪاميابي نه پر قومي ترقي جي ضمانت پڻ آهي. پر ان حقيقت کان به انڪار نٿو ڪري سگهجي ته دهشتگردي خلاف جنگ صرف فوجي آپريشن ڪرڻ سان مڪمل طور کٽي نٿي سگهجي. دنيا جي مختلف ملڪن جا تجربا ٻڌائين ٿا ته پائيدار امن لاءِ سياسي استحڪام، سماجي انصاف، معاشي ترقي، سٺي حڪمراني ۽ عوامي اعتماد جو هجڻ به اوترو ئي ضروري آهي. بلوچستان جي نوجوانن کي معياري تعليم، فني تربيت، روزگار جا وسيع موقعا ۽ قومي ترقيءَ ۾ ڀرپور حصيداري ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. جڏهن نوجوانن کي روشن مستقبل نظر ايندو ته اهي گمراهه ڪندڙ سوچن ۽ تشدد واري رستي کان پري رهندا.

ان کان علاوه بلوچستان جي پٺتي پيل علائقن ۾ صحت، تعليم، پيئڻ جي صاف پاڻي، روڊن، بجلي ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي فراهمي تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ گهرجي. عوام کي جيڪڏهن اهو احساس ٿيندو ته رياست سندن بنيادي ضرورتن کي ترجيح ڏئي رهي آهي ته انهن جو اعتماد پڻ وڌندو، جيڪو امن جي قيام لاءِ انتهائي اهم عنصر آهي. دهشتگردي خلاف جنگ ۾ عوام جو ڪردار پڻ بنيادي حيثيت رکي ٿو. قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان تعاون، مشڪوڪ سرگرمين بابت بروقت اطلاع ڏيڻ، نفرت انگيز ۽ تشدد تي ٻڌل پروپيگنڊا کان پاسو ڪرڻ ۽ قومي اتحاد کي هٿي ڏيڻ هر شهري جي ذميواري آهي. بلوچستان جي امن کي صرف سيڪيورٽي آپريشنن سان نه پر سياسي بصيرت، سماجي هم آهنگي، اقتصادي خوشحالي ۽ عوامي ڀلائي سان ئي مستقل بڻائي سگهجي ٿو. حڪومت، سيڪيورٽي ادارن، سياسي قيادت، قبائلي اڳواڻن، سول سوسائٽي ۽ عام شهرين کي گڏجي اهڙو ماحول پيدا ڪرڻو پوندو، جتي نفرت جي بدران اميد، تشدد جي بدران قانون جي حڪمراني ۽ مايوسي جي بدران ترقي جو سفر اڳتي وڌي. اسان سمجهون ٿا ته قومي سلامتيءَ کي فوجي تناظر ۾ نه پر هڪ جامع قومي حڪمت عملي تحت ڏٺو وڃي، جنهن ۾ امن، انصاف، ترقي، عوامي ڀلائي ۽ قومي اتحاد سڀ گڏجي شامل هجن. بلوچستان جو روشن مستقبل پاڪستان جي روشن مستقبل سان جڙيل آهي، تنهن ڪري صوبي ۾ امن ۽ استحڪام جو قيام نه رڳو رياستي ادارن پر سڄي قوم جي گڏيل ذميواري آهي. جڏهن دهشتگرديءَ جي هر شڪل خلاف قانون جي بالادستي، عوامي اتحاد ۽ ترقياتي پاليسين کي گڏ کڻي هلبو تڏهن ئي بلوچستان حقيقي معنيٰ ۾ امن خوشحالي ۽ ترقيءَ جي راهه تي گامزن ٿي سگهندو.

لطيفي لاٽ ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڏاڙهي رَتَ رَتيَاسِ، ڏَندَ تَہ ڏاڙهُونءَ گُلَ جِيئَن،
چوڏهِينءَ ماهَہ چَندَ جِيئَن، ڀِڙُ ۾ ڀَاڳِيَاسِ،
مَيڙِي ۾ مُحَمَّدَ جِي مَرُ مَرڪَي مَاسِ،
تَنهِن سُورهَہ کي شَابَاسِ، جو مَڪَي ۾ پُرزا ٿِئي...

ڪربلا جي جنگ ڪانپوءِ لطيف سائين سيدالشهدا حضرت امام حسين عليه سلام کي خراج تحسين پيش ڪندي پوءِ وارو منظر ٻڌائي ٿو ته ”سندس (امام حسين عہ) سونهاري (ڏاڙهي) رت ۾ ڳاڙهي رتيل هئي، سندس ٻتيهي يعني ڏند ڏاڙهونءَ جي گل جو ڏيک ڏئي رهيا هئا، (ڏاڙهون جي گل سان تشبيهه ان ڪري ڏني اٿس جو سنڌ اندر ٿيندڙ ڏاڙهون جا گل سنها ۽ سرخيءَ مائل سفيد ٿيندا هئا) سندس پڳ يا دستار چوڏهين جي چنڊ وانگر لڳي رهي هئي. يقينن روز قيامت يا محشر واري ڏينهن جنهن سندس نانو حضور نبي حضرت محمد صلي الله عليه وآلہ وسلم به موجود هوندا، ان موقعي تي سندس امڙ سائڻ (حضرت بيبي فاطمة الزهرئ سلام الله عليها) اها فخر مان سدا خوش ٿئي جو سندس لختِ جگر ڪربلا جي ميدان ۾ نهايت ئي بهادري ۽ دليري سان وڙهندي پاڻ ملهايو، ڏريون ڏريون ٿي ويو. پر نه ٿي يزيد جي بعيت ڪيائين نه ميدان ڇڏيائين، بلڪہ پنهنجي ناني جي دين کي دوام بخشيندي پاڻ امر ٿي ويو. **(تحقيق ۽ ترتيب: شاهنواز راڄپر)**

سنڌ جي زراعت: پاليسيون ۽ بجيٽ جا محدود وسيلا!

رحمت الله ٻرڙو

سنڌ پاڪستان جي زرعي معيشت جو اهم مرڪز آهي. ملڪ جي ڪڻڪ، چانور، ڪمند، ڪپهه، ڀاڄين ۽ ميون جي پيداوار ۾ سنڌ جو حصو نمايان آهي، جڏهن ته لکين خاندانن جي روزگار جو سڌو سنئون دارومدار به زراعت تي آهي. ان باوجود حقيقت اها آهي ته موسمياتي تبديلي، پاڻي جي کوٽ، زمين جي لوڻياٺ، تحقيق جي ڪمزور نظام، ناقص زرعي واڌاري (Extension Services)، ۽ مارڪيٽ تائين محدود رسائي سبب سنڌ جي زراعت پنهنجي حقيقي صلاحيت موجب ترقي نه ڪري سگهي آهي.

انهن چئلينجن کي نظر ۾ رکندي سنڌ حڪومت 2018ع ۾ ’سنڌ ايگريڪلچر پاليسي 2018-2030‘ جوڙي، جنهن ۾ زرعي ترقي لاءِ هڪ جامع روڊ ميپ پيش ڪيو ويو. پاليسي جو بنيادي مقصد زرعي ترقي جي شرح کي چار سيڪڙو کان مٿي آڻڻ، پاڻي جي استعمال جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ، في ايڪڙ پيداوار وڌائڻ، زرعي تحقيق کي جديد بڻائڻ، موسمياتي تبديلي سان هم آهنگ زراعت کي فروغ ڏيڻ ۽ زرعي برآمدات ۾ نمايان اضافو ڪرڻ هو. هاڻي جڏهن مالي سال 2026-27 جي بجيٽ سامهون آئي آهي ته سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته ڇا موجوده بجيٽ پاليسي ۾ مقرر ڪيل انهن هدفن ڏانهن اڳتي وڌڻ لاءِ ڪافي آهي؟ هن سال زراعت، سپلاءِ اينڊ پرائسز کاتي لاءِ لڳ ڀڳ 49 ارب رپين جي رقم مختص ڪئي وئي آهي. حڪومت ان بجيٽ کي موسمياتي تبديلي سان مطابقت، معياري ٻج، جديد زرعي ٽيڪنالاجي، پاڻيءَ جي بچت ۽ زرعي تحقيق لاءِ اهم قرار ڏئي رهي آهي يقيناً اهي شعبا اهم آهن پر اصل سوال مختص رقم کان وڌيڪ ان جي اثرائتي استعمال ۽ نتيجن جو آهي. سنڌ زرعي پاليسي رڳو مالي وسيلا خرچ ڪرڻ جو دستاويز نه آهي پر اها نتيجن تي ٻڌل پاليسي آهي. ان ۾ صاف طور چيو ويو آهي ته زرعي پيداوار وڌائڻ، هارين جي آمدني ۾ اضافو، جديد آبپاشي، زرعي ويليو چين، ايگرو پروسيسنگ ۽ برآمدات کي باقاعده ماپيو ويندو. افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته 2026-27 جي بجيٽ ۾ اهڙا واضح عددي اشارا (Key Performance Indicators) وڏي پيماني تي نظر نٿا اچن.

مثال طور جيڪڏهن پاليسي جو مقصد في ايڪڙ ڪڻڪ يا چانور جي پيداوار وڌائڻ آهي ته بجيٽ دستاويز ۾ اهو به ٻڌائڻ گهرجي ها ته ايندڙ هڪ سال دوران پيداوار ۾ ڪيتري واڌ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن پاڻي جي بچت لاءِ جديد آبپاشي نظام اختيار ڪرڻو آهي ته ڪيترا ايڪڙ زمين ان نظام هيٺ آندي ويندي؟ جيڪڏهن زرعي تحقيق کي مضبوط ڪرڻو آهي ته ڪيترا نوان تحقيقاتي منصوبا شروع ٿيندا؟ اهڙن سوالن جا واضح جواب بجيٽ ۾ محدود نظر اچن ٿا. سنڌ جي زراعت لاءِ سڀ کان وڏو خطرو موسمياتي تبديلي آهي 2022ع ۾ ٿيندڙ ٻوڏ ۽ ان کانپوءِ پيدا ٿيندڙ خوراڪ جي کوٽ ثابت ڪري چڪا آهن ته روايتي زراعت هاڻي ڪافي ناهي پاليسي هن حقيقت کي تسليم ڪري ٿي پر موجوده بجيٽ ۾ موسمياتي مزاحمتي فصلن، پاڻي جي موثر استعمال ۽ ڊجيٽل زرعي خدمتن لاءِ وڌيڪ وسيع سيڙپڪاري جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي ساڳئي وقت ننڍن هارين، عورتن ۽ نوجوانن جي شموليت به پاليسي جو اهم حصو آهي سنڌ جي اڪثر زمين ننڍن آبادگارن وٽ آهي جيڪي سرمائي، جديد مشينري ۽ مارڪيٽ تائين رسائي کان محروم آهن بجيٽ ۾ اهڙن طبقن لاءِ وڌيڪ هدفائتي مالي سهولتن، آسان قرضن، زرعي انشورنس ۽ تربيت جي منصوبن جي گنجائش موجود آهي سنڌ حڪومت جي موجوده بجيٽ کي مڪمل طور رد نٿو ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ زراعت کي ترجيحي شعبي طور برقرار رکيو ويو آهي پر پاليسين جي بلند هدفن کي نظر ۾ رکندي اِترو ضرور چئي سگهجي ٿو ته هاڻي صرف فنڊ مختص ڪرڻ ڪافي ناهي؛ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته هر رپئي سان ماپجندڙ نتيجا پڻ سامهون اچن جيڪڏهن سنڌ حڪومت هر مالي سال پاليسي جي هدفن سان ڳنڍيل ڪارڪردگي رپورٽ، واضح سالياني ٽارگيٽ، ضلعي وار نتيجا ۽ آزاد جائزو عوام آڏو پيش ڪري ته نه صرف شفافيت وڌندي پر هارين، تحقيقاتي ادارن، نجي شعبي ۽ پاليسي سازن جو اعتماد پڻ مضبوط ٿيندو سنڌ جي زرعي مستقبل جو دارومدار هاڻي رڳو وڌيڪ بجيٽ تي نه پر بهتر حڪمراني سائنسي منصوبابندي، جديد تحقيق، پاڻي جي مؤثر استعمال ۽ نتيجن تي ٻڌل پاليسي عملدرآمد تي آهي جيڪڏهن 2018-2030 واري پاليسي کي واقعي رهنما دستاويز بڻايو وڃي ته سنڌ نه صرف پنهنجي خوراڪي ضرورتون وڌيڪ موثر طريقي سان پوريون ڪري سگهندي پر زرعي برآمدات، هارين جي آمدني ۽ مجموعي معاشي ترقي ۾ پڻ نمايان اڳڀرائي حاصل ڪري سگهي ٿي اصل امتحان اهو آهي ته پاليسي جا واعدا ايندڙ سالن ۾ زمين تي ڪيتري حد تائين حقيقت جو روپ اختيار ڪن ٿا.

ايران-آمريڪا معاهدو ۽ پاڪستان جو ڪردار

ڊاڪٽر رشيد احمد خان

تقريبن ساڍن ٽن مهينن تائين هلندڙ جنگ کانپوءِ هاڻي ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ آخري ۽ جامع ٺاهه لاءِ ڳالهيون شروع ٿي ويون آهن. انهن ڳالهين جو پهريون دور سوئٽزرلينڊ ۾ ٿيو، جنهن ۾ ايراني وفد جي اڳواڻي ايراني پارليامينٽ جي اسپيڪر باقر قاليباف ڪئي، جڏهن ته آمريڪي وفد جي سربراهي نائب صدر جي ڊي وينس ڪئي. ان موقعي تي پاڪستان جي وزيراعظم شهباز شريف، فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ قطر جي وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير شيخ محمد بن عبدالرحمن آل ثاني به ٽالثن طور موجود هئا. انهن ڳالهين جو بنيادي مقصد اهو آهي ته ايندڙ 60 ڏينهن اندر هڪ متفق رٿا تحت ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ هلندڙ مختلف تڪرارن جو مستقل حل ڳوليو وڃي. انهن معاملن مان سڀ کان اهم ايران جو ايٽمي پروگرام آهي، جنهن بابت اهڙو معاهدو ڪرڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي، جنهن سان آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي چوڻ موجب ايران جي ايٽمي طاقت بڻجڻ جا امڪان مڪمل طور ختم ٿي وڃن.

اڄ کان لڳ ڀڳ ٻارهن سال اڳ به ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ساڳئي مقصد لاءِ ڳالهيون ٿيون هيون، پر ان وقت ٿيل معاهدي کي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پنهنجي پهرين صدارتي دور دوران مئي 2018ع ۾ ختم ڪري ڇڏيو هو. اڳوڻي صدر باراڪ اوباما جي دور ۾ ٿيل معاهدي ۽ هاڻوڪي تجويز ڪيل ٺاهه ۾ هڪ اهم فرق اِهو آهي ته پراڻين ڳالهين ۾ ايران ۽ آمريڪا سان گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جا ٻيا مستقل ميمبر يعني چين، روس، برطانيا ۽ فرانس به شامل هئا، جڏهن ته يورپي يونين جي نمائندگي جرمني ڪري رهيو هو. پر 21 جون 2026ع تي سوئٽزرلينڊ ۾ ٿيل ايران-آمريڪا ڳالهين ۾ پاڪستان ۽ قطر ٽالث طور اهم ڪردار ادا ڪيو. هن ڪامياب اجلاس ڪانپوءِ ايندڙ 60 ڏينهن لاءِ تيار ڪيل روڊ ميپ تحت مختلف فني ۽ ٽيڪنيڪي ڪميٽيون ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ تڪراري معاملن تي غور ڪنديون. انهن ڳالهين ۽ ڪميٽين جي ڪم کي آسان بڻائڻ ۽ اڳتي وڌائڻ لاءِ پاڪستان ۽ قطر جا عملدار به مسلسل سهڪار ۽ سهولت فراهم ڪندا رهندا.

پاڪستان جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار، جنهن تازو قاهره ۾ مصر، ترڪي ۽ سعودي عرب جي پرڏيهي وزيرن سان R-4 فورم جي اجلاس ۾ ملاقات ڪئي، چيو آهي ته ايران ۽ آمريڪا جي ڳالهين ۾ پاڪستان ۽ قطر جيڪو ٽالثي وارو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن، ان کي نه رڳو R-4 جي ميمبر ملڪن پر ٻين علائقائي ملڪن جي به مڪمل حمايت حاصل آهي. سندس چوڻ موجب، ڳالهين جي هن عمل کي مضبوط بنيادن تي بيهارڻ ۽ ان کي صحيح رُخ ۾ اڳتي وڌائڻ لاءِ پاڪستان، ترڪي، مصر، قطر، ڪويت، گڏيل عرب امارات ۽ عمان اهم ۽ اثرائتو ڪردار ادا ڪيو آهي. انهن ملڪن جون ڪوششون وچ اوڀر کي هڪ ٻي وڏي جنگ کان بچائڻ ۽ ايران ۽ آمريڪا کي تڪرار بدران امن جي رستي تي آڻڻ ۾ انتهائي اهم ثابت ٿيون آهن. اڳوڻي صدر اوباما جي دور ۾ ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ٿيل معاهدي دوران جرمني، يورپي يونين جي نمائندي طور، جڏهن ته گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جا مستقل ميمبر به ڳالهين جو حصو هئا. پر ان وقت علائقي جي ملڪن کي نه ته ڳالهين ۾ شامل ڪيو ويو، نه ئي انهن سان صلاح مشورو ڪيو ويو ۽ نه ئي انهن جي قومي سلامتي سان لاڳاپيل خدشن کي اهميت ڏني وئي. هي پهريون ڀيرو آهي جو وچ اوڀر جي ملڪن پاڻ اڳتي وڌي ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ سڌي ٽڪراءَ کي روڪڻ لاءِ عملي قدم کنيا آهن. انهن ملڪن گڏيل سفارتي ڪوششن ذريعي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ کي به قائل ڪيو ته هو ايران خلاف جنگ جو رستو اختيار ڪرڻ بدران امن کي هڪ وڌيڪ موقعو ڏئي. ان سڄي عمل ۾ پاڪستان جي ڪردار کي خاص طور ساراهيو پيو وڃي. نه رڳو علائقي جا ملڪ، پر آمريڪا ۽ ايران به اهو تسليم ڪري رهيا آهن ته پاڪستان ٻنهي ڌرين کي ڳالهين جي ميز تي آڻڻ ۽ 14 نڪاتي مفاهمتي يادداشت تي اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ان ئي سفارتي ڪوشش جي نتيجي ۾ 21 جون تي سوئٽزرلينڊ ۾ ٿيندڙ ڳالهين لاءِ مضبوط بنياد فراهم ٿيو ۽ جيڪڏهن اها اڳواٽ تياري نه ٿئي ها ته اهڙين ڳالهين جو انعقاد ممڪن ئي نه هجي ها.

قطر جي وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير شيخ محمد بن عبدالرحمن الجزيره ٽي وي سان ڳالهائيندي پاڪستان جي ڪردار جي اهميت تي زور ڏنو. هن چيو ته جيڪڏهن اسلام آباد ۾ ٿيل مفاهمتي يادداشت نه هجي ها ته اڄ اسان هتي، يعني سوئٽزرلينڊ ۾، ڳالهين لاءِ گڏ نه هجون ها، ڇاڪاڻ ته جنگ ختم ڪرائڻ ۽ ڌرين کي ڳالهين تائين آڻڻ ۾ ان يادداشت بنيادي ڪردار ادا ڪيو. هن سفارتي ڪاميابيءَ جو بنياد 8 اپريل تي پيو هو، جڏهن لڳاتار چاليهن ڏينهن تائين جاري رهندڙ جنگ ڪانپوءِ پاڪستان جي وزيراعظم شهباز شريف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي ڪوشش سان آمريڪا ۽ ايران اسلام آباد ۾ ڳالهين لاءِ ويهڻ تي راضي ٿيا. ان سڄي عمل ۾ قطر به اهم پائيدار طور شامل رهيو. ايران ۾ جنگ سبب ٿيل نقصانن جي ازالي، ٻيهر تعمير ۽ معيشت جي بحالي لاءِ 300 ارب ڊالرن جو فنڊ قائم ڪرڻ جي تجويز به قطر طرفان پيش ڪئي وئي هئي. انهيءَ تجويز ڳالهين کي اڳتي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ آمريڪي صدر کي مفاهمتي يادداشت تي صحيحون ڪرڻ لاءِ راضي ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي. اصل ۾ هڪ مرحلي تي ڳالهين ۾ سخت رڪاوٽ پيدا ٿي وئي هئي، ڇاڪاڻ ته ايران آبنائي هرمز مان گذرندڙ عالمي واپاري ۽ تيل کڻي ويندڙ جهازن تي ٽيڪس لاڳو ڪرڻ جي حق تي زور ڏئي رهيو هو. ان معاملي سبب ٻنهي ڌرين وچ ۾ اختلاف وڌي ويا هئا، پر قطر جي تجويز ڪانپوءِ اهو ڊيڊ لاڪ آهستي آهستي ختم ٿيو ۽ ڳالهين کي اڳتي وڌائڻ جو رستو هموار ٿي ويو. جيڪڏهن هن سڄي صورتحال کي وڏي پسمنظر ۾ ڏٺو وڃي ته پاڪستان، قطر ۽ ترڪي پاران ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ جنگ روڪرائڻ لاءِ ادا ڪيل ڪردار رڳو وچ اوڀر تائين محدود ناهي، پر اهو دنيا جي ٻين علائقن ۾ به هڪ نئين رجحان جي نشاندهي ڪري ٿو. هاڻي علائقائي ملڪ عالمي طاقتن جي خواهشن بدران پنهنجن قومي مفادن، امن ۽ اقتصادي ترقي کي وڌيڪ اهميت ڏيڻ لڳا آهن. ڪير تصور ڪري سگهي ٿو ته هڪ وقت اهڙو به ايندو جو نيٽو آمريڪي صدر ٽرمپ جو ايران خلاف جنگ ۾ ساٿ ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندو؟ ماضي ۾ ڪوريا، ويٽنام ۽ افغانستان جي جنگين دوران نيٽو ملڪن آمريڪا جي ڀرپور حمايت ڪئي هئي. اهڙيءَ ريت 1955ع ۾ بغداد پيڪٽ (جيڪو بعد ۾ سينٽو سڏيو ويو) ۽ سينٽو جهڙن فوجي اتحادن ۾ به برطانيا ۽ فرانس آمريڪا جي خواهش تي شامل ٿيا هئا. جيتوڻيڪ انهن معاهدن جو سندن پنهنجي قومي سلامتي يا مفادن سان ڪو سڌو واسطو نه هو. پر هاڻي ستر سالن کان وڌيڪ عرصو گذرڻ ۽ خاص طور سرد جنگ جي خاتمي کان پوءِ دنيا جي ملڪن جون ترجيحون گهڻو تبديل ٿي چڪيون آهن. اڄ حڪومتن لاءِ سڀ کان اهم ڳالهه پنهنجي عوام جي زندگيءَ جو معيار بهتر بڻائڻ، خوشحالي آڻڻ، روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ ۽ قومي معيشتن کي مضبوط ڪرڻ آهي. دنيا جا ملڪ هاڻي چڱيءَ ريت سمجهن ٿا ته اُهي مقصد جنگين، تڪرارن ۽ عدم استحڪام جي ماحول ۾ حاصل نٿا ٿي سگهن. ترقي، خوشحالي ۽ معاشي استحڪام لاءِ امن، سهڪار، ڳالهين ۽ باهمي اعتماد واري فضا ضروري آهي. انهيءَ ڪري هاڻي ڪيترائي ملڪ جنگ بدران سفارتڪاري ۽ ڳالهين ذريعي مسئلا حل ڪرڻ کي ترجيح ڏئي رهيا آهن، ڇاڪاڻ ته اهو ئي رستو عوام جي ڀلائي ۽ ملڪن جي ترقي ڏانهن وڃي ٿو.

وچ اوڀر جا ملڪ 1948ع کان وٺي اسرائيل سان ٿيندڙ جنگين ۽ وڏين جنگين جي تباهڪارين جا سڌا يا اڻسڌا اثر ڀوڳيندا رهيا آهن. گذريل ٽن سالن کان غزه ۾ اسرائيل پاران فلسطينين خلاف مسلسل فوجي ڪارروايون جاري آهن، جن سبب هزارين ماڻهو مارجي ويا آهن ۽ وڏي پيماني تي تباهي آئي آهي. عراق ۽ شام جهڙا ملڪ به ڊگهي بدامني ۽ جنگين ڪانپوءِ وڏي مشڪل سان امن ۽ استحڪام ڏانهن موٽيا آهن. انهيءَ سڄي پسمنظر ۾ خليج فارس جون عرب رياستون ڪجهه عرصي کان نسبتاً پرامن ماحول ۾ زندگي گذاري رهيون هيون. هنن امن ۽ استحڪام جو فائدو وٺندي پنهنجي پاڙيسري ملڪن سميت دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن سان واپاري ۽ اقتصادي لاڳاپا مضبوط ڪيا. آمريڪا ۽ يورپ سميت چين به انهن ملڪن ۾ اربين ڊالرن جي سيڙپڪاري ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ اهي ملڪ جديد واپاري مرڪزن، وڏن منصوبن ۽ عالمي معيار جي انفراسٽرڪچر جي تعمير ۾ ڪامياب ٿيا. پر آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ، اسرائيلي وزيراعظم بنيامين نيتن ياهو جي موقف کان متاثر ٿي، ايران خلاف اهڙي جنگ شروع ڪئي جنهن کي نه رڳو عالمي سطح تي تنقيد جو نشانو بڻايو ويو، پر ڪيترن آمريڪي شهرين به ان کي غير ضروري، غير اخلاقي ۽ بين الاقوامي قانونن جي ابتڙ قرار ڏنو. اهڙي صورتحال ۾ خليجي ملڪن سان گڏ پاڪستان، ترڪي ۽ مصر گڏجي هڪ مضبوط سفارتي دٻاءَ وارو گروپ ناهيو، جنهن مسلسل ڪوشش ذريعي آمريڪا تي زور ڀريو ته جنگ بدران ڳالهين جو رستو اختيار ڪيو وڃي. آخرڪار انهن گڏيل سفارتي ڪوششن جو اثر ٿيو ۽ آمريڪي صدر کي پنهنجي جنگي پاليسيءَ تان پوئتي هٽڻو پيو، جنهن ڪانپوءِ آمريڪا ۽ ايران کي ٻيهر ڳالهين جي ميز تي ويهڻ لاءِ راضي ڪيو ويو. اهڙي ريت علائقي جي ملڪن ثابت ڪيو ته گڏيل سفارتڪاري ۽ سياسي دانائي سان وڏن تڪرارن کي به ڳالهين ذريعي حل ڪرڻ ممڪن آهي.

امام حسين رضہ شيخ اياز جي نظر ۾!

ڊاڪٽر مختيار احمد

شيخ اياز کي عام طور تي هڪ ترقي پسند، قوم پرست ۽ جديديت پسند شاعر طور متعارف ڪرايو ويندو آهي پر سندس نثري نظميہ دعائن ۽ ٻين تحريرن جو گهرو مطالعو هن هڪ تاثر کي بدلائي ٿو. سندس تحريرن ۾ سنڌ جي صوفي روايت، اسلامي تهذيب ۽ خاص طور سيدنا امام حسين رضہ سان گهري عقيدت نمايان طور موجود آهي. سندس ڪتاب ”اٿي اور الله سان“ ۾ دعا نمبر 76، جنهن جو عنوان ”سيدنا امام حسين رضہ جون حڪمت ڀريون ڳالهيون“ آهي، انهيءَ حقيقت جو روشن مثال آهي. دعا جي شروعات ئي شهادت جي فلسفي سان ٿئي ٿي، شيخ اياز لکي ٿو:

”شهيد جي خون مان صديون چراغ جلندا آهن جن کي ڪوئي طوفان ٻجهائي نہ سگهندو آهي. هن جو هر لفظ لازوال شعلي جيان ٻرندو آهي ۽ ان جي روشني جهڪي نہ ٿيندي آهي.‘ اهي لفظ رڳو ادبي استعارو نہ آهن پر ان يقين جو اظهار آهن ته حق خاطر ڏنل قرباني ڪنهن هڪ وقتي واقعي تائين محدود نہ رهندي آهي پر انساني تاريخ جو دائمي سرمايو بڻجي ويندي آهي. شهادت جو رت ڏيئن ۾ تبديل ٿي ويندو آهي ۽ ايندڙ نسلن جي رهنمائي ڪندو رهندو آهي. ان ڪانپوءِ شيخ اياز لکي ٿو: ’ڇا مان سيدنا حضرت حسين عہ جي روايتي تعريف ڪريان ۽ خواجہ معين الدين چشتي جي رباعي دهرايان، جيڪا هزار بار دهرائي وئي آهي!‘ هتي شيخ اياز خواجہ معين الدين چشتي ڏانهن منسوب هڪ رباعي ڏانهن اشارو ڪيو آهي پر ان نسبت بابت محققن ۽ اهل علم وچ ۾ اختلاف موجود آهي. ننڍي کنڊ ۾ ان رباعيءَ جي نسبت صدين کان مشهور رهي آهي پر ڪيترن قديم ۽ جديد محققن، جن ۾ شاهہ عبدالعزيز دهلوي (ڏسو تحفہ اثنا عشريہ، ص 106) پڻ شامل آهن، جي راءِ آهي ته خواجہ معين الدين چشتيءَ جي مستند تصنيفن ۽ قديم تذڪرن ۾ ان رباعيءَ جي واضح سند موجود نہ آهي. تنهن ڪري بنا تحقيق ان کي خواجہ صاحب جو ڪلام قرار ڏيڻ علمي احتياط جي مطابق نہ آهي.

ٻئي طرف ڪجهه اهلِ علم جو موقف آهي ته صوفي ادب جو وڏو حصو زباني روايت ذريعي منتقل ٿيو آهي، تنهن ڪري صرف قديم مخطوطن ۾ موجود نہ هجڻ جي بنياد تي هن نسبت جو قطعي انڪار بہ مناسب ناهي. ان ڪري وڌيڪ محتاط ۽ علمي انداز ۾ ائين چوڻ بهتر آهي تہ هي ”خواجہ معين الدين چشتي ڏانهن منسوب فارسي رباعي“ آهي، نہ ڪي بنا ترديد جي ان کي سندس تصنيف قرار ڏنو وڃي. ان ڪانپوءِ شيخ اياز پنهنجي دعا ۾ هڪ ٻيو شعر نقل ڪري ٿو:

بنا کردند خوش رسمے بہ خاک و خون غلطیدن
خدا رحمت کند ایں عاشقانِ پاک طینت را!

يعني: ’خاڪ ۽ خون ۾ ليٽڻ جي چڱيءَ رسم جو بنياد رکيائون، خدا انهن پاڪ طينت عاشقن تي رحمت ڪري.‘ ادبي لحاظ کان هي شعر انتهائي بلند پايي جو آهي. ’خاڪ وخون غلطيدن‘ صرف ميدانِ ڪربلا جو منظر نہ پر حق جي راهہ ۾ پنهنجي جان، عزت ۽ وجود تائين قربان ڪرڻ جي علامت آهي، جڏهن تہ ’پاڪ طينت عاشق‘ انهن مقدس انسانن ڏانهن اشارو آهي، جن دنياوي مفادن تي الله جي رضا کي ترجيح ڏني. هن شعر ڏسندي شيخ اياز امام حسين رضہ ۽ شهداءِ ڪربلا سان پنهنجي عقيدت ۽ احترام جو ڀرپور اظهار ڪري ٿو. اياز وڌيڪ چوي ٿو تہ: ’مان ايترو تہ ضرور ڄاڻان ٿو تہ حق، باطل سان ڪڏهن بہ هٿ نہ ملائيندو آهي.‘ هي جملو شيخ اياز جي فڪري شعور جو نچوڙ آهي. سندس نظر ۾ حق ۽ باطل جي وچ ۾ ڪا بہ مصالحت ممڪن ناهي. اهو ئي اصول آهي، جنهن کي هو واقعي ڪربلا جو بنياد قرار ڏئي ٿو ساڳئي تناظر ۾ هو لکي ٿو: ’10 محرم الحرام سن 61 هجريءَ تي عراق جي سرزمين تي اهلِ حق جو اهلِ باطل خون وهايو، اهو تاريخ جي سيني مان اڄ تائين ڳڙي رهيو آهي.‘ ان ڪانپوءِ هو هڪ نهايت گهرو جملو لکي ٿو: ’تاريخ جي هر دور ۾ ۽ هر جاءِ تي قتلِ حسين عہ ۽ مرگِ يزيد جو ورجاءُ ٿيو آهي.‘ هتي شيخ اياز ڪربلا جي واقعي کي صرف هڪ تاريخي سانحو نٿو سمجهي پر ان کي دائمي اخلاقي ۽ تهذيبي جدوجهد قرار ڏئي ٿو. سندس نظر ۾ حسين عہ ۽ يزيد رڳو بہ تاريخي شخصيتون نہ پر ٻن فڪري ۽ اخلاقي روين جا علامتي ڪردار آهن. هڪ پاسي حق، انصاف، آزادي، وفاداري ۽ عزتِ نفس آهي، جڏهن تہ ٻئي پاسي ظلم، جبر، اقتدار پرستي ۽ اخلاقي زوال.

تنهن ڪري اياز سوال ڪري ٿو تہ: ’پر ڇا اها جنگ واقعي پوري ٿي وئي آهي؟ يا اها اڃا تائين جاري آهي؟‘ هي سوال پڙهندڙ کي اهو احساس ڏياري ٿو تہ هر دور ۾ انسان کي پنهنجو موقف طئي ڪرڻو پوي ٿو. حسيني قدرن ۽ يزيدي روين جي ڇڪتاڻ تاريخ جي هر زماني ۾ ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ موجود رهي ٿي.

دعا جي آخري حصي ۾ شيخ اياز امام حسين رضہ جي پيغام کي چند جامع اخلاقي اصولن ۾ سموئي ٿو: الله جي اطاعت، عهد جي وفاداري، مسلسل عمل ۽ جدوجهد، عزتِ نفس، الله جي رضا تي مڪمل ڀروسو ۽ ظلم آڏو ڪنڌ نہ جهڪائڻ. سندس نظر ۾ امام حسين رضہ سان محبت رڳو جذباتي لاڳاپي يا رسمن تائين محدود ناهي پر هڪ عملي اخلاقي منشور آهي. خاص طور تي سندس هي جملو سڄي دعا جو فڪري عروج آهي: ’موت، حق جي مات نہ آهي؛ باطل جي خودڪشي آهي ۽ باطل جو انت نيٺ اچڻو آهي.‘ هي دراصل قرآن ۽ انساني تاريخ جي ان اصول جي ادبي تعبير آهي تہ باطل عارضي طور غالب نظر اچي سگهي ٿو پر ان جي بقا ممڪن ناهي، جڏهن تہ حق آخرڪار غالب ٿي رهندو. اياز دعا جو اختتام هن اعلان سان ڪري ٿو: ’حق جي فتح نيٺ ٿيڻي آهي.‘ اهو ئي هن سڄي دعا جو مرڪزي پيغام آهي.

هن دعا مان هيءَ حقيقت چٽيءَ طرح سامهون اچي ٿي تہ شيخ اياز کي رڳو هڪ ترقي پسند يا قوم پرست شاعر طور محدود ڪري ڇڏڻ، سندس شخصيت سان انصاف ناهي. سندس تحريرن مان واضح ٿئي ٿو تہ اسلامي روحانيت، سنڌ جي صوفي روايت ۽ سيدنا امام حسين رضہ سان گهري عقيدت سندس فڪري وجود جو بنيادي حصو هئي. سندس نظر ۾ امام حسين رضہ رڳو تاريخ جو هڪ عظيم شهيد نہ پر حق، انصاف، آزادي، عزتِ نفس، الله تي مڪمل ڀروسو ۽ ظلم خلاف دائمي مزاحمت جي علامت آهي. ان ڪري سندس پوري دعا ان يقين تي ختم ٿئي ٿي تہ حق جي فتح نيٺ ٿيڻي ئي ٿيڻي آهي ۽ اهو ئي دراصل ڪربلا جو ابدي ۽ عالمگير پيغام آهي.

اجوڪو ڏينهن ---- 28 جُون

مختيار اٽر

رام لعلچنداڻي

رام لعلچنداڻي هندستان جو مشهور سنڌي چترڪار هو. هن جو جنم 28 جون 1948ع تي اجمير ۾ ٿيو. هن جا وڏا سنڌ جي سکر شهر جا رهواسي هئا. هن فائن آرٽس ۾ ايم اي جي سند فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن سان حاصل ڪئي. هن جي عمر جو گهڻو حصو غربت ۾ گذريو. چترڪاريءَ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي هئس. هو اسڪول جي ڪاپين ۾ اهڙا ته چٽ چٽيندو هو جو سندس استاد ۽ ڪلاسي حيران ٿي ويندا هئا ۽ کيس شاباس ڏيندا هئا. هو روزگار جي سلسلي ۾ پهريائين بانٽوا ۾ ۽ پوءِ ممبئيءَ ۾ وڃي ٿانيڪو ٿيو. ممبئيءَ ۾ هن جي شادي مشهور اديبہ ۽ گانگا پارو ناڪر چاولا جي نياڻيءَ شوپا سان ٿي. رام لعلچنداڻيءَ 2500 کان مٿي ڪتابن ۽ رسالن جون ڪور ڊزائينون ناهيون. هن ڪيترين ئي ڪمپنين جا لوگو ۽ اسڪولن جا بورڊ پڻ ڊزائين ڪيا. هن سنڌي سازن، پوشاڪن، ماڳ مڪانن ۽ مشهور سنڌي شخصيتن جون تصويرون ناهي ڪافي داد حاصل ڪيو. هن سنڌ جو خوبصورت نقشو پڻ ڊزائين ڪيو. هن 15 آڪٽوبر 2013ع تي لاڏاڻو ڪيو.

سونو خان ملاح

سونو خان ملاح هڪ شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ شاهہ لطيف جي شاعريءَ جو سچو عاشق هو. هو 23 مارچ 1956ع ۾ سکرنڊ تعلقي جي ڳوٺ تليءَ ۾ ڄائو. انٽر آرٽس تائين تعليم حاصل ڪيائين. ننڍپڻ انتهائي غربت ۾ گذاريائين. اڳتي هلي زرعي ڪاليج سکرنڊ ۾ ڪلارڪ مقرر ٿيو. هن ڪيترين ئي ڪهاڻيون ۽ مضمون لکيا، جيڪي مختلف اخبارن ۾ ڇپيا. 28 جون 1982ع تي سندس ساهہ جو سڳو ٽٽي پيو.

حبيب سنائي

اڄ مشهور اديب ۽ محقق حبيب سنائيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هن جي اصل ڄم جي تاريخ 27 مارچ 1964ع آهي پر اسڪول رڪارڊ ۾ 28 جون 1965ع لکيل آهي. هو محمد يوسف سنائيءَ جي گهر هالا پراڻا ۾ ڄائو. ايم اي (تاريخ) ۽ ايم اي (اڪنامڪس) جون سندون حاصل ڪيائين. ان کان علاوه ڪمپيوٽر سائنس ۾ پوسٽ گريجوئيٽ ڊپلوما پڻ ڪيائين. هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات جونيئر ڪلارڪ طور ڪئي. ان بعد گورنمينٽ ڪاليج آف ايجوڪيشن ۽ ڪمرشل پريڪٽسز هالا ۾ انسٽرڪٽر مقرر ٿيو. اڳتي هلي ترقي ڪري انهيءَ ڪاليج ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر ۽ پرنسپال جو عهدو ماڻيائين. هو سنڌ جو مشهور ڪهاڻيڪار، سنڌيڪار ۽ مضمون نگار آهي. سندس لکيون سنڌ جي ساک وارن رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجنديون رهيون آهن. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ ”اينيمل فارم“ (ترجمو ٿيل ناول)، ”مهڪري صاحب جا مضمون“، ”ڊاڪٽر اختر حميد خان“، ”ننڍڙن ٻارن لاءِ آکاڻيون“، ”هالا جا رنگ هزار“، ”هالا ڪنديءَ کان هالا پراڻا تائين“، ”علمي ادب جا اولڙا“، ”خوشدل شهزادو ۽ ٻيون ڪهاڻيون“، ”اچو ته ڪمپيوٽر ٽائيپنگ سکون“، ”اچو ته ڪمپيوٽر هلائڻ سکون“ ۽ ”Let's Learn English Grammar“ شامل آهن.

غلام مصطفيٰ ناهيون

هن نامور ليکڪ ۽ ڊراما نويس جو جنم اجوڪي ڏينهن تي 1969ع ۾ ڪيساني موريءَ ويجهو ڳوٺ حاجي يار محمد ناهيون تعلقي حيدرآباد ۾ ٿيو. هن ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڪيساني موريءَ مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڦلڙ ٽنڊي ڄام مان پاس ڪيو. انٽرميڊيئيٽ جو امتحان گورنمينٽ مسلم ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪرڻ کان پوءِ مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي ڄامشوري جي اليڪٽريڪل انجنيئرنگ واري شعبي ۾ گريجوئيشن ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات 1994ع ۾ واپڊا ۾ انسٽرڪٽر طور ڪيائين. 1997ع ۾ پاڪستان ٽيليڪميونيڪيشن ڪمپني لميٽيڊ ۾ انجنيئر طور ڪم ڪيائين. ان بعد مواصلات جي هڪ بين الاقوامي ڪمپنيءَ ۾ جنرل مئنيجر مقرر ٿيو. اڄڪلهه انهيءَ ڪمپنيءَ جي سينئر جنرل مئنيجر مارڪيٽنگ طور اسلام آباد ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي. غلام مصطفيٰ ناهيون سنڌي ادبي دنيا ۾ هڪ ڪهاڻيڪار ۽ ڊراما نگار طور پنهنجي سڃاڻپ رکي ٿو. هو اڃا اٺين ڪلاس جو شاگرد هو، جڏهن هن جو پهريون نظم ٻارن جي هڪ رسالي ۾ ڇپيو. ان بعد سندس شاعري، مضمون ۽ ڪهاڻيون سنڌ جي ڪيترن ئي ساک وارن رسالن ۾ ڇپيا. هن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد لاءِ به ڪيترائي ڊراما لکيا. هن جو ڪتاب ”ناهيون تاريخ جي آئيني ۾“ ڇپيل آهي، جنهن ۾ ناهيون ذات بابت تحقيق ٿيل آهي.

حبيب متو

حبيب متوءَ جو جنم 28 جون 1981ع تي خيرپور ميرس ضلعي جي ڳوٺ هنگورجا ۾ ٿيو. هن شاهہ عبداللطيف يونيورسٽيءَ مان ايم اي جي سند حاصل ڪئي. هو ادبي دنيا ۾ هڪ شاعر طور سڃاتو وڃي ٿو. هن حمد، نعت، غزل، وائي، نظم، بيت ۽ ڇوسٽن سميت شاعريءَ جي لڳ ڀڳ سمورين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. هن جي شاعري مختلف راڳين ڳائي آهي.



محمد صادق طالب

اڄ مشهور شاعر ۽ حڪيم محمد صادق طالب جي وفات جو ڏينهن آهي. هن جو پورو نالو خليفو محمد صادق ولد خليفو گل محمد ڪلهوڙو هو. طالب سندس تخلص هو. هن جو جنم 1903ع ڌاري دادو ضلعي جي ڳوٺ راوت خان لغاريءَ ۾ ٿيو. ان وقت جي دستور مطابق سنڌي، عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم تر جي عالمن کان حاصل ڪيائين. ساڳئي وقت پنهنجي وڏي ڀاءُ حڪيم شفيع محمد کان طب جي تعليم حاصل ڪيائين. هن 1926ع کان شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. شاعريءَ ۾ جمعي خان غريب کي پنهنجو استاد مڃيندو هو. هو بزم مشاعره لاڙڪاڻي ۽ جميعت الشعراءِ سنڌ جي مشاعرن ۾ شوق سان شرڪت ڪندو هو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ لڏي اچي خيرپور ناٿن شاهہ ۾ ويٺو، جتي حڪمت جو ڪم ڪندو هو. هن 1950ع ۾ بزم احباب خيرپور ناٿن شاهہ جو بنياد رکيو. اڳتي هلي انهيءَ جو نالو بدلائي ”بزم طالب المولىٰ“ رکيو ويو. هو غزل جو هڪ چڱو شاعر هو. سندس لکيل ڪتابن ۾ ”تحفہ خيرپور ناٿن شاهہ“، ”محمد صادق الامين“، ”ديوان طالب“، ”خير الادب“ ۽ ”طب روحاني“ شامل آهن. اياز قادريءَ پنهنجي ڪتاب سنڌي غزل جي اوسر (ڀاڱو ٻيو) ۾ هن جي وفات جي تاريخ 27 جون 1969ع لکي آهي، جڏهن ته سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا ۾ 28 جون 1967 ڄاڻائي وئي آهي.

ڊاڪٽر غلام حسين جعفري

اڄ مشهور تعليمي ماهر ڊاڪٽر غلام حسين جعفريءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن جو جنم پاٽ سعيدآباد ضلعي دادوءَ ۾ 1905ع ڌاري ٿيو. ابتدائي تعليم پاٽ سعيدآباد مان حاصل ڪيائين. مئٽرڪ جو امتحان خيرپور جي ناز هاءِ اسڪول مان پاس ڪيائين. اڳتي هلي بي اي جي سند علي ڳڙهہ يونيورسٽيءَ مان ۽ پي ايڇ ڊي جي سند آمريڪا مان حاصل ڪيائين. هن عملي زندگيءَ جي شروعات تعليم کاتي ۾ اسسٽنٽ ماسٽر طور ڪئي. ان بعد لاڙڪاڻي جي مدرسي اسڪول جو پرنسپال مقرر ٿيو. اڳتي هلي مختلف اعليٰ عهدن تي ڪم ڪيائين، جن ۾ نوابشاهہ جو ڊپٽي ايجوڪيشن انسپيڪٽر، لاهور ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر پبلڪ ايڊمنسٽريشن، ڊائريڪٽر ايجوڪيشن سنڌ ۽ چيئرمين بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن حيدرآباد شامل آهن. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ پبلڪ اسڪول حيدرآباد ۽ نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد جي پرنسپل طور ڪم ڪيائين. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا ۾ هن جي وفات جي تاريخ 28 جون 1977ع لکيل آهي، جڏهن ته نورمحمد پٺاڻ پنهنجي ڪتاب ”حيدرآباد جي مختصر تاريخ“ ۾ هن جي لاڏاڻي جي تاريخ 29 جون 1977ع ڄاڻائي آهي.



گهنشام ڀڳت

هن سريلي سنگيتڪار جو جنم 8 آگسٽ 1935ع تي سکر ضلعي جي ڳوٺ باگڙجيءَ ۾ ٿيو. ڀڳت ڪنوررام جا ڀڳتي ڪلام ٻڌي هن کي به ڀڳت ڳائڻ جو شوق پيدا ٿيو. هو ڀڳت ڪنوررام جا ڳايل گيت پنهنجي آواز ۾ ڳائيندو هو. سندس ڪلامن جون ڪيتريون ئي ڪيسٽون جاري ٿيون. هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ هندستان جي شهر الهاس نگر ۾ وڃي رهائش اختيار ڪيائين. هن هندستان ۾ سنڌي ڀڳتي راڳ کي متعارف ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. 28 جون 1985ع تي هن پرلوڪ پڌاريو.

مولانا محمد اسماعيل لغاري

مولانا محمد اسماعيل لغاري سنڌ جو مشهور ديني عالم، تعليمدان ۽ هارين جي حقن جو علمبردار هو. سندس جنم 1908ع ڌاري ٽنڊي الهيار ضلعي جي ڳوٺ جرار ٿيهو ۾ ٿيو. هن شادي پلي‌ءَ ويجهو ڳوٺ عمر پنيري ۾ مفتي محمد عثمان قرآني پنيري جي مدرسي ۾ ديني تعليم حاصل ڪري علم جي تڪميل ڪئي. تعليم مڪمل ڪرڻ بعد 1934ع ڌاري هن ڳوٺ مسڻ وڏيءَ ۾ دارالهديٰ نالي مدرسو کولي ديني تعليم ڏيڻ شروع ڪئي. هو سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جو هڪ سرگرم ڪارڪن پڻ هو. هن مرحوم حيدربخش جتوئيءَ سان گڏ هارين جي حقن جي بحاليءَ لاءِ زبردست ڪوششون ورتيون. انهيءَ تحريڪ ۾ سرگرم هجڻ سبب مٿس ڪيترائي ڪوڙا ڪيس مڙهيا ويا پر پاڻ انهن سمورن ڪيسن مان باعزت آزاد ٿيو. اڳتي هلي مولانا عبدالڪريم لغاريءَ جي ساٿ سان هن ”انجمن اشاعت علوم“ جي نالي سان هڪ سماجي تنظيم جو بنياد رکيو. انهيءَ تنظيم پاران پرائمري اسڪول، هاءِ اسڪول ۽ هڪ هاسٽل تعمير ڪرائي وئي. هن جو جميعت علماءِ هند سان به گهرو واسطو رهيو. مولانا محمد صادق کڏي وارو، مولانا عبدالحق رباني ۽ سنڌ جا ڪيترائي ٻيا عالم سندس دوستيءَ جي حلقي ۾ شامل هئا. هو هڪ سٺو شاعر پڻ هو ۽ سنڌيءَ سان گڏ فارسيءَ ۾ شاعري ڪيائين. هن 28 جون 1989ع تي وفات ڪئي.

ڪامريڊ اعتبار علي جاگيراڻي

سنڌ جي هن انمول شخصيت جو جنم پهرين اپريل 1926ع تي رتيديري تعلقي جي ڳوٺ ڇُٽي جاگيراڻيءَ ۾ ٿيو. هن پنهنجي تر جي اسڪولن مان ابتدائي تعليم حاصل ڪئي ۽ ڪجهه عرصو رتيديري ۾ پڙهيو پر غربت سبب اعليٰ تعليم حاصل نہ ڪري سگهيو. 1943ع ۾ خاڪسار تحريڪ ۾ شامل ٿي پنهنجي سياسي سفر جي شروعات ڪيائين. انهيءَ تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو وٺڻ سبب قيد ۽ بند جون سعوبتون به برداشت ڪيائين. هن کي خاڪسار تحريڪ جي سرواڻ علامہ عنايت الله مشرقيءَ ”جانباز“ جو لقب ڏنو. اڳتي هلي حيدربخش جتوئيءَ جي هاري ڪميٽيءَ ۾ شامل ٿيو. هن 1952ع ۾ رتيديري مان ”هاري“ اخبار جاري ڪئي، جنهن جو پاڻ مئنيجنگ ايڊيٽر رهيو. عمر جي آخري حصي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪيائين. هن 28 جون 2002ع تي پنهنجي جيون جو سفر پورو ڪيو.

نواب شبير احمد چانڊيو

اڄ چانڊيا قبيلي جي سردار نواب شبير احمد خان چانڊئي جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هو نواب احمد سلطان چانڊئي جي گهر 3 نومبر 1950ع تي ڳوٺ غيبي خان چانڊئي تعلقي قمبر ۾ پيدا ٿيو. هن ڪوئيٽا ۾ تعليم حاصل ڪئي. شاگرديءَ واري امابي ۾ ڪرڪيٽ، هاڪي ۽ فوٽ بال جو سٺو رانديگر رهيو. هنکي شڪار جو به گهڻو شوق هو. هن 1980ع واري ڏهاڪي ۾ سياست جي ميدان ۾ پير پاتو. هو سڄا سارا 15 سال پيپلز پارٽي ضلعي لاڙڪاڻي جو صدر رهيو. 1990ع کان 1999ع تائين قومي اسيمبليءَ جو ميمبر رهيو. هو 1995ع وارين چونڊن کٽڻ کان پوءِ قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جو پهريون ناظم چونڊيو. 1997ع ۾ دبئيءَ جي عرب شهزادن سان گڏ شڪار ڪندي هڪ حادثي ۾ سندس ڪرنگهي جي هڏي ٽٽي پئي جنهن ڪري عمر جو آخري حصو ويل چيئر تي گذاريائين. هن 28 جون 2009ع تي پنهنجو سنساري سفر پورو ڪيو.



ناٿو فقير لنڊ

ناٿو فقير لنڊ شاهہ جي شاعريءَ جو ياد حافظ، بهترين شاعر ۽ فقير منش انسان هو. هن جو جنم اجوڪي ڏينهن تي 1926ع ۾ بدين ضلعي جي ڳوٺ شيخاڻي گهاڙيءَ ۾ فقير غلام حسين لنڊ جي گهر ۾ ٿيو. هن ابتدائي تعليم سيراڻيءَ مان حاصل ڪئي. اڳتي هلي پرائمري اسڪول جو استاد مقرر ٿيو ۽ سڄي عمر قوم جي نونهالن کي ساڃاهہ جا سبق پڙهائيندي گذاريائين. هو شاهہ جي شاعريءَ جو وڏو پارکو هو ۽ شاهہ سائينءَ جو لڳ ڀڳ سڄو رسالو برزبان ياد هئس. پاڻ به هڪ پلوڙ شاعر هو. ناٿو فقير درگاهہ يوسف فقير ستي جتي جو سجاده نشين پڻ هو. هر مهيني جي ٻارهين تاريخ تي درگاهہ تي ٻارهين ملهائيندو هو. انهيءَ موقعي تي ڪيترائي صوفي راڳي درگاهہ تي فقيراڻي رنگ ۾ پنهنجا سر وکيريندا هئا. هن کي لاڙ ۽ خاص طور تي بدين جي تاريخ ۽ جاگرافيءَ جي وڏي ڄاڻ حاصل هئي. هن کي سنڌ جي ثقافت واري کاتي پاران لطيف ايوارڊ سان نوازيو ويو. هي انمول انسان 28 جولاءِ 2020ع تي ابدي سفر تي روانو ٿي ويو.



“CLASSIFIED ADVERTISMENT”

عام اطلاع

آئون نالي انوري زال عبدالشڪور ساڪ سان چوان ٿي ته منهنجو مڙس عبدالشڪور ولد چوٽي خان تاريخ 11-01-2026 تي انتقال ڪري ويو آهي جنهن جو فوتي سرٽيفڪيٽ مون کي ڏنو وڃي جيڪڏهن ڪنهن کي به اعتراض آهي ته ان اشاعت جي ڇپجڻ جي 07 ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض يونين ڪائونسل خير محمد پرڳڙي تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ داخل ڪري سگهي ٿو مدو گذرڻ بعد ڪو به اعتراض قبول ڪونه ڪيو ويندو

انوري بيواهه عبدالشڪور يونين ڪائونسل رئيس
خيرمحمد پرڳڙي تعلقو ڪوٽ غلام محمد شناختي
ڪارڊ نمبر 44102460368801

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه
(روبرو جناب عاشق علي)
ايگزيڪيوشن نمبر 04 سال 2026

مسمات ثمينه ڌيءَ وزير علي سولنگي وينل وڙا ماڇي تعلقو ڪي اين شاهه..مدعي .بخلاف جاويد علي ولد ارباب علي سولنگي وينل تاج ڪالوني نوابشاهه. مدعاعليه

.نالي مٿين مدعاعليه ڏانهن:

جيئن ته مٿين مدعي توهان جي خلاف هن عدالت ۾ دعويٰ منظوري بعد ايگزيڪيوشن درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 30-06-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول/ فيملي جج مورو
(روبرو جناب جميل مصطفيٰ انصاري)
فيملي سوٽ نمبر 160 سال 2025

مسمات شاڙيه ڌيءَ زوار حشين زال شمن علي ذات زرداري رهندڙ تعلقو مورو ضلعو نوشهروفيروز..پلينٽف .بخلاف شمن علي ولد طالب حسين ذات زرداري رهندڙ تعلقو مورو ضلعو نوشهروفيروز..ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 30-06-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول/ فيملي جج مورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا
سڪسيشن سوٽ نمبر 23 سال 2026

مسمات ارم زال نثار احمد رهندڙ ڳوٺ Vee سٽي هالا پي او هالا نيو ضلعو مٽياري..ايپليڪينٽ .بخلاف (1) عيان ولد نثار احمد (مائنر) معرفت ماءُ گارڊين مسمات ارم رهندڙ ڳوٺ Vee سٽي هالا پي او هالا نيو ضلعو مٽياري (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج. اپوننٽس

.نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف سڪسيشن درخواست زيرقلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي فوتي نثار احمد ولد عبدالحڪيم شناختي ڪارڊ نمبر 4180206314031 وفات جي تاريخ 21-06-2023 پراپرٽي ۾ ڪسٽمر آئي ڊي 1021941 اڪائونٽ نمبر 135436798 صافي وزن سون 31.00 گرام قرض ورتل تاريخ 16-01-2023 لون رقم -/351000 رپيا تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 02-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا

عاق نامون

آئون نالي پنهون مل اوڏ ولد پورو مل وينل ڳوٺ ٽنڊو حيدر ضلعو حيدرآباد پنهنجي هوش حواس ۾ بنا ڪنهن جي دٻاءَ جي پنهنجي پٽ نالي راجيش ڪمار ولد پنهون مل سان اظهار لاتعلقي ڪري رهيو جيڪو منهنجو نافرمان اولاد آهي جيڪو منهنجو احترام نٿو ڪري گذريل ڏيڍ سال کان مسلسل منهنجي عزت نفس مجروح ڪري رهيو آهي مون سان نه رڳو بدتميزي ۽ گارگند ڪري ٿو پر مون تي جسماني تشدد پڻ ڪري ٿو مون کي موتمار ڌمڪيون پڻ ڏئي رهيوآهي جنهن سبب آئون کيس پنهنجي منقول ۽ غير منقول جائيداد ۽ آئاٿ مان پنهنجي پٽ راجيش ڪمار کي هميشه لاءِ عاق ڪري رهيو آهيان. اڄ کانپوءِ راجيش ڪمار جو منهنجي ملڪيت ذات يا گهر سان ڪو به واسطو نه رهندو هو پنهنجي بري ڀلي جو پاڻ ذميوار هوندو اگر ڪو به شخص يا ادارو سندس سان ڪنهن به قسم جي ڏيتي ڪندو ته ان سان منهنجو ڪو به واسطو نه هوندو منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکي وڃي جئين وقت ضرورت ڪم اچي سگهي.

پنهون مل اوڏ ولد پورو مل

بقايا 1 صورت زخمي

مگسي شديد زخمي ٿي پيا جڏهن ته غلام نبي مگسي ۽ ان جي زال دعا مگسي اسپتال پهچڻ کان پهرين فوت ٿي ويا زخمين ۽ فوتين کي رورل هيلٿ سينٽر شاهه ڪريم منتقل ڪيو ويو جن کي نازڪ حالت سبب حيدرآباد منتقل ڪيو ويو ٻي طرف ابراهيم مگسي واقعي بعد فرار ٿي ويو . بلڙي ٿاڻي تي هيسٽائين ڪو به ڪيس داخل نه ٿيو آهي.واقعي بعد علائقي ۾ خوف ۽ هراس ڇانئجي ويو آهي هر اک اشڪبار نظر آئي ٻي طرف اڄ مقتولين جي نماز جنازا درگاهه شاهه ڪريم تي ادا ڪئي وئي جنهن ۾ وزيراعليٰ جي صلاحڪار سيد قاسم نويد ايم پي اي خرم سومرو نواز خان زئور ايس ايس پي جاويد سومار سميت هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي ۽ مقتولين کي آبائي قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو

بقايا 2 سان برآمد

ڪيو ويو مرڪزي جلوس امام بارگاهه ڪاشيانه زينب شاهنواز پنو چوڪ کان برآمد ٿيو جيڪو مختلف رستن تان ٿيندو قاضيا چوڪ پهتو جتي ڊاڪٽر مختيار حسين جعفري ۽ ٻين خطاب ڪندي واقعه ڪربلا تي روشني وڌي ۽ يذيديت جي ظلم کي نديو جلوس شهر جي مختلف علائقن مان ٿيندو واپس امام بارگاهه ڪاشيانه زينب پهتو جتي شام غريبان مجلس منعقد ڪئي ويئي 10 محرم الحرام جي سلسلي ۾ سيڪيورٽي جا انتظام سخت ۽ موبائيل فون سروس بند هئي جڏهن ته ڊي سي بدين ياسر ڀٽي ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي ڪمانڊر ٿر رينجرس برگيڊيئر اصغر حسين سيڪيورٽي پلان تي عمل درآمد ڪرائڻ ۽ عزادارن کي مڪمل تحفظ ڏيارڻ جي لاءِ سمورا موجود وسيلا استعمال ڪيا جلوسن جي گزرگاهن تي وک وک تي ٿڌي پاڻي ۽ شربت جون سبيلون لڳايون ويون هيون ۽ نياز پڻ تقسيم ٿيندو رهيو جڏهن ته ڪنهن به هنڌان ڪنهن ناخوشگوار واقعي جو ڪوبه اطلاع موصول نه ٿيو هو

بقايا 3 ملهايو ويو

بارگاهن مان صبح جو ڪيترائي ننڍا ۽ وڏا ماتمي جلوس ڪڍيا ويا. اهي مرڪزي امام بارگاهه کان شروع ٿيندڙ مکيه ماتمي جلوس ۾ شامل ٿيا جيڪو پنهنجن روايتي رستن تان ٿيندو رهيو مکيه ماتمي جلوس امام بارگاهه غريب آباد کان ڪڍيو ويو جيڪو جلوس سيڪشن روڊ، گهنٽا گهر چاري، مينارٽ روڊ، ايوب گيٽ، دادو چوڪ ۽ ٻين علائقن مان گذري رات دير سان امام بارگاهه غريب آباد تي ختم ٿيو. جلوس دوران مختلف هنڌن تي ماتمي گڏجاڻيون پڻ منعقد ڪيون ويون جن ۾ عالمن ۽ ذاڪرين خطاب ڪيو ۽ ڪربلا جي واقعي، حضرت امام حسين عليه السلام جي شهادت، سندس فلسفو ۽ ان کان پوءِ پيش ايندڙ واقعن تي روشني وڌي ۽ ملڪ جي موجوده صورتحال کي نظر ۾ رکندي حسيني روح کي مشهور ڪرڻ ۽ فروغ ڏيڻ جي ضرورت تي زور ڏنو جلوس ۾ تعزيا، علم پاڪ ۽ ذوالجناح به شامل هئا. جن تي ماتمي جلوسن تي ميڻهن جو ميڻهن وسايو ويو هزارين ماتمي جلوسن ۾ شرڪت ڪئي ۽ ڪربلا جي شهيدن کي دعا ۽ نوحو پڙهي خراج تحسين پيش ڪيس جڏهن ته ڪيترن ئي ماتمي جلوسن زنجيرن ۽ تلوارن سان ماتم به ڪيو جلوس دوران شهرين ماتمي جلوسن کي چانهه، پاڻي ۽ مشروبات فراهم ڪيا جهنڊيون لڳايون ويون جڏهن ته سياسي ۽ سماجي تنظيمن ۽ اسڪائوٽس تنظيمن فوري طبي امداد فراهم ڪرڻ لاءِ ڪلاڪ ٽاور سميت ماتمي جلوسن جي جڳهن تي طبي ڪئمپ قائم ڪيا، جتي وڏي تعداد ۾ ماتمي جلوسن کي طبي امداد پڻ فراهم ڪئي وئي عاشورا جي موقعي تي سکر انتظاميا پاران ڪنهن به ناخوشگوار واقعي کي منهن ڏيڻ لاءِ انتهائي سخت سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويا هئا. ماتمي جلوسن جي جڳهن، بازارن ۽ رستن تي پوليس ۽ رينجرز اهلڪار مقرر ڪيا ويا هئا جڏهن ته مختلف رضاڪار تنظيمن جي ملازمن پڻ سيڪيورٽي ادارن سان گڏ پنهنجا فرض انجام ڏنا ۽ ماتمي جلوسن جي ڪيپن جي تلاشي وٺڻ کان پوءِ انهن کي ماتمي جلوس ۾ حصو وٺڻ جي اجازت ڏني وئي جڏهن ته ماتمي جلوس جي نگراني ٽيهه کان وڌيڪ ڪلوز سرڪٽ ڪيمرائن ذريعي پڻ ڪئي وئي

بقايا 4

سان 10 محرم الحرام جو مرڪزي ماتمي جلوس سيد عاشق شاهه جي نگراني ۾ برآمد ٿيو جنهن ۾ هزارين عزادارن شرڪت ڪري امام حسين عليه السلام ۽ سندن جانثار ساٿين کي ڀيٽا پيش ڪئي

بقايا 5 ملهايو ويو

بارگاهه وڏي پڙ ۾ گڏ ٿيا جتي مومنن پاران سينه زني ، چرين ، زنجيرن جو ماتم ڪيو ويو جنهن دوران 100 کان وڌيڪ عزادار زخمي ٿي پيا بعد ۾ قافلو رئيس حبيب خان مري ۽ اڪبر حسين چغتائي جي نگراني هيٺ مرڪزي امام بارگاهه وڏي پڙ کان برآمد ٿيو جيڪو روايتي رستن ساٿين جي پڙ جمن شاهه جي پڙ علي شاهه جي پڙ ۽ چانهين جي پڙ کان ٿيندو ڪربلا حاجي شاهه بابا تي پهتو جتي مجلس شام غريبان منعقد ڪئي وئي، جنهن کي علامه ولي محمد چانڊيو ۽ علامه مبشر حسين ۽ ٻين خطاب ڪندي سيد الشهداء حضرت امام حسين عليه السلام ۽ سندس ساٿين پاران ڏنل لازوال قرباني تي روشني وڌي. شديد زخمي عزادارن کي تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم . ايم ڪيو ايم پاڪستان . اڏيرو لعل ويلفيئر حسيني فائونڊيشن ۽ ٻين پاران لڳايل ميڊيڪل ڪيمپن تي آندو ويو جتي کين طبي امداد ڏني وئي. قافلي جي گذرگاهه وٽان مومنين لاءِ نياز لنگر سميت ٿڌي ۽ مٺي پاڻيءَ جون سبيلن جا استال لڳايا ويا . ڊي سي سانگهڙ ساره جاويد اسسٽنٽ ڪمشنر حنين طارق شاهاڻي . مختيارڪار امام الدين لاڙڪ . ڊي ايس پي امتياز ڊومڪي. ايس ايڇ او عمران اختر چانڊيو دؤرو ڪيو ۽ امن امان جو جائزو ورتو سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا مقامي انجمن جي سوين رضاڪارن سميت 300 کان وڌيڪ پوليس اهلڪار ۽ رينجرس جي اهلڪارن سيڪيورٽي جا فرائض سرانجام ڏنا . جڏهن ته 10 کان وڌيڪ ڏائين جا جلوس پڻ برآمد ٿيا جيڪي روايتي رستن تان ٿيندا اختتام پذير ٿيا

بقايا 6 برآمد ٿيندو

علي اصغر ع جو جهولو مبارڪ زوار شبير حيدري، ظهير حيدري رستماڻي جي رهائش گاهه سان برآمد ڪيو ويندو جنهن جي قيادت سيد منظور علي شاهه زوار شبير حيدري رستماڻي ڪندو جيڪو پنهنجي مقرر رستن تان ٿيندو سيد منظور علي شاهه جي حويلي تي ماتمداري، زنجير زني ۽ نوحه خاني بعد واپس پنهنجي مقام تي اختتام ٿيندو

بقايا 7 علامه اسد اقبال

ڪلب خيرپور ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو هوهن چيو ته هڪ گروهه انتشار پکيڙڻ ۾ سرگرم آهي ان کي روڪڻ ضروري آهي جيڪڏهن انتشار وڌيو ته سياسي ۽ سماجي اختلاف پيدا ٿيندا هن وڌيڪ چيو ته ناقابل برداشت عمل ڪندڙ ماڻهن تي نظر رکڻ گهرجي علامه سيد اسد اقبال زيدي چيو ته اسان انتظاميه جي هر ميٽنگ ۽ اجلاس ۾ پنهنجا خدشا بيان ڪيا هئا پر اسان جي خدشن تي خاموشي اختيار ڪئي وئي جنهن تي تشويش پيدا ٿي آهي ان ڪري اسان جي شڪايتن جو ازالو ڪرڻ ضروري آهي پريس ڪانفرنس ۾ مولانا ظهور حسين روحاني چوڌري سيد محمد مطهر زيدي، سيد امتياز حسين شاهه، مولانا سعيد احمد سولنگي علي عظمت بلوچ، سيد شهباز شاهه سعيد احمد بلدي ۽ سيد وسيع حيدر به علامه سيد اسد اقبال زيدي سان گڏ موجود هئا.

بقايا 8 مبارڪ جلوس برآمد

حسين زيدي جي اڳواڻي ۾ برآمد ٿيو مرڪزي جلوس کان اڳ مجلس عزا منعقد جنهن کي علامه سيد عرفان علي شاهه خطاب ۽ نائيوارو نوحا خوان سيد عابد حسين شاهه نقوي حضرت امام حسين علم السلام جي رڇڙي جو نوحو ڇٽي ماتمي جلوس کي منزل ڏانهن روانو تعزيه وارو جلوس چٽي چوڪ پهتو جتي امام بارگاهه فيض حسيني، امام بارگاهه قصر حسيني، امام بارگاهه قصر پنجتني امام بارگاهه دبير حسين سميت امام بارگاهه قصر زينب ثاني زهراهه امام بارگاهه چتن شاهه، امام بارگاهه بچل شاهه، امام بارگاهه حجتيه جعفر شاهه، امام بارگاهه بي بي سڪينه سلام الله عليه امام بارگاهه محبان حيدري، امام بارگاهه عون و محمد، امام بارگاهه هاشميه امام بارگاهه مرڪزي لقمان امام بارگاهه الحسيني جعفري صاحب، امام بارگاهه بڙا علم امام بارگاهه سرفراز شاهه امام بارگاهه اچي ڪوٺي، امام بارگاهه مل ڪالوني امام بارگاهه باقريه مير بحر جو پڙ سميت 100 کان وڌيڪ ماتمي پڙ گڏ ٿيا جتي نائيواري اسڪالر مولانا سيد عرفان علي شاهه اسڪالر عامر حبيب سومرو ۽ مولانا سيد سلطان علي شاهه خطاب ڪيو جڏهن ته حضرت امام حسين عليه السلام ۽ شهداء ڪربلا کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ عزادارن پاران زنجير جو ماتم ڪيو ويو جنهن بعد تعزيه وارو جلوس پنج گل چوڪ پهتو جتي تقرير کان پوءِ عزادارن ٻي مرحلي ۾ زنجيرجو ماتم ڪيو جتان تعزيه وارو جلوس قديمي ڪربلا ۽ مرڪزي ڪربلا انجمن حيدري روانو ٿيو جيڪو وڏي علم زري مبارڪ امام بارگاهه بي بي سڪينه سلام الله عليه ، شيعه عيد گاهه نيشنل هاءِ وي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل کان ٿيندي مرڪزي ڪربلا انجمن حيدري ۾ پهچي نهر ٿيو بعد ۾ مرڪزي امام بارگاهه انجمن حيدري، امام بارگاهه فيض حسيني، مرڪزي امام بارگاهه لقمان امام بارگاهه قصر حسيني، امام بارگاهه قصر پنجتني امام بارگاهه دبير حسين سميت امام بارگاهه قصر زينب ثاني زهراهه امام بارگاهه چتن شاهه، امام بارگاهه بچل شاهه امام بارگاهه حجتيه جعفر شاهه امام بارگاهه بي بي سڪينه سلام الله عليه امام بارگاهه محبان حيدري، امام بارگاهه عون و محمد، امام بارگاهه هاشميه امام بارگاهه مرڪزي لقمان امام بارگاهه الحسيني جعفري صاحب، امام بارگاهه بڙا علم امام بارگاهه سرفراز شاهه امام بارگاهه اچي ڪوٺي، امام بارگاهه مل ڪالوني امام بارگاهه باقريه مير بحر جو پڙ تي مجلس شام غريبان منعقد ڪئي وئي مجلس شام غريبان کي مولانا سيد عرفان علي شاهه منظور حسين سولنگي مولانا سيد باقر حسين زيدي ۽ ٻين خطاب ڪيو جنهن بعد عزادارن کي نياز امام ڪارائي وئي

بقايا 9 نينگريون فوت

ڪٽائي صادق آباد جي سول اسپتال ڏانهن منتقل ڪري ڇڏيو آهي فوتين نينگرين جي 8 سالا ڪلثوم چاچڙ ۽ ڇهه سالا سائمه چاچڙ طور تي سڃاڻپ ڪئي وئي آهي هوڏانهن ٻڌايو پيو وڃي ته فوت ٿي ويل نينگرين ۽ زخمي نوجوان جو تعلق ڪمون شهيد جي ڳوٺ بادهه چاچڙ سان ٻڌايو پيو وڃي آهي ۽ اهڙي افسوس ناڪ حادثي جي اطلاع ملڻ تي فوتي نينگرين جا وارث صادق آباد اسپتال کان لاش گهر کڻائي آيا لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو هوڏانهن پنجاب پوليس ڪارروائي ڪندي ٽرالر جي ڊرائيور کي ٽرالر سميت موقعي تان گرفتار ڪري ورتو آهي اهڙي واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ سوگ واري لهر ڇانئجي وئي سندن گهر اندر روج راڙو مچل آهي

بقايا 10 احتجاج

جي ڪري وڌيڪ بيماريون ڦهلجن ٿيون هنن وڌيڪ چيو ته عطائي ڊاڪٽرن جي اڳواڻي اطهر حسين شاهه ڪري رهيو آهي جنهن پيارو اسٽيشن جي مين روڊ تي ميڊيڪل اسٽور سان گڏ اسپتال کولي ڇڏي آهي هي عطائي ڊاڪٽر نان ٽيڪنيڪل اسٽاف ۽ بغير ميڊيڪل ڊگري جي غيرقانوني طور مريضن جو علاج ڪري ٿو جنهن سبب لوئر طبقي جا اڻڄاڻ ڪيترائي مريض وڌيڪ مهلڪ بيمارين ۾ وڪوڙجي ويا عطائي ڊاڪٽر اطهرحسين شاهه يوسي پيارو اسٽيشن جو چيئرمين هجڻ ڪري پنهنجا سياسي لاڳاپا استعمال ڪري غيرقانوني طور ڪلينڪ هلائي ٿو هن جي سرپرستي هيٺ ٻيون به ڪلينڪون غيرقانوني طور هلن ٿيون شهرين چيو ته اسان ڊي ايڇ او دادو هيلٿ ڪيئر ڪميشن ۽ ايس ايڇ او رکڻ کي اپيل ٿا ڪريون ته هنن غيرقانوني عطائي ڊاڪٽرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ڪلينڪ ۽ اسٽور بند ڪيو وڃي

بقايا 11 احتجاجي مظاهرو

۾ ٿيا آهن جهمپير لڳ واڙو سيلاٽي ماڇي ڳوٺ جي رهواسين احتجاج ڪندي چيو ته هو ڪيترن ئي ڀيرا پوليس سان رابطو ڪري چڪا آهن پر سندن شڪايت تي ڪيس داخل نه ڪيو پيو وڃي، جنهن سبب هو پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪن ٿا. هنن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي کين تحفظ فراهم ڪيو وڃي ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ساڻن انصاف ڪيو وڃي

بقايا 12 ٻڏي فوت

هئڻ سبب اهڙا واقعا ٿين ٿا ۽ شهرين پاران ريسڪيو سينٽر پڻ کولڻ جي گهرج ڪئي .

بقايا 13 احترام سان برآمد

ماتمي جلوس بخاري امام بارگاهه تان سيد ذوالفقار علي شاهه جي اڳواڻي ۾ برآمد ٿيو جنهن ۾ هزارين عذادارن ۽ وائيس چيئرمين نولراءِ مهيشوري سميت مولاحسين جي چاهيندڙن سماجي سياسي اڳواڻن سان گڏ اقليت برادري جا ماڻهو پڻ وڏي تعداد موجود هئا.جلوس جيڪو پنهنجي روايتي روٽن تان ٿيندي سيد بلند شاهه حويلي پهتو جتي فقيري امام بارگاهه تان نڪتل قافلو پڻ شامل ٿي ويو تي جتي مجلس عزه رکي وئي مومنين طرفان مختلف جڳهن تي سبيلون ۽ لنگر نياز جو پڻ بندوبست عذادارن طرفان مختلف جڳهن ته ماتم ڪري سينا زني ۽ نوحه خواني پڻ ڪئي وئي.جلوس دوران ڊپٽي ڪمشنر عمرڪوٽ نويدالرحمان لاڙڪ ۽ ايس ايس پي عمرڪوٽ سهائي عزيز ڏاليو صاحب پڻ سامارو پهچي انتظامن جو جائزو ورتو ۽ ميڊيا بريفنگ ڏني پوليس ۽ رينجرز ۽ تعلقي انتظاميه طرفان ڪنيل سڪيورٽي اقدامن ته اعتماد جو اظهار ڪيو.ماتمي جلوس دوران جڳهه جڳهه تي لنگر نياز ۽ سبيلون لڳايون ويون خاص ڪري اقليت برادري طرفان لڳايل سبيلون۽ لنگر نياز هڪ بهترين مثال پائيجاري ۽ رواداري جو درس ڏئي رهيون هيون جلوس دوران سيد ساجد شاهه.اسسٽنٽ ڪمشنر سنجي ڪمار ترڪيو.مختيارڪار آصف ڪالرو. ڊي ايس پي ڏٽي بخش مري.ايس ايڇ او عطا محمد لغاري.ايس ڊي او واپڊا دريا خان ميمڻ.سيد ڪرم شاهه بخاري.سيد اياز شاهه بخاري.سيد شمشير شاهه بخاري .سيد قطب شاهه بخاري وڏيرو لاريب خاصخيلي.لعل بخش خاصخيلي.سلطان خاصخيلي.صالح چانڊيو.دلبر حسين خاصخيلي ڏاتر بخش سينهڙو سميت وڏي تعداد ۾ مولا حسين جا چاهيندڙ پڻ گڏ هئا.

بقايا 14 ڪربلا ڪانفرنس

جي نسبت سان شهيد ڪربلا ڪانفرنس سيد احمد شاهه جي ميزباني هيٺ ٿي، جنهن ۾ حافظ منور علي چانگ، حافظ عبدالغني ڪوسو . حافظ نعيم احمد ٿيٻو ۽ سندس ساٿين نعت مقبول صلي الله عليه وسلم پيش ڪري ويلڻ جون ڌليون منور ڪري ڇڏيون. جڏهن ته حضرت علاما مولانا غلام اڪبر سهڙو لاڙڪاڻي وارو ۽ حضرت علاما مولانا مفتي دلبر سائين ماتلي واري ڪربلا شهيدن جي شان ۾ خصوصي خطاب ڪندي چيو ته حضرت امام حسين رضه الله عنه يزيد جي بعيت نه ڪئي ڪربلا جي ميدان ۾ ثابت ڪري ڏيکاريو ته ظالم ڪيترو به طاقتور ڇو نه هجي حق ۽ سچ خاطر ساٿس مهاڏو اٽڪائي حق ۽ سچ کي زنده رکيو. حضرت امام حسين عليه سلام سجدو نه ڇڏيو.ٻيبين پردو نه ڇڏيو.اسان حضرت امام حسين عليه سلام جي نقش قدم تي هلون ته ڪاميابي اسان جا قدم چمندي. جڏهن ته اهڙي خطاب ڪرڻ تي پنڊال ۾ هزارين ويلڻ جي اکيون اشڪبار ڪري ڇڏيون. جڏهن مرحوم حافظ علي اڪبر قاسمي جي مغفرت لاءِ دعا پڻ گهري وئي. آخر ۾ دلبر سائين دعا خير گهري بعد ۾ آيل مومنن ۾ لنگر تقسيم ڪيو ويو.

بقايا 15 ڊرٽو روڊ بلاڪ

وسي وڪان رڪاوٽون وجهي ڪراچي کان پنجاب ويندڙ قومي شاهراهه بلاڪ ڪري ڇڏيو جنهن سبب روڊ جي ٻنهي پاسن کان سوين گاڏيون بيهجي ويون مظاهرين جو چوڻ هو ته سوڙ علي مجيداڻو ، سلطان مجيداڻو ، سانوڻ مجيداڻو ساٿين سان اسان جي گهرن ۾ گهڙي حملو ڪري ڏنو جيسٽائين حملي ۾ ملوث جوابدار گرفتار نه ڪيا ويندا ايسٽائين احتجاج جاري رهندو جنهن بعد ڊي ايس پي مٽياري محمد عادل اعوان ۽ ايس ايڇ او شمس ڪوڪر مظاهرين سان ڳالهيون ڪري جوابدارن جي گرفتاري جو يقين ڏيارڻ احتجاج ختم ڪرائي روڊ کولرايو ان موقعي تي ڊي ايس پي مٽياري جو چوڻ هو ته جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن انشاء الله جلد جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو

بقايا 16 لاڏاڻو ڪري وئي

حيدر علي خان مرحوم جام مدد علي خان جي ننهن ۽ ضلعي سانگهڙ جو وائيس چيئرمين جام ظهير علي جام شهباز علي خان جي ڀاڄائي اچانڪ دل جو دورو پوڻ سبب وفات ڪري وئي . جنهن جي جنازي نماز جام نوازعلي ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ صوبائي وزير محبوب زمان چيئرمين چاچا مرتضيٰ جوڻيجو پ پ ايم پي اي سردار برهان خان چانڊيو جام ڪرم علي خان جام فاروق علي خان اڳوڻو ايم اين اي پير بخش جوڻيجو اڳوڻو ايڊيشنل ڪمشنر محمد حسن خاصخيلي جام نفيس علي خان مير سهيل پيو ڏاليو جام ماجد علي ڊي ايس پي منظور قمبراڻي علي نواز وساڻ استاد علي ڏنو خاصخيلي سيٺ انور علي راجپوت سردار عثمان عالماڻي عابد حسين ڪلوئي ڊاڪٽر غلام قادر ڀنهور ڊي اي او عبدالجبار راجپوت صديق شيخ حاڪم بلوچ شاڪر راجپوت امداد علي بلوچ حامد لسڪاڻي رئيس محمد علي عرف گٻرو خان لسڪاڻي سليم لسڪاڻي قلندر بخش ڏيرو سيد يار محمد شاهه سيد پيو شاهه اڪرام جوڻيجو ناظم عبدالغفار راجپوت گسنا صدر مير محمد خاصخيلي سميت وڏي انگ ۾ چونڊيل نمائيندن شرڪت ڪئي سوين آلين اکين سان مقامي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو ٻئي طرف اچانڪ وفات جام نوازعلي ۽ آس پاس وارا علائقا سوگ طور بند ٿي ويا

بقايا 17 فوت ٿي ويو

اسرار علي ڀٽي واهه ڪپ تان اوچتو پير ترڪي وڃڻ سبب فيض نهر واهه ۾ ڪري ٻڏي فوت ٿي ويو رابطي ڪرڻ تي نينگر جي وارثن ٻڌايو اسرار علي ٻڌائيندي چيو ته واقعي واري جاءِ تي موجود ٻارڙن پاران جيئن ئي نينگر جي ٻڏي وڃڻ جو اطلاع مليو ته علائقي واسين ۽ پنهنجي مدد پاڻ تحت لاش فيض نهر واهه مان ڪڍيوسين واقعي جي اطلاع تي ٻهارو پوليس پهچي لاش کي قانوني ڪارروائي لاءِ ڳمس اسپتال گمبٽ منتقل ڪيو جتي ضروري ڪارروائي مڪمل ٿيڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ، لاش گهر پهچندي ئي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

بقايا 18 صدائون بلند

جي پڙ ۽ گوپانگ چونڪ تي ماتمي جلوس برآمد ڪيا ويا جتي لنگر نياز ۽ سبيل امام حسين عليه السلام جو انتظام ڪيو ويو هو ان موقعي تي سيڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا هئا سيڪيورٽي جا انتظام سوبوديرو پوليس جي جوانن سنڀاليا

بقايا 19 جلوس برآمد

جڏهن ته سيڪيورٽي انتظام سخت ڪيا ويا. ڪربلا جي شهيدن جي لازوال قربانين کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ يوم عاشورا تي ڪوٽڙي ۾ انجمن محمدي پاران صديون پراڻو روايتي پڙ برآمد ڪيو ويو جتي پڙ سيد ظفر حسين جعفري جي رهائشگاهه تان ٿيندي سرسلام نوحه خواني ۽ مجلس ڪانپوءِ پنهنجي مقرر روايتي رستن تي روانو ٿيو جلوس دوران مختلف ماتمي انجمنون نوحه خواني ۽ سينه زني ڪنديون رهيون جڏهن ته نماز ظهر ڪانپوءِ عزادار زنجير زني ذريعي حضرت امام حسين عليه السلام ۽ ڪربلا جي ٻين شهيدن کي عقيدت جو نذرانو پيش ڪيو بعد ۾ مجلس کي سيد اقبال نقوي خطاب ڪيو جنهن ڪانپوءِ پڙ مرڪزي جامع مسجد قباء کان ٿيندي مختلف روايتي رستا اختيار ڪندي پڙ امام بارگاهه اولاد علي شاهه جعفري تي نهر ٿيو. هوڏانهن سيڪيورٽي جي حوالي سان پوليس موجب يوم عاشورا تي ڪوٽڙي ۽ سائيٽ ڪوٽڙي مان مجموعي طور 10 ماتمي جلوس برآمد ٿيا، جن مان 7 جلوس ڪوٽڙي ۽ 3 سائيٽ ڪوٽڙي جا آهن سمورن جلوسن کي انتهائي حساس قرار ڏئي سخت حفاظتي انتظام ڪيا ويا هئا. جلوسن جي رستن کي خار دار تارن سان سيل ڪيو ويو ، جڏهن ته پوليس، رينجرز ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا اهلڪار سيڪيورٽي جا فرض سرانجام ڏئي رهيا هئا ته جيئن عزاداري جو سلسلو پرامن نموني سان جاري رهي سگهي.

بقايا 20 ڪيمپ جاري

لاءِ پريا ايڪشن ڪميٽي پاران ڀرلو باءِ پاس تي قائم ڪيل احتجاجي ڪئمپ احتجاج ۾ پريا ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻن پريا جي وارثن، مختلف سياسي، سماجي ۽ قومپرست تنظيمن جي اڳواڻن وڪيلن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي احتجاج ڪندڙن هٿن ۾ بينر کڻي سخت نعريبازي ڪئي، ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته پريا ڪماري کي اغوا ٿئي پنج سال گذري چڪا آهن پر اڄ ڏينهن تائين سندس بازيابي عمل ۾ نه اچي سگهي آهي، جيڪو قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ڪارڪردگي تي وڏو سوال آهي هنن چيو ته پريا سان گڏوگڏ معصوم نياٽي اجالا سولنگي نويد لاشاري، خوشي مهر صباء ڪلهوڙو ۽ فاطمه ڦيٽو جيا ڪيترائي معصوم ٻار به گم ٿيل آهن جن جا وارث سالن کان انصاف لاءِ دربدر ٿي رهيا آهن اڳواڻن وڌيڪ چيو ته پريا ڪماري جي ڪيس ۾ مختلف مرحلن تي جاچ ڪميٽيون ۽ گڏيل جاچ ٽيمون (جي آءِ ٽيز) پڻ جوڙيون ويون. اعليٰ سطح ايس ايس پيز ۽ ڊي آئي جيز جي پوليس آفيسرن کان وٺي وفاقي جاچ ادارن ۽ ٻين ادارن جي مدد سان جاچ جا اعلان به ڪيا ويا، پر ان باوجود ڪيس ڪنهن حتمي نتيجي تي نه پهتو ۽ نه ئي پريا جي بازيابي ممڪن بڻجي سگهي. هنن الزام هنيو ته بار بار ڪميٽيون ٺاهڻ باوجود عملي نتيجا سامهون نه آيا، احتجاج ڪندڙن مطالبو ڪيو ته پريا ڪماري، اجالا سولنگي سميت سمورن گم ٿيل معصوم ٻارڙن کي فوري طور بازياب ڪري وارثن حوالي ڪيو وڃي ۽ ڪيس جي شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن کي قانون موجب سخت سزا ڏني وڃي ۽ جيڪڏهن جلد مثبت اڳڀرائي نه ٿي ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪندي ڀرلوءِ قومي شاهراهه تي ڌرڻو هنيو ويندو جيڪو تاريخ جو هڪ ٻيو وڏو ڌرڻو هوندو، پريا ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻن اعلان ڪيو ته جيسٽائين پريا ڪماري ۽ ٻيا گم ٿيل معصوم ٻار بازياب نه ٿيندا، تيسٽائين ڀرلو باءِ پاس تي احتجاجي ڪئمپ جاري رهندي ۽ پنهنجي پرامن جدوجهد کي وڌيڪ تيز ڪيو ويندو

بقايا 21 ڏاڙهجي زخمي

ولد فقيرو باگڙي،خانپورمهر واسي ديوان لڪش ولد شنڪر لال،جڏهن ته سومر موري واري علائقي مان لونگ ولد اريلو پدافي ۽ سندس ڀيڻ شامل آهن واقعي ڪانپوءِ سڀني زخمين کي سول اسپتال شيخ همدان بن محمد منتقل ڪيو ويو،جتي ڊاڪٽرن کين فوري طبي امداد فراهم ڪندي اينٽي ريبيز ويڪسين پڻ لڳائي،اسپتال ذريعن موجب سڀئي زخمي خطري کان ٻاهر آهن،هوڏانهن علائقي واسين چرين ڪتن جي وڌندڙ آزار تي ڳڻتي ظاهر ڪندي لاڳاپيل انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري مهم هلائي چرين ڪتن جو خاتمو ڪري شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي

بقايا 22 مفتي ابراهيم

عظيم ترين جدوجهد ۽ شهادت ذريعي انسانيت کي عزت ۽ وقار ڏنو ۽ انسانيت جي دنيا جو اڳواڻ ۽ رهنما سڏيو ويو ڪربلا جي شهيدن جون بي مثال قربانيون پوري انسانيت لاءِ هدايت جو مينار آهن انهن خيالن جو اظهار هن گذريل ڏينهن ڪربلا جي شهيدن جي اجتماع ۾ مرحوم حاجي محمد ابراهيم جي روحن جي تسلي جي موقعي تي پنهنجي خاص خطاب دوران ڪيو ڪربلا جي شهيدن جي اجتماع ۾ مشهور نعت خوان حاج عدنان رضا قادري، محمد ريحان رضا قادري ۽ ٻين نعت خوانن حضور پاڪ ۽ ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ نذرانو پيش ڪيو ان دوران مشهور مذهبي عالمن مذهبي شخصيتن ۽ عاشقان رسول، جن ۾ سکر جي معزز شخصيتن جن ۾ تنظيم اهلسنت سکر جي چيئرمين مشروف محمود قادري، حامد محمود حاجي محمد صالح حاجي محمد شاهد، شريف دادا، جاويد ميمڻ شبير ميمڻ عبدالصمد ميمڻ مولانا افضل حسيني ۽ ٻيا شامل هئا. ڪربلا جي شهيدن جي اجتماع ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي خطاب ڪندي نامور عالمن چيو ته عظيم امام حضرت سيدنا امام حسين عليه السلام ظلم جي خلاف ثابت قدم رهيا ۽ شهادت حاصل ڪئي، جيڪو حق جو روشن پيغام آهي محرم اسان کي اتحاد ۽ اتفاق، صبر ۽ برداشت، پائيجاري، قرباني ۽ صداقت جو درس ڏئي ٿو حضرت امام حسين عليه السلام ۽ ڪربلا جي شهيدن شهادت جي هڪ عظيم تاريخ رقم ڪئي ۽ قرباني جي هڪ لازوال مثال قائم ڪئي ان کان اڳ، مرحوم حاجي محمد ابراهيم تي صلوات ۽ سلام ۽ فاتحه پڙهي وئي، جڏهن ته اختتام اسلامي دنيا جي عظمت ۽ پياري وطن پاڪستان ۾ امن ۽ سلامتي لاءِ دعا سان ٿيو ۽ امام حسين عليه السلام جو لنگر پڻ ورهايو ويو

بقايا 23 ڪيون ويون

لاڙڪاڻي ۾ به يوم عاشوره جو ڏهاڙو اڄ انتهائي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو يوم عاشوره جي موقعي تي لاڙڪاڻي ضلعي مان 179 ماتمي جلوس برآمد ٿيڻ سان گڏ 181 مجلسون برپا ڪيون ويون جن جي سيڪيورٽي لاءِ 3300 پوليس آفيسر مرد ۽ عورت اهلڪارن کي مقرر ڪيو ويو هو گڏوگڏ رينجرز جي جوانن پڻ پنهنجا فرائض سرانجام ڏنا يوم عاشوره جو مرڪزي جلوس جمعي نماز بعد امام بارگاهه جاڙل شاهه کان برآمد ٿيو جنهن ۾ ذوالجناح جهولا، علم پاڪ، سيج سميت ٻيون زيارتون موجود هيون مرڪزي جلوس ۾ ايم پي اي جميل احمد سومرو، چيئرمين ڊڏي ٽائون شاهه رخ انور سيال سميت انتظاميه جي عملدارن شرڪت ڪري انتظامن جو جائزو ورتو ان موقعي تي ايم پي اي جميل احمد سومرو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪربلا جو واقعو صبر ۽ استقامت جو درس ڏئي ٿو اسان سڀني تي فرض آهي ته امام حسين عليه السلام جي رستي تي هلون لاڙڪاڻي سميت سڄي سنڌ ۾ مذهبي هم آهنگي تمام گهڻي آهي هر سال 9 محرم تي لاڙڪاڻي جي ڌرم شالا ۾ هندو برادري پاران نياز جو اهتمام مذهبي هم آهنگي جو کليل ثبوت آهي مختلف مذهبن ۽ مسلڪن سان تعلق رکندڙ ماڻهو هتي هڪ ٻئي جا ڏهاڙا ملهائيندا آهن ٿا، جيڪو هڪ خوش آئند قدم آهي هن چيو ته لاڙڪاڻي ۾ ضلعي انتظاميه طرفان يوم عاشوره جي موقعي تي سيڪيورٽي جا فول پروف انتظام ڪيا آهن مون سميت ضلعي آفيسر هر امام بارگاهه جا مسلسل دورا ڪري رهيا آهن مرڪزي جلوس امام بارگاهه جاڙل شاهه مان برآمد ٿيندو آهي جنهن ۾ ننڍا وڏا سمورا جلوس شامل ٿيندا آهن هر سال امام بارگاهه جاڙل شاهه مان نڪرندڙ مرڪزي جلوس جي موقعي تي دعا ۾ پاڻ شرڪت ڪندو آهيان هن چيو ته ميونسپل ڪارپوريشن ٽائون چيئرمين ۽ بلدياتي ادارن پاران روشني، پاڻي ۽ صفائي جا مڪمل انتظام ڪيا ويا آهن سمورن امام بارگاهن جي منتظمين پاران ضلعي آفيسرن ۽ بلدياتي ادارن جي ڪيل انتظامن جي ساراهه ڪئي پئي وڃي ٻئي طرف مرڪزي ماتمي جلوس پنهنجي روايتي رستن کان ٿيندو رات دير سان شهر جي پاڪستاني چوڪ وٽ نهر ٿيو جنهن ۾ لاڙڪاڻي شهر جي مختلف علائقن مان نڪتل ننڍا وڏا ماتمي جلوس شامل ٿيا جتي عزادارن طرفان زنجير زني، سينه زني ڪري ڪربلا جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪئي جنهن دوران ڪيترائي عزادار زخمي ٿي پيا جن کي بروقت طبي امداد ڏني وئي ان موقعي تي نائيوارن ذاڪرن ڪربلا جي واقعي تي روشني وڌي جنهن دوران ڪيترائي عزادار ڪربلا جي واقعي کي ياد ڪري زاروقطار روئيندا رهيا

بقايا 24 احتجاجي مظاهرو

وارثن پاران احتجاجي مظاهرو ڪري پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي مقتول نوجوان جي والد محمد صالح مستوئي ۽ ٻين ٻڌائيندي چيو ته سڳاوٽي تڪرار تان جوابدارن اڪبر علي گل دين محمد، غلام نبي مستوئي ۽ اسحاق ڊومڪي وارن اسان جي نوجوان احسان مستوئي کي قتل ڪيو آهي جنهن کي 4 ڏينهن گذري چڪا آهن پر پوليس هن وقت تائين قاتلن کي گرفتار ناهي ڪيو هنن چيو ته صدر ٿاڻي جي پوليس جوابدار گرفتار ڪرڻ بدران اسان کي مختلف بهانن سان موڪلي رهي آهي هنن ايس ايس پي جيڪب آباد کان گهر ڪندي چيو آهي ته احتجاج جو نوٽيس وٺي قاتلن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 25 ملهايو ويو

عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو عزادارن پاران مختلف امام بارگاهن کان ننڍا وڏا ماتمي جلوس برآمد ڪيا ويا جنهن ۾ شريڪ عزادار يا حسين جي صدائن سان ماتم ڪندا پنهنجي پنهنجي منزلن ڏانهن روان دوان رهيا، جڏهن ته شير شاهه حويلي کان سيد احسان علي شاهه مرڪز علي کان بنده علي جعفري، درگاهه پير بخاري کان سيد ڪامران شاهه مخدوم جهانيان امام بارگاهه شيخ محلا کان حيدر علي شيخ سميت مختلف شيعا اڳواڻن جي اڳواڻي ۾ مختلف امام بارگاهن ۽ درگاهن کان ماتمي جلوس برآمد ڪري دل دل سيج، ذوالجناح ۽ ڪربلا جي شهيدن جي جهولا ڪڍي مختلف رستن تان ٿيندا شهر جي مصروف ترين ڊي سي چوڪ تي پهچي مجلس منعقد ڪندا آهن جنهن کان پوءِ سڀئي ماتمي جلوس درگاهه پير بخاري تي پهچندا آهن جتي ماتمي عزادار سينا زني ۽ زنجير زني ڪرڻ بعد پنهنجي پنهنجي منزلن تي پهچي نهر ٿيندا آهن هوڏانهن ڏهين محرم الحرام جي موقعي تي ضلعي انتظاميه پاران سيڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا، شهر جي داخلي ۽ خارجي رستن کي سيل ڪري عزادارن جي روٽن کي ڪنڊيدار تارن سان محفوظ بڻايو ويو جڏهن ته مختلف امام بارگاهن سميت حساس هنڌن تي پوليس ۽ رينجرز جي اهلڪارن کي الرٽ ڪري بيهاريو ويو آهي جڏهن ته ايم اين اي مير اعجاز حسين جکراڻي ڊپٽي ڪمشنر شهزاد احمد، ايس ايس پي فيضان علي ميونسپل ڪاميٽي جي چيئرمين مير غلام عباس جکراڻي ۽ ٻين پاران ڏهين محرم الحرام جي موقعي تي شهر ۾ گشت ڪري سيڪيورٽي سميت انتظاميه صورتحال جو جائزو ورتو ۽ شيعا اڳواڻن سان ملاقاتون پڻ ڪيون ان سلسلي ۾ ايس ايس پي جيڪب آباد فيضان علي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته جيڪب آباد ۾ ڏهين محرم الحرام جي موقعي تي سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا آهن، شهر جي داخلي ۽ خارجي رستن سميت عزادارن جي روٽن کي محفوظ بڻايو ويو آهي امام بارگاهن سميت حساس هنڌن تي پوليس ۽ رينجرز جي اهلڪارن کي الرٽ ڪري بيهاريو ويو آهي هن چيو ته سيڪيورٽي انتظامن کي نظر ۾ رکندي ضلعي اندر 4 هزار کان وڌيڪ پوليس ۽ رينجرز جي عملدارن کي هاءِ الرٽ ڪيو ويو آهي 33 اضافي چيڪ پوسٽون قائم ڪيون آهن جڏهن ته 100 کان وڌيڪ سي سي ٽي وي ڪيمرائون لڳائي ماتمي جلوسن ۽ مجلسن جي نگراني ڪئي ويندي هن چيو ته ڪنهن به قسم جي ڳڻتي جوڳي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ڊي سي آفيس ۽ پوليس طرفان الڳ الڳ ڪنٽرول روم قائم ڪيا ويا آهن

بقايا 26 ۾ ڀيٽا پيش

سينچري) جنم ڏڻ جي شاهي ميلي جي حوالي سان ماتا منڊل پاران هڪ شاندار روح پرور ۽ تاريخي شيوا جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ پوڪلڻ ۽ عقيدتمندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري عقيدت محبت ۽ انسانيت جو نرالو مثال قائم ڪيو تقريب دوران منجهند جو لڳ ڀڳ ٻه وڳي 500 کان وڌيڪ نياڻين جيڪي پوجيه ماتا صاحب جي پوتر روپ ۾ شريڪ ٿيون جن جي انتهائي عزت، ادب ۽ شردا سان شيوا ڪئي وئي شيوادارين پنهنجي پنهنجي ذميوارين کي عقيدت سان نڀائيندي ڪنهن جي هٿ ۾ ڀالڙي ڪنهن وٽ پاڻ پويتر پاڻيءَ جا جڳ ۽ ڪنهن وٽ نياڻين جا پير اگهڻ لاءِ ٽوال هئا محبت، نوڙت ۽ يڪجهتي سان سرشار اهو منظر هر ڏسندڙ لاءِ دلڪش ۽ يادگار بڻيل هو ان کان پوءِ سڀني نياڻين کي نهايت احترام سان ويهاري سندن پير ڌوتا ويا جنهن بعد سندن اڳيان ٿالهيون ڪٽورا رکي ادب سان روٽي پروسي پيش ڪئي وئي جنهن ۾ مقدس پوڄن ۾ 56 قسمن جا لذيذ طعام پيش ڪيا ويا پوڄن جي شروعات کان اڳ سڀني گڏجي گائتري منتر جو پاٺ ڪيو جنهن کان پوءِ "جئه شداراه جئه ماتا جي" جي روح پرور نعريبازي سان پرشاد گرهڻ ڪرڻ جو آغاز ڪيو ويوپوڄن کان پوءِ ماتا جي روپ ۾ آيل سڀني نياڻين کي وڏي عقيدت ۽ محبت سان پيٽائون خوبصورت تحفا ۽ کاڌي پيتي جون شيون پيش ڪري سندن مان ۽ سنمان ڪيو ويو ان موقعي تي هلندڙ پنداري صاحب دوران پوجيه سخي بابا آستان تان محيلا منڊل پاران نياڻين کي چنريون پڻ پيش ڪيون ويون جنهن کي انتهائي مهان ۽ پوتر شيوا قرار ڏنو ويو تقريب جو هر منظر روحانيت، ڀائيچاري محبت ۽ انسانيت جي جذبن سان سرشار هو ماتا منڊل جا وڏا ننڍا ٽولي پنهنجي هٿن سان خوشي ۽ عقيدت سان شيوا سرانجام ڏيندا رهيا، جڏهن ته شرڪت ڪندڙن هن تقريب کي تاريخي يادگار ۽ ايندڙ نسلن لاءِ هڪ روشن مثال قرار ڏنو، تقريب ۾ موجود عقيدتمندن جو چوڻ هو ته اهڙيون روحاني ۽ سماجي تقريبون نه رڳو مذهبي روايتن کي هٿي ڏين ٿيون پر محبت، خدمت، ڀائيچي ۽ انسانيت جي اعليٰ قدرن کي پڻ هٿي وٺرائين ٿيون بيشڪ گولڊن منڊر ۾ منعقد ٿيل هي تاريخي شيوا شرڪت ڪندڙن جي دلين تي هميشه لاءِ محبت ۽ عقيدت جا اڻمٽ نقش ڇڏي وئي.

بقايا 27 تحفظ جو مطالبو

راجپوت . علي محمد ۽ افتخار راجپوت گهر ۾ گهڙي مون تي تشدد ڪرڻ بعد زيادتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ منهنجا ڪپڙا ڦاڙي ڇڏيا منهنجي رڙين تي جوابدار فرار ٿي ويا هن الزام هنيو آهي ته تعلقه پوليس وٽ دانهن باوجود پوليس ڪابه ڪارروائي نه ڪئي هن چيو ته جوابدار بااثر آهن جيڪي اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هن واسطيدارن کان جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري کين تحفظ ۽ انصاف ڏيڻ جي گهر ڪئي آهي

بقايا 28 ملهايو ويو

شفيق احمد ٻرڙو چيو ته حضرت امام حسين عليه السلام دين اسلام جي سربلندي لاءِ عظيم قرباني ڏني آهي. حضرت امام حسين عليه السلام ۽ سندس ساٿين حق، انصاف ۽ دين جي بچاءَ لاءِ يزيد جي باطل حڪومت اڳيان سرجهڪائڻ کان انڪار ڪندي شهادت قبول ڪئي.هن چيو ته حضرت امام حسين عليه السلام جي گذاريل زندگي اسان لاءِ مشعل راهه آهي. هن چيو ته شهداء ڪربلا جو واقعو تاريخي واقعو آهي. جنهن مان اسان مومنن کي سبق حاصل ڪرڻ گهرجي. هن کان اڳ علامه قاضي عبدالغفور قاسمي مولوي غلام محي الدين عطاري، مولوي عبدالرشيد پنهور ۽ ٻين خطاب ڪيو. جڏهن ته حافظ نظام الدين پلائي حافظ نديم علي قريشي ۽ ٻين شهداء ڪربلا جي ياد ۾ منقبتون پڙهيون. ٻئي طرف اهل شيعت پاران جمالي ڪالوني کان ماتمي جلوس ڪڍيو ويو جنهن ۾ عزادارن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. هوڏانهن اهل سنت جماعت، ٽائون ڪاميٽي انتظاميا سان گڏ شهرين پاران شهر جي مختلف هنڌن تي پاڻي ۽ شربت جون سبيلون لڳايون ويون.اهڙي طرح انڊس هاسپيٽل ٽرسٽ جي ٿيليسيميا مريضن کي ڊونيشن ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر شهباز علي ميمڻ پاران بلڊ ڪيمپ لڳائي وئي. جتي اسڪائوٽ ليڊر اظهر حسين بلوچ، سيد منور علي شاهه ۽ سرفراز علي ميمڻ امدادي سرگرمين ۾ حصو ورتو. ٻئي طرف شهر ڀان ۾ ڪنهن اڻوڻندڙ صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ پوليس جي وڏي نفري مقرر ڪئي وئي هئي. #

بقايا 29 احترام سان برآمد

جلوس برآمد ٿيو جنهن ۾ هزارين مومنين پاران شرڪت ڪئي وئي جلوس مختلف روڊن کان ٿيندو ڳوٺ ڀهاڙسري پهتو جتي مختلف پڙن ۾ حاضري بعد ساڳئي روڊ تان واپس ٿيندو ٺٽون آباد واري علائقي مان پڙن تان ٿيندو واپس ٽنڊوباگو شهر ۾ پهتو ڏهه محرم جو مک جلوس شهر جي مختلف روڊن رستن تان ٿيندو لکياري جي پڙ ۾ پهتو جتي مجلس عزاءِ ڪئي وئي ۽ نياز ورهايو ويندو ، جتي مومن پاران متي وارو ماتم ڪيو ويو جنهن بعد لکياري جي پڙ ۾ مجلس عزا ٿي مجلس کان پوءِ دستور موجب جلوس شهر جي مختلف پڙن تان ٿيندو ميرن جي ديري تي پهتو جتي جمع نماز پڙهي وئي ان بعد اهو جلوس پراڻي شاهي بازار پهچندو نوحا خواني ڪري ماتم ڪيو ويو شام جو جلوس بخاري جي پڙ وٽ پهتو جتي وڏي مجلس عزا کان پوءِ مومنين پاران زنجيرن سان ماتم ڪيو ويو ايئن سج لهڻ وقت جلوس مقرر ٿيل روڊن تان ٿيندو واپس لکياري واري پڙ ۾ نهر ٿي ويو جتي ڏهه محرم جي رات مجلس شام غريبان پڻ جاري .مختلف ڳوٺن سان پهتل قافلا واپس روانا ٿي ويا .سمورا سيڪيورٽي جا انتظام ڊي ايس پي ٽنڊوباگو جي اڳواڻي ۾ ڪيا ويا ، اتي وري صحت کاتي جي ٽيمن ،ٽائون ڪميٽي جي عملي پڻ ڀرپور حصو ورتو ويو

بقايا 30 احترام سان برآمد

جي اڳواڻي ۾ الڳ الڳ ماتمي جلوس ڪڍيا ويا نڪتل ماتمي جلوس پنهنجي روايتي رستن تان ٿيندا ساڳين هنڌن تي نهر ٿيا جنهن بعد زنجير زني ڪري شام غريبان پڙهي وئي ماتمي جلوسن ۾ هزارين عزادارن شرڪت ڪئي هر طرف يا حسين يا حسين جون صدائون بلند ٿيندي رهيون ماتمي جلوسن ۾ قديمي تابوت . جهولا . ذوالجناح ۽ تازيا ڪڍيا ويا ٻي پاسي ايس ايس پي ٽنڊوالهيار طرفان ماتمي جلوسن جي سيڪيورٽي لاءِ انتظام سخت ڪيا ويا هئا پوليس سان گڏ رينجرز جا جوان ۽ رضاڪار پڻ پنهنجا فرض سرانجام ڏنا ماتمي جلوسن جي گذرگاهن کي رڪاوٽون وجهي مڪمل بند ڪيو ويو هو جلوسن جي نگراني لاءِ ڪنٽرول روم قائم ڪري سي سي ٽي وي ڪيمرا پڻ نصب ڪيا ويا هئا جڏهن ته ميونسپل ڪميٽي . صحت کاتي . حيسڪو ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جا عملدارن پڻ جلوس ۾ اڳواڻي صوبائي وزير امداد پتافي ميونسپل ڪميٽي چيئرمين سيد ثمر شاهه ڊي سي نور مصطفيٰ لغاري ش ايس ايس پي سيد سليم شاهه ۽ ضلعي انتظاميا سان گڏ موجود رهيا جڏهن ته صحت کاتي طرفان ايمرجنسي جي صورت ۾ ايمبولنس ۽ ڊاڪٽر مقرر ڪري ميڊيڪل ڪئمپون قائم ڪيون ويون جتي زنجير زني ڪندڙ عزادارن کي فسٽ ايڊ پڻ ڏنو ويو

بقايا 31 گهر ۾ ڪهرام

منتقل ڪيو ويو نينگر جو مڙهه قانوني ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو نينگر جو مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهورام مچي ويو واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

بقايا 32 جون وينون بند

۽ ڊرائيورن پنگريو حيدرآباد روٽ تي احتجاجن پنهنجون وينون بند ڪري ڇڏيون آهن ۽ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري پريس ڪلب پنگريو ۾ ميڊيا اڳيان ٻڌائيندي ڊرائيورن سليم پنهور علي زيب ميمڻ ۽ ٻين الزام هڻندي چيو ته هڪ ٿاڻي جو مفرور ڪورٽن جو گهربل ڏوهاري قسم جو ماڻهو ايوب زنگيجو وين اڏي تي زبردستي قبضو ڪرائڻ ۽ خون خرابو ڪرڻ چاهي ٿو ۽ جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏيئي رهيو آهه جنهنڪري ڪنهن به وقت ڊرائيورن مالڪن يا مسافرن کي جاني مالي نقصان ٿي سگهي ٿو هنن وڌيڪ چيو ته پنگريو کان حيدرآباد روٽ تي هلندڙ سڀني گاڏين جي ٽائيمن جي آر ٽي اي حيدرآباد وٽ رجسٽريشن ٿيل آهه جنهن جي ڏنل شيڊيول موجب وينون هلندڙ آهن جنهن سچي سسٽم کي سبوتاژ ڪرڻ لاءِ با اثرن سان ملي ڀڳت ڪري ڏوهاري ماڻهو ايوب زنگيجو اڏي تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن معاملي جو ايس ايس پي بدين ڊي سي بدين آر ٽي اي سيڪريٽري نوٽيس وٺي ٽڪرو حل ڪيو ساٿن انصاف ڪن جيڪڏهن انصاف نه ٿيو ته گاڏين جي هڙتال جاري رهندي

بقايا 33 جو اظهار

ميمبر نوابزاده افتخار احمد خان نوابزاده ابرار احمد خان نوابزاده اسرار احمد خان ۽ ٻين گهرڀاتين سان تعزيت جو اظهار ڪندي سندس خدمتن کي خراج عقيدت پيش ڪيو هن مرحوم جي مغفرت، درجن جي بلندي لاءِ دعا ڪئي گورنر مرحوم جي سمورن پونئيرن لاءِ صبر جي دعا پڻ ڪئي

بقايا 34 سميت ٻه زخمي

ٿي ويا جن کي علاج لاءِ مقامي اسپتال داخل ڪرايو ويو محمدرمضان ،شاهجهان،مسمات ضميران خاتون،فائزه بانو،فيروزه بانو،ڪونج خاتون قرآن پاڪ کڻي راڻي پور ٿاڻي آڏو حملي آورن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهرو ڪندڙ آس ۽ گرمي ۾ حملي آورن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪري رهيا هئا ان موقعي تي هنن چيو ته پنهنجي برادري جي بااثرن جو وڏو ظلم آهي هاڻ اسان کي جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي زمينن تي پڻ قبضو ڪيو ويو آهي زخمي ٿي اسان آيون پر راڻي پور پوليس اسان جي هڪ به ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهي ويتر اسان جي بيگناهه نوجوان غلام علي ملاح کي گرفتار ڪري لاڪپ ۾ بند ڪري ڇڏيو آهي جيڪو پڻ وڏو ظلم آهي پوليس سڪتا دلاسا ڏئي رهي آهي ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي پوليس حملي آورن سان ٻٽ بڻيل آهي هنن اعليٰ حڪام کان انصاف ڪرڻ جي گهرڪئي آهي جڏهن ته ٻئي ڌر سان رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر ڪين سان موقف وٺڻ لاءِ رابطو نه ٿي سگهيو هيو

بقايا 35 حيدري تان برآمد

پنهنجي مقرر رستن تان گذرندو رهيو جتي عزادارن حضرت امام حسين عليه السلام ۽ ڪربلا جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪندي سينه زني ۽ نوحه خواني ڪئي.جمعي جي نماز ادا ڪرڻ کان پوءِ عزادارن زنجيرن جي چاقن سان ماتم ڪيو جنهن دوران ڪيترائي مومن زخمي ٿيا. زخمين کي فوري طور طبي امداد فراهم ڪئي وئي. مرهم پٽي ڪرڻ کان پوءِ کين گهرن ڏانهن روانو ڪيو ويو.قافلو پنهنجي مقرر ڪيل روٽ تي سفر مڪمل ڪرڻ بعد واپس امام بارگاهه حيدري پهتو جتي مرڪزي ماتمي قافلو پرامن نموني سان اختتام پذير ٿيو.شام جو امام بارگاهه حيدري ۾ شام غريبان جي مجلس منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ذاڪرن حضرت امام حسين عليه السلام، حضرت عباس عليه السلام ۽ ڪربلا جي ٻين جانثارن جي اسلام خاطر ڏنل عظيم قربانين تي تفصيلي روشني وڌي مجلس دوران عزادارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري شهيدن ڪربلا کي ڀرپور عقيدت جو خراج پيش ڪيو.عزاداري جي سمورن پروگرامن دوران پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن پاران سخت سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويا، جڏهن ته رضاڪارن ۽ طبي ٽيمن به پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون. جنهن سبب سڄو مرڪزي ماتمي قافلو ۽ شام غريبان جا پروگرام پرامن نموني سان مڪمل ٿيا.

بقايا 36 احتجاج

نياڻي سيما ٻبر ۽ سندس معصوم نياڻي عليشا جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪندي ٻڌائيندي چيو ته مان غريب مسڪين آهيان پورهيو ڪري گهر جو گاڏو هلائيندو آهيان 4 سال اڳ مون پنهنجي نياڻي سيما ٻبر جو نڪاح نوجوان جاويد ٻبر سان ڪيو هو جنهن مان کيس هڪ نياڻي پيدا ٿي جيڪا 15 مهينن جي آهي ، منهنجو نياٽو منهنجي نياڻي کي گهر ۾ تشدد ڪندو هو تنهن تي منهنجي نياڻي بيزار ٿي سندس کان دادو جي فيملي ڪورٽ مان طلاق ورتي ان تي جاويد ٻبر ، يونس ٻبر ، پنهل ٻبر ، مومن ٻبر ، بدرا ٻبر سميت ٻين منهنجي غيرموجودگي ۾ گهر ۾ داخل ٿي منهنجي زال سميت ٻين عورتن کي ڏنڊا هڻي هوائي فائرنگ ڪري منهنجي طلاقيل نياڻي کي معصوم ڌي سميت اغوا ڪري کڻي ويا ، جنهن جو اطلاع اسان پٽ ٿاڻي تي ڏنو ، ايس ايڇ او سڪندر هنگورو جاءِ وردات تي پهتو رت لڳل ڏنڊا کڻي ويو پر افسوس هيستر تائين نه ٻااثرن تي ڪيس داخل ڪيو اٿس نه ئي اغوا ڪيل نياڻي بازياب ڪرائي اٿس جيڪا اسان سان سراسر ناانصافي ۽ زيادتي آهي اسين غريب مسڪين آهيون ايس ايس پي دادو ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيون ٿا ته اغوا ٿيل طلاقيل نياڻي کي بازياب ڪرائي بااثرن حملي آورن تي ڪيس داخل ڪري ساٿن انصاف ڪيو وڃي

بقايا 37 سکهيو

ورتي اسسٽنٽ ڪمشنر رائيس ڪئنال تي ٽوبا مقرر ڪرڻ لاءِ مڪاني ادارن جي آفيسرن ۽ نمائندن کي خط لکي ڇڏيو وارثن لاش جي ڳولا ۾ مدد جي اپيل ڪري ڇڏي ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي شهر جي وليد ٿاڻي جي حد ۾ پراڻي بس اسٽينڊ پيادل پل وٽان گذرندڙ رائيس ڪئنال ۾ رهنجڻ دوران شهر جي لهر ڪالوني واسي قلفي جي فيڪٽري تي ڪم ڪندڙ 18 ورهين جو پورهيت نوجوان مزمل پٽ منير احمد شيخ ٻڏي فوت ٿي ويو جنهن جو لاش هڪ ڏينهن گذرڻ باوجود هٿ نه اچي سگهيو آهي جنهن ڪري وارثن ۾ سخت پريشاني واري لهر ڇانئجي وئي آهي ان حوالي سان رابطي ڪرڻ تي نوجوان جي والد منير احمد شيخ ٻڌايو ته منهنجو نوجوان پٽ مزمل شيخ 10 محرم الحرام جي ڏينهن رسول آباد پاڙي وٽان رائيس ڪئنال ۾ رهنجڻ دوران ٻڏي ويو اهڙو اطلاع اسان ريسڪيو 1122 آفيس وارن کي ڏنو پر هن وقت تائين ريسڪيو عملو اسان وٽ ناهي آيو جنهن ڪري پٽ جو لاش ڪونه ملي سگهيو آهي اڄ ريسڪيو آفيس مان صرف هڪڙو ڇڪو آيو آهي جيڪو به پاڻي ۾ لهڻ کان پوءِ هٿين خالي ٻاهر نڪتو جنهن ڪري پٽ جو لاش نه ملي سگهيو آهي هن سنڌ حڪومت، ضلعي انتظاميه لاڙڪاڻي جي چونڊيل نمائندن سميت ريسڪيو 1122 اختيارين کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي ٻڏي فوت ٿي ويل پٽ جي لاش جي ڳولا ۾ اسان جي مدد ڪري ڇانيل مايوسي ۽ پريشاني ختم ڪئي وڃي ، لاڙڪاڻي جي ڊپٽي ڪمشنر طارق منظور چانڊيو رائيس ڪئنال ۾ رهنجڻ دوران ٻڏي فوت ٿي ويل نوجوان لاش هٿ ڪرڻ لاءِ پاڪستان نيوي سکر بيٽ سکر کان مدد گهرندي خط اماڻيندي چيو آهي ته مزمل ولد منير احمد شيخ جي لاش جي ڳولا لاءِ نيوي جي ٽيم کي موڪليس جيڪو پيادل پل پراڻي بس اسٽينڊ لاڙڪاڻو جي ويجهو رائيس ڪينال ۾ ٻڏي ويو آهي واضح رهي ته ضلعي انتظاميه طرفان ڪجهه ڏينهن اڳ رائيس ڪئنال ۾ رهنجڻ تي قلم 144 لاڳو ڪندي اهڙو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو هو جنهن تي عمل نه ٿي سگهيو آهي ۽ رائيس ڪئنال ۾ روزانو جي بنياد تي نوجوان ٻوڙي ٻارڙا رهنجي رهيا آهن جنهن ڪري نوجوان ۽ ٻارن جون زندگيون داءُ تي لڳي ويون آهن ٻئي پاسي لاڙڪاڻي شهر وٽان گذرندڙ رائيس ڪئنال ۾ رهنجڻ تي قلم 144 لاڳو هئڻ باوجود نوجوان جي رهنجڻ دوران ٻڏي فوتي ٿيڻ واري معاملي کان پوءِ انتظاميه جاڳي پئي اسسٽنٽ ڪمشنر لاڙڪاڻو طرفان ميونسپل ڪمشنر لاڙڪاڻو سميت حيدري ۽ سجل جي ٽائون آفيسرن کي خط لکي رائيس ڪئنال تي ٽوبا مقرر ڪيا وڃن مناسب هنڌن تي وارننگ بيناڦليڪس پڻ لڳائي رائيس ڪئنال ۾ رهنجڻ سان لاڳاپيل خطرن بابت عوام ۾ آگاهي پيدا ڪري رپورٽ پيش ڪئي وڃي ان سلسلي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر لاڙڪاڻو راجا خان قريشي طرفان ميونسپل ڪمشنر لاڙڪاڻو حيدري ۽ سجل جي ٽائون آفيسرن کي لکيل خط ۾ چيو آهي ته ڪالهه هڪ افسوسناڪ واقعو پيش آيو جنهن ۾ 18 کان 19 ورهين جو نوجوان لاڙڪاڻي شهر جي رائيس ڪئنال ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو تنهن ڪري قيمتي انساني جانين جي وڌيڪ نقصان کي روڪڻ لاءِ اوهان کي هدايت ڪئي وڃي ٿي ته اڄ کان ئي رائيس ڪئنال جي انهن سمورن خطرناڪ ۽ ماڻهن جي گهڻي اچ وڃ وارن هنڌن تي فوري طور تي مناسب تعداد ۾ ٽوبا مقرر ڪيا وڃن ان کان علاوه عام ماڻهن خاص طور تي ٻارن ۽ نوجوانن کي رائيس ڪئنال ۾ رهنجڻ ۽ ترڻ کان روڪڻ ۽ ان عمل جي حوصلا شڪني لاءِ سخت حفاظتي قدم کڻي نمايان هنڌن تي مناسب وارننگ بيناڦليڪس پڻ لڳايا وڃن ۽ رائيس ڪئنال ۾ رهنجڻ سان لاڳاپيل خطرن بابت عوام ۾ آگاهي پيدا ڪئي وڃي اوهان کي وڌيڪ هدايت ڪئي وڃي ٿي ته انهن حڪمن تي سختي سان عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي ۽ هن آفيس کي جلد کان جلد عملدرآمد بابت رپورٽ پيش ڪئي وڃي

بقايا 38 کي شاباس

نڪتل سڀئي ننڍا ۽ وڏا ماتمي جلوس پنهنجي روايتي رستن تان گذرندي خير و عافيت سان اختتام پذير ٿيو.محرم الحرام جي اهم عشري دوران سکر پوليس طرفان عزادارن کي پرامن ماحول فراهم ڪرڻ ۽ امن امان جي صورتحال برقرار رکڻ لاءِ مؤثر حڪمت عملي تحت انتهائي سخت سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويا.محرم الحرام دوران سڀني مڪاتب فڪر جي عالمن جي مشاورت ۽ تجويزن کي نظر ۾ رکندي مجلسن ۽ جلوسن جي مؤثر نگراني ۽ فول پروف سيڪيورٽي کي يقيني بڻائڻ لاءِ خاص قدم کنيا ويا.يوم عاشور جي موقعي تي سکر پوليس جي 2450 کان وڌيڪ آفيسرن ۽ اهلڪارن سان گڏ سنڌ رينجرز جي جوانن پاڪ آرمي جي ڪن ڪمپنين ۽ اسڪائوٽس جي دستن سيڪيورٽي جا فرض سرانجام ڏنا.يوم عاشور / 10 محرم الحرام جي موقعي تي ضلعي ڀر ۾ 43 ماتمي جلوس نڪتا، جڏهن ته 100 مجلسون سيڪيورٽي اهلڪارن جي سخت نگراني ۾ منعقد ڪيون ويون.ايس ايس پي سکر اظهر خان محرم الحرام جي شروعات کان يوم عاشور تائين پاڻ سيڪيورٽي انتظامن جي مسلسل نگراني ڪئي ۽ ضلعي جي مختلف شهرن ۾ مجلسن ۽ جلوسن جي سيڪيورٽي انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو.ايس ايس پي سکر اظهر خان محرم الحرام جي پرامن پڄاڻي تي سڀني پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن کي شاباس ڏيندي سندن فرض شناسي، پيشاوارانه صلاحيتن ۽ بي لوث خدمتن کي ڀرپور ساراهيو. سڀني پوليس جوانن ۽ ٻين فورسز جي بهترين حڪمت عملي ۽ جانفشاني سان ڊيوٽي سرانجام ڏيڻ سبب ضلع سکر پرامن رهيو.

بقايا 39 سخت پريشان

فراهمي بحال نه ٿيڻ ڪري عورتن ٻارن بزرگن ۽ عزادارن کي شديد مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي رهواسين موجب هڪ مهيني کان نلڪن ۾ پاڻي نه اچڻ سبب هو پيئڻ، وضو، غسل ۽ ٻين روزمره جي ضرورتن لاءِ پري پري کان پاڻي آڻڻ يا خانگي ٽينڪرن کان مهانگي اگهه تي پاڻي خريد ڪرڻ تي مجبور آهن جنهن سبب سندن گهريلو خرچن ۾ پڻ وڏو اضافو ٿيو آهي علائقي واسين جميل احمد منگي استاد فريد منگي استاد سجاد پنهورجو چوڻ آهي ته هنن ڪيترائي ڀيرا واسا ۽ لاڳاپيل اختيارين کي شڪايتون ڪيون پر ڪنهن به اداري سندن مسئلي جو سنجيدگي سان نوٽيس نه ورتو جنهن ڪري رهواسين ۾ سخت مايوسي ۽ ڪاوڙ پکڙيل آهي هنن چيو ته محرم الحرام دوران پاڻي جي کوٽ سبب مجالسن، ماتمي جلوسن ۽ عزادارن کي به وضو ۽ صفائي جي حوالي سان سخت ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي جڏهن ته روزاني زندگي جا معمول به سخت متاثر ٿيا آهن منصور ڪالوني جي رهواسين واسا انتظاميا، ضلعي انتظاميا ۽ چونڊيل نمائندن کان مطالبو ڪيو آهي ته پاڻي جي بندش جو فوري نوٽيس وٺي واٽر سپلائي بحال ڪئي وڃي، خراب پيل لائينن يا ٻين فني خرابين کي ترت درست ڪري علائقي واسين کي صاف پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ هو احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿيندا.

بقايا 40 ڦر ڪري فرار

نئين موٽرسائيڪل ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا. هنن وڌيڪ ٻڌايو ته واقعي کان پوءِ ميهڙ ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي وئي آهي، جڏهن ته هو پوليس کان جلد ڪارروائي جي اميد رکن ٿا. متاثرن ڦر واري واقعي خلاف آزاد پريس ڪلب ميهڙ جي اڳيان احتجاج ڪندي ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي ڦر ٿيل موٽرسائيڪل واپس ڪرائي وڃي، ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي، علائقي ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائي وڃي ۽ کين انصاف فراهم ڪيو وڃي واقعي کان پوءِ علائقي واسين ۾ پڻ خوف ۽ بيچيني جي لهر ڇانيل آهي، جڏهن ته شهرين مطالبو ڪيو آهي ته پوليس گشت وڌائي اهڙن واقعن جي روڪٿام لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن

بقايا 41 جي شرڪت

سيد اخلاق حسين شاهه مولانا ضمير حسين وسواڻو،غلام شبيرواسواڻو مولانا صفدر عباس ڪربلائي علي حسين وسواڻو ۽ زوار سجاد حسين جمالي جي اڳواڻي ۾ وڏي عقيدت ۽ احترام سان برآمد ٿيو جنهن ۾ هزارين عزادارن شرڪت ڪئي جلوس ۾ علم پاڪ، ذوالجناح، تعزيا ۽ ٻيون مقدس زيارتون شامل هيون، جڏهن ته عزادارن "يا حسين" جون صدائون بلند ڪندي سينه زني ۽ زنجير زني ذريعي حضرت امام حسينؑ ۽ شهيدن ڪربلا کي ڀيٽا پيش ڪئي جلوس پنهنجي روايتي رستن تان گذرندو عوامي چوڪ پهتو جتي ظهر جي نماز باجماعت ادا ڪئي وئي نماز ڪانپوءِ عزادارن پاران زنجيرن جو ماتم ڪيو ويو جنهن دوران سڄو شهر سوگ، امن ۽ عقيدت جي فضا ۾ وڪوڙيل رهيو.جلوس جي سيڪيورٽي ۽ انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقه دوڙ محمد ذاڪر ڪاڪڙ چيئرمين ٽائون ڪاميٽي دوڙ چوڌري وسيم افضل راجپوت، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل چيئرمين علي اڪبر جمالي، ڊي ايس پي دوڙ حبيب الرحمان لاشاري، ايس ايڇ او عبدالغفور نائچ، وائيس چيئرمين حاجي ابرار حسين گورچاڻي ظفر علي زرداري،سيد حبيب احمد شاهه محمد ياسين بروهي،حاجي محمد عرس لاشاري غلام حسين ديناري ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن جلوس جي مختلف هنڌن جو دورو ڪري سيڪيورٽي ۽ انتظامن جو جائزو ورتو.ٻئي طرف ٽائون ڪاميٽي دوڙ پاران جلوس جي سمورن روٽ تي صفائي سٿرائي جا بهتر انتظام ڪيا ويا. مختلف سماجي، مذهبي ۽ فلاحي تنظيمن پاران عزادارن جي سهولت لاءِ ميڊيڪل ڪيمپ، سبيلون قائم ڪيا ويا، جڏهن ته ٽائون انتظاميه جي فائر برگيڊ ذريعي جلوس ۾ شامل عزادارن مٿان مسلسل پاڻي جي ڦوهارو ڪندا رهيا

بقايا 42 8ڄڻا زخمي

ٻين جنهن دوران لٺين، ڪهاڙين ۽ پٿرن جي استعمال سبب عورتن ۽ مردن سميت اٺ ڄڻا زخمي ٿي پيا. واقعي خلاف زخمين ۽ سندن وارثن ڪوٽ غلام محمد پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي. مظاهرين الزام هنيو ته پ پ سان لاڳاپيل بااثر ڪامريڊ والجي ڪولهي ۽ سندس پٽن چمن پورو هريش، سروڻ هيرو پرڪاش ۽ مانسنگهه سندن گهرن ۾ گهڙي حملو ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ شريمتي ڪيٺو شريمتي هريان، پارو نارائڻ ميوارام ڪيول جيوراج ۽ ڏنجي زخمي ٿي پيا. متاثرين جو چوڻ هو ته هو جوابدارن خلاف پوليس اسٽيشن تي رپورٽ داخل ڪرائڻ وياسين پر سندن موجب پوليس کين پهرين سول اسپتال مان علاج ڪرائڻ جو چئي موڪلي ڇڏيو ۽ ڪيس داخل نه ڪيو.احتجاج ڪندڙن وڌيڪ الزام لڳايو ته والجي ڪولهي سرڪاري زمين، ڳوٺ لاءِ منظور ٿيل شادي هال تي قبضو ڪري پنهنجو گهر ٺاهي ڇڏيو آهي ۽ سرڪاري تلاءَ تي به قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي جڏهن ته هو کين مسلسل هراسان ڪندو رهي ٿو مظاهرين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ کين انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 43 ٿي سگهي

جنهن سبب سم نالو گذريل ڪيترن ئي سالن کان تعلقو ٽنڊو باگو جي ديهن بخشو ڪلوئي ، ديهه پير مصري ديهه ڏڌ ديهه ماچانڊي سميت 20 ديهن جي آبادگارن ۽ ڳوٺاڻن کي هر سال مون سون جي برساتن ۾ پلتجي نقصان ڏيندو رهي ٿو ان سلسلي ۾ متاثر آبادگارن ۽ ڳوٺاڻن نصرالله جروار ، محمد سومار لنڊ ، سڪندر علي لنڊ ، نياز محمد لنڊ، نويد منگواڻو يوسف منگواڻو ۽ ٻين ٻڌايو ته گذريل 30 سالن کان هن لنڪ سم نالي 16 اي ايل جي ڪاٽي نه ٿيڻ سبب هر سال مون سون جي مند ۾ پوندڙ برساتن ۾ اسان آبادگارن ۽ ڳوٺاڻن کي هي سم نالو شديد نقصان ڏئي رهيو آهي جنهن ۾ اسان جي ڳوٺن ۾ سم نالي جي پلتجڻ سبب ٻوڏ واري صورتحال پيدا ٿئي ٿي ۽ اسان جي ڳوٺن کي شديد نقصان پهچائي ٿو ۽ اسان جي فصلن کي ٻوڙي تباهه ڪري ٿو جنهن ڪري اسان آبادگارن کي هر سال شديد معاشي نقصان ٿي رهيو آهي هنن ٻڌايو ته ٽنڊو باگو شهر جي گندي پاڻي جو نيڪال پڻ هن لنڪ سم نالي ۾ آهي هنن ٻڌايو ته ڊرينج ڊويزن بدين جا سرڪاري ڪامورا هر سال لنڪ سم نالي 16 اي ايل جي ڪاٽي ۽ صفائي جي لاءِ ايندڙ ڪروڙين روپيا ڪرپشن ڪري کائو وڃن لنڪ سم نالي جي ڪاٽي صرف هنن جي آفيشل ڪاغذن ۾ هوندي آهي سر زمين تي ڪو به ڪاٽي جو ڪم ٿيل نه هوندو آهي هنن تڪ جي ايم پي اي ارباب امير امان الله ايم اين اي مير غلام علي ٽالپر ۽ ڊرينج ڊويزن بدين ۽ ڊي سي بدين سميت ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته تعلقي ٽنڊو باگو جي لنڪ سم نالي 16 اي ايل جي هنگامي بنيادن تي هن سال برساتن جي مند کان اڳ ۾ ڪاٽي ڪرائي وڃي .

بقايا 44 سيڪيورٽي سخت

روڊ تان گذرندي امام بارگاهه ڪربلا دادن شاهه پهچي اختتام پذير ٿيو،جلوس ۾ هزارين عزادارن شرڪت ڪئي جن نوحه خواني سينه زني ۽ زنجير زني ذريعي حضرت امام حسين عليه السلام ۽ شهيدن ڪربلا کي ڀيٽا پيش ڪئي جلوس جي اختتام کان پوءِ تعزيي جا جلوس پڻ پنهنجي روايتي رستن تي روانا ٿيا،يوم عاشور جي موقعي تي ضلعي انتظاميا، پوليس، رينجرز ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن پاران جوڙيل سيڪيورٽي پلان ڪامياب سان مڪمل ٿيو،جلوس جي سمورن گذرگاهن تي سخت حفاظتي انتظام، واڪ ٿرو گيٽ، سي سي ٽي وي ڪيمرائن ذريعي نگراني ۽ پوليس جي وڏي نفري مقرر ڪئي وئي هئي جنهن سبب سڄو جلوس بنا ڪنهن اڻ وڻندڙ واقعي جي خيريت سان پنهنجي منزل تي پهتو ضلعي انتظاميا ۽ پوليس اختيارين يوم عاشور جي جلوسن جي پرامن انعقاد تي اطمينان جو اظهار ڪندي سيڪيورٽي ڊيوٽي تي مقرر سمورن آفيسرن اهلڪارن رضاڪارن ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ڪارڪردگي کي ساراهيو

بقايا 45

انصاف جي مرڪزي اڳواڻ نازش فاطمه پٺي،مخدوم محسن،ايم اين اي مٽياري مخدوم فخرالزمان الزمان جي پي اي غلام اڪبر پٺي پنهنجي ڪارڪنن ۽ ميمبرن سان گڏ هالا شهر جي مختلف علائقن ۾ موجود مختلف امام بارگاهن جنهن ۾ مرڪزي شيعه مخدوم غلام محي الدين،ارباب،ساٽي،مگڻهار امام بارگاهن جو دورو ڪندي اتي موجود مختلف زيارتن تي ملڪ جي بقا لاءِ دعا گهريون ويون ان کان اڳ ماشاءَ هائوس هالا جي اڳواڻ ۽ مسلم ليگ ن سنڌ جي صدر بشير احمد ميمڻ پاران هالا،هالا پراڻا جي سمورين امام بارگاهن تي هرسال وانگر هن سال به حليم جي نياز جون ديگڙيون نياز طور ورهايون ويون

بقايا 46 عبدالسميع پنهور

وڃن پنهنجي هڪ بيان ۾ سنڌ جي زراعت کي هيٺ سان پوئتي ڪيو پيو وڃي جنهن سبب آبادگار واپارين ۽ بئنڪن جا قرضي ٿي ويا آهن هن سنڌ حڪومت کان مطالبو

بقايا 47 امداد فراهم

اچي رهي آهي.ان سلسلي ۾ سول ڊفينس روهڙي جي سينيئر پوسٽ وارڊن آغا جبار خان ٻڌايو ته اسان جو مقصد هر سال ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ نڪرندڙ جلوسن ۽ عزادارن جي خدمت ڪرڻ آهي هن چيو ته جلوسن دوران سخت گرمي، هجوم، بيهوشي زخمن ۽ اوچتن طبي مسئلن سبب ڪيترن ئي عزادارن کي فوري امداد جي ضرورت پيش اچي ٿي انهيءَ ڪري سول ڊفينس روهڙي جي ٽيم هر سال وڏي انگ ۾ عزادارن کي فرسٽ ايڊ ۽ طبي امداد فراهم ڪري ٿي،سخت زخمي مريضن کي فوري طور اسپتال منتقل ڪيو وڃي ٿو،هن وڌيڪ چيو ته روهڙي جي سماجي، مذهبي ۽ سول سوسائٽي جي تنظيمن پڻ ڀرپور تعاون ڪيو،آغا جبار خان سول ڊفينس روهڙي جي رضاڪارن جي خدمتن کي ساراهيندي چيو ته انسانيت جي خدمت اسان جو اصل مقصد آهي هن چيو ته اسان جا رضاڪار بنا ڪنهن لالچ ۽ ذاتي مفاد جي پنهنجون خدمتون سرانجام ڏين ٿا آخر ۾ هن سڀني رضاڪارن ادارن ۽ سهڪار ڪندڙ ماڻهن جا ٿورا مڃيا، جن محرم الحرام دوران امن امان ۽ خدمت جي عمل کي ڪامياب بڻايو

بقايا 48 اجهائي ڇڏيو

نوجوان پڙهيل لکيل شعور رکندڙ هو خبر ناهي ڪهڙي سبب ڪري خودڪشي ڪئي اٿس هن ضلعي انتظاميه کي اپيل ڪئي ته سندس نوجوان فهيم جو لاش ڳولڻ ۾ سندس مدد ڪئي وڃي فوري ٽوبا موڪليا وڃن ته جيئن لاش هٿ ڪري سگهجي نوجوان پاران خودڪشي تي سندس گهر ۾ ڪهرام مچل آهي جڏهن ته ڳوٺ سوڳوار بڻيل آهي

بلڙي شاهه ڪريم ۾ پراڻي دشمني تان فائرنگ، پ پ اڳواڻ ۽ سندس گهرواري قتل عورت زخمي

پراڻن اختلافن تان ابراهيم مگسي رائيفل سان غلام نبي مگسي ۽ هن جي گهرواري دعا مگسي ۽ عزيز عورت تي فائر ڪري ڏنا

غلام نبي مگسي ۽ دعا مگسي اسپتال پهچڻ کان اڳ فوت، لالي مگسي کي نازڪ حالت ۾ حيدرآباد منتقل

مقتولين جي جنازي نماز ۾ سياسي، انتظامي شخصيتن ۽ هزارين شهرين جي شرڪت، سوڳ جي لهر ڇانيل

بلڙي شاهه ڪريم (ت ر) ڏهين محرم الحرام جي ڏينهن تي بلڙي شاهه ڪريم شهر ۾ ٻن سڳن سئوٽن ۾ پراڻن اختلافن سبب موجب اڄ شام جو پ پ اڳواڻ ابراهيم مگسي رائيفل سان پ پ اڳواڻ غلام نبي مگسي ۽ هن جي گهر واري دعا مگسي ۽ عزيز عورت لالي مگسي تي پراڻي دشمني سبب فائر ڪري ڏنا جنهن ۾ غلام نبي مگسي ۽ لالي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ ڏهين محرم الحرام جا ماتمي جلوس عقيدت ۽ احترام سان برآمد

مرڪزي جلوس امام بارگاهه ڪاشانهءِ زينب مان برآمد، شام غريبان جي مجلس سان اختتام

علم، تعزيه ۽ ذوالجناح سان عزاداري، واقعه ڪربلا تي خطاب ۽ يزيديت جي ظلم جي مذمت

موبائل سروس بند، ڊي سي، ايس ايس پي ۽ رينجرز جي نگراني ۾ فول پروف سيڪيورٽي انتظام

بدين (ڊ ر) 10محرم الحرام شهيد امام حسين عليه اسلام ۽ شهيد ڪربلا جي ياد ۾ بدين ۾ مختلف امام بارگاهن آستانن بارگاهه سجاديه پير عاليشاه جيلاني ڪوٽ پير ملوڪ شاهه ڪوٽ ڪهرين جو پڙ سميت ٻين پڙ تا ماتمي جلوس ڪڍيا ويا جن ۾ ذوالجناح تعزيه ۽ علم ڪڍي ماتم

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

بدين: ڏهين محرم الحرام جي جلوس ۾ شريڪ عزادار ماتم ڪري رهيا آهن

سکر ضلعي ۾ عاشورا مذهبي جوش، عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

35کان وڌيڪ مختلف امام بارگاهن مان ننڍا ۽ وڏا ماتمي جلوس ڪڍيا ويا

مرڪزي ماتمي جلوس دوران مومنن پاران زنجيرن ۽ تلوارن سان ماتم

سکر (بيورو رپورٽ) ملڪ جي ٻين حصن وانگر سکر ضلعي ۾ به عاشورا مذهبي جوش، عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو عاشورا جي موقعي تي سکر ضلعي ۾ ضلعي جي 35 کان وڌيڪ مختلف امام

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ يوم عاشور عقيدت سان ملهايو ويو

شهر جي مختلف پڙن تان 20 کان وڌيڪ ذوالجناح جا ماتمي جلوس برآمد ٿيا

سينه زني ، ڇرين ، زنجيرن جي ماتم دوران 100 کان وڌيڪ عزادار زخمي ٿي پيا

ٽنڊوآدم (ن ع) هر سال جيان هن سال به ٽنڊوآدم ۾ ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ يوم عاشور نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو شهر جي مختلف پڙن تان 20 کان وڌيڪ ذوالجناح جا ماتمي جلوس برآمد ٿيا جڏهن ته عزا خانهءِ زهرا مان شبيهه نوڊال برآمد ڪئي وئي جيڪي مرڪزي امام

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

بلڙي شاهه ڪريم: هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ مارجي ويل پ پ اڳواڻ جو لاش

ملاڪاتيار ۾ يوم عاشورا عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو، مرڪزي ماتمي جلوس برآمد

ملاڪاتيار(ن ع) حضرت امام حسين علي السلام ۽ شهيدان ڪربلا کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ ملاڪاتيار انجمن سادات الحسيني يوم عاشورا انتهائي عقيدت، احترام ۽ مذهبي جوش و جذبي سان ملهايو ويو سخت سيڪيورٽي انتظامن جي وچ ۾ مرڪزي امام بارگاهه الحسيني

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

راٽيپور ۾ حضرت امام حسينؑ ۽ شهداءِ ڪربلا جي ياد ۾ مجلسون، ماتمي جلوس ۽ عزاداري

راٽيپور (ن ع) 10 محرم الحرام جي موقعي تي راٽيپور ۾ حضرت امام حسين عليه السلامؑ ۽ شهداءِ ڪربلا جي ياد ۾ مجلسون، ماتمي جلوس ۽ عزاداري مرڪزي امام بارگاهه محمد صالح ميمڻ جي پڙ کان جلوس برآمد ڪيو ويو

مٽياري ويجهو ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، عورت سميت 4 ڄڻا زخمي، احتجاجي ڌرڻو، روڊ بلاڪ

زخمين جي وارثن ميمڻ ڪي وسي وٽان رڪاوٽون وجهي ڪراچي کان پنجاب ويندڙ قومي شاهراهه بلاڪ بند ڪري ڇڏي

سرڙ علي مجيداڻو ۽ سائين گهرڻ ۾ گهڙي حملو ڪري ڏنو جيستائين جوابدار گرفتار نه ٿيندا تيستائين احتجاج جاري رهندو:مظاهرين

جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا جاري آهن، جلد قانون جي گرفت ۾ آندا ويندا: ڊي ايس پي مٽياري

مٽياري (ڊ ر) مٽياري ويجهو ميمڻ ڪي وسي ۾ مجيداڻا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جهيڙي ۾ هڪ عورت سميت چار ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين ۾ بهادر مجيداڻو، ڪرڙ مجيداڻو ، جمعو مجيداڻو ۽ هڪ عورت شامل آهي زخمين کي مٽياري جي اسپتال منتقل ڪيو ويو جنهن بعد زخمي ٿيندڙن جي ڌر پاران سوين عورتن ۽ مردن احتجاج ڪندي ميمڻ کي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

پنگريو: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

سگهيون ۽ پرياسي ۾ ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ جلوس برآمد، هر طرف ياحسين جون صدائون بلند

سگهيون (ن ع) سگهيون پرسان ڳوٺ يونيٽ پور ۾ ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ جلوس بر آمد ٿيو جنهن ۾ عزادارن زنجيرن تلوارن ۽ ڳرزن سان ضرب جو ماتم ڪري ڪربلا جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪئي هر طرف يا حسين عليه السلام جون صدائون بلند ان سلسلي ۾ نصير گوپانگ

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ضلعي مان 179 ماتمي جلوس برآمد ٿيڻ سان گڏ 181 مجلسون برپا ڪيون ويون

يوم عاشوره جو مرڪزي جلوس جمعي نماز بعد امام بارگاهه جاڙل شاهه کان برآمد ٿيو

عزادارن زنجيرزني، سينه زني ڪري ڪربلا جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪئي، سيڪيورٽي جا سخت انتظام

جلوس ۾ ايم پي اي جميل احمد سومرو، شاهه رخ انور سيال ۽ ٻين شرڪت ڪري انتظامن جو جائزو ورتو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) ڪربلا جي ميدان ۾ پنهنجي باوفا ساٿين سان گڏجي لازوال قرباني ڏيندڙ نواسه رسول حضرت امام حسين عليه السلام ۽ سندس باوفا ساٿين کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ پوري ملڪ جيان

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ نوجوان جي قتل خلاف وارثن جو احتجاجي مظاهرو

4 ڏينهن اڳ سڱاوتي تڪرار تان احسان مستوئي کي قتل ڪيو ويو:مظاهرين

ايس ايس پي جيڪب آباد فوري نوٽيس وٺي قاتلن کي گرفتار ڪري انصاف ڪري

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي صدر ٿاڻي جي حد بولان پاڙي ۾ سڱاوتي تڪرار تان مستوئي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ ٿيل جهيڙي دوران مارجي ويل نوجوان احسان مستوئي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ سندس

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

10هين محرم الحرام جو ڏهاڙو جيڪب آباد ۾ وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

عزادارن پاران مختلف امام بارگاهن کان ننڍا وڏا ماتمي جلوس برآمد ڪيا ويا

ايس ايس پي، ميونسپل ڪاميٽي چيئرمين ۽ گشت ڪري سيڪيورٽي انتظامن جو جائزو ورتو

جيڪب آباد (ڊ ر) ڪربلا جي ميدان ۾ اسلام جي سربلندي لاءِ پنهنجي جانين جو نظرانو ڏيندڙ حضرت امام حسين رضه ۽ سندس ساٿين جي ياد ۾ 10هين محرم الحرام جو ڏهاڙو جيڪب آباد ۾ وڏي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر جي مندر ۾ 500 کان وڌيڪ نياڻين کي ماتا جي روپ ۾ ڀيٽا پيش

ماتا منڊل پاران گولڊن مندر ۾ شاندار روح پرور ۽ تاريخي شيوا جو اهتمام ڪيو ويو

عقيدتمندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري عقيدت، محبت ۽ انسانيت جو نرالو مثال قائم ڪيو

خانپورمهر (ن ع) شداڻي سنت سنڪرو سائين نور جوت صاحب جن جي اپرميار ڪريا سان پاڻ پويتر جمعي جي ڏينهن خانپورمهر جي گولڊن مندر ۾ پرم پوجيه ماتا صاحب جن جي ايندڙ 200 سالا (ڊبل

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

خانپور: مقامي مندر ۾ ٻارڙين کي ڪاڌو کارائڻ بعد سندن پيرڌوئاريا پيا وڃن

ٽنڊوآدم ۾ عورت جو مڙس ۽ ٻارن سان گڏجي مبينا تشدد ڪندڙ جوابدارن خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي ڳوٺ خيرو ڪلوئي جي رهواسڻ عورت عاصمه راجپوت پنهنجي مڙس علي حسن راجپوت ۽ پٽ عثمان راجپوت سان گڏجي پريس ڪلب ۾ ميڊيا آڏو دانهيندي چيو آهي ته ٻارڙن جي معمولي ڳالهه تان جهيڙي کان پوءِ چٽڙ جوابدارن شير محمد راجپوت . عمران

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

سکر: ميئر ۽ سنڌ حڪومت جو ترجمان ارسلان شيخ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ٽنڊوآدم لڳ باهه ۾ سڙي زخمي ٿي ويل نوجوان سجاد حيدرآباد جي اسپتال ۾ فوت، گهر ۾ ڪهرام

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم لڳ ڳوٺ باگوواڻي ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ مبينه طور باهه ۾ سڙي زخمي ٿي ويل نوجوان سجاد ولد اسحاق ايل ايم يو حيدرآباد جي برنس وارڊ ۾ زخمن جي سٽ نه سهندي فوت ٿي ويو فوتي جو جسم 80 سيڪڙو سڙي ويو هو جنهن جو لاش تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو جتي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو.

لاڙڪاڻي ۾ قلم 144 لاڳو ٿيڻ باوجود رائيس ڪئنال ۾ وهنجڻ جو سلسلو رڪجي نه سگهيو

وهنجڻ دوران لهر ڪالوني واسي 18 ورهين جو پورهيت مزمل پٽ منير احمد شيخ ٻڏي ويو

لاش هڪ ڏينهن گذرڻ باوجود هٿ نه اچي سگهيو آهي وارثن ۾ سخت پريشاني، ڳولا ۾ مدد جي اپيل

لاڙڪاڻو(رپورٽ: منير سومرو) ضلعي انتظاميه طرفان رائيس ڪئنال ۾ وهنجڻ تي قلم 144 لاڳو ٿيڻ باوجود رائيس ڪئنال ۾ نوجوان ۽ ٻارن جي وهنجڻ جو سلسلو رڪجي نه سگهيو 18 ورهين جو پورهيت نوجوان رائيس ڪئنال ۾ وهنجندي ٻڏي فوت، ٻه گذرڻ باوجود نوجوان جو لاش هٿ نه اچي سگهيو ضلعي انتظاميه تحرڪ ۾ اچي وڃي ڊپٽي ڪمشنر لاش هٿ ڪرڻ لاءِ نيوي اختيارين کي خط لکي مدد گهري

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ميهڙ جي منصور ڪالوني ۾ هڪ مهيني کان پاڻي بند، رهواسي سخت پريشان

محرم الحرام دوران عزادارن، عورتن، ٻارن ۽ بزرگن کي وضو غسل ۽ روزاني استعمال لاءِ پاڻي جي شديد ڪوٽ

ميهڙ (ن ع) ميهڙ شهر جي منصور ڪالوني ۾ گذريل هڪ مهيني کان واٽر سپلائي جو پاڻي بند هجڻ سبب علائقي جا رهواسي سخت اذيت ۾ مبتلا آهن محرم الحرام جي مقدس مهيني دوران به پاڻي جي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ميهڙ ۾ نامعلوم هٿيارٻند ٻن شاگردن کان موٽرسائيڪل ڦري فرار

ابراهيم چنا ڪالوني ۾ هٿيارٻند محمد اعظم ۽ عبدالصمد چنا کا موٽرسائيڪل ڦري ڪٽي

ميهڙ (ن ع) ميهڙ جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ واقع ابراهيم چنا ڪالوني ۾ ڏينهن ڏٺي ڏن نامعلوم هٿيارٻندن ٻن شاگردن کي سندن گهر آڏو هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي وٽن موجود سي ڊي 70 (2026 ماڊل) موٽرسائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا متاثر شاگردن محمد اعظم چنا ۽ عبدالصمد چنا ٻڌايو ته هو پنهنجي گهر آڏو کهڙي ۾ بيٺل هئا ته اوچتو ٽي نامعلوم هٿيارٻند پهچي ويا جوابدارن هٿيارن جي زور تي کين يرغمال بڻايو ۽ وٽن موجود

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

ملتان: ميونسپل عملو ڏهين محرم الحرام بعد رستن جي صفائي ڪري رهيو آهي

ايس ايس پي سکر پاران محرم الحرام دوران سيڪيورٽي ڊيوٽي پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن کي شاباس

سکر(بيورو رپورٽ) سکر پوليس پاران جاري ڪيل بيان موجب، محرم الحرام جو اهم ۽ حساس عشرون خير و عافيت سان پڄاڻي تي پهتو.ضلع سکر ۾ محرم الحرام دوران

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

سگهيون: عاشوره محرم الحرام جي سلسلي ۾ نياز تيار ڪيو پيو وڃي

دوڙ جو قديمي مرڪزي ماتمي جلوس امام بارگاهه سجاديه مان عقيدت سان برآمد، هزارين عزادارن جي شرڪت

دوڙ (ن ع) دوڙ محرم الحرام جي موقعي تي دوڙ شهر جو قديمي مرڪزي ماتمي جلوس مرڪزي امامبارگاهه سجاديه مان

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي : 10 محرم جو ماتمي جلوس پنهنجي منزل ڏانهن وڃي رهيو آهي

حيدرآباد جي ڳوٺ منٺار شورو مان 12 محرم تي ماتمي جلوس برآمد ٿيندو

قاسم آباد مان شهزاده علي اصغرؑ جو جهولو مبارڪ سان جلوس برآمد ڪيو ويندو

نوحه خواني، زنجيرزني ۽ ماتمداري بعد جلوس پنهنجي مقام تي پُرامن اختتام پذير ٿيندو

حيدرآباد(پ ر) 12 محرم الحرام بمطابق 28 جون 2026 آچر بعد نماز مغرب، بمقام ڳوٺ منٺار شورو يوسي نمبر 154، تعلقه قاسم آباد حيدرآباد مان هڪ ماتمي جلوس برآمد ڪيو ويندو جلسو ۾ شهزاده

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

خيرپور جي حالتن کي ڪشيده ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي: علامه اسد اقبال

انتشار پکيڙڻ ۽ ناقابل برداشت عمل ڪندڙن کي روڪڻ ضروري آهي

انتظاميه جي هر ميٽنگ خدشا بيان ڪيا هئا ۾ خاموشي اختيار ڪئي وئي

خيرپور(ڊ ر)شيعه علماء ڪائونسل سنڌ جي صدر علامه سيد اسد اقبال زيدي چيو آهي ته خيرپور جي حالتن کي ڪشيده ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، ان کي سنجيدگي سان ڏسڻو پوندو هو پريس

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ شهداءِ ڪربلا جي ياد ۾ تاريخي ۽ قديمي تعزيه ۽ زري مبارڪ جلوس برآمد

مرڪزي ماتمي جلوس امام بارگاهه انجمن حيدري کان سيد صغير حسين زيدي جي اڳواڻي ۾ برآمد ٿيو

مجلس شام غريبان کي مولانا سيد عرفان علي شاهه، منظور حسين سولنگي ۽ ٻين خطاب ڪيو

خيرپور(ڊ ر)10 محرم الحرام خيرپور ۾ شهداءِ ڪربلا جي ياد ۾ تاريخي ۽ قديمي تعزيه ۽ زري مبارڪ جو مرڪزي ماتمي جلوس مرڪزي امام بارگاهه انجمن حيدري کان ناليواري اڳواڻ ايڊوڪيٽ سيد صغير

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

راضيديرو: ٻڏي ويل ٻارڙن جي ڳولا ڪئي پئي وڃي

مرحوم ڄام مدد علي، خان جي ننهن دل جي دوري سبب لاڏاڻو ڪري وئي

آخري رسمن ۾ مخدوم محبوب، چاچا مرتضيٰ جوڻيجو ۽ ٻين شرڪت ڪئي

بيريسٽر ڄام ذيشان علي خان سان زال جي وفات تي تعزيت جو سلسلو جاري

ڄام نوازعلي (ن ع) پ پ ايم پي اي ڄام شبير علي خان جي ڀائيٽي بيريسٽر ڄام ذيشان علي خان جي گهرواري، نوابزادا ڄام

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

راضيديرو پرسان ٽينگر پير ترڪڻ سبب واهه ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو

ڳوٺ لعل بخش پٽي ۾ ٻارنهن ورهين جو الهڏنو پٽي فيض نهر واهه ۾ ٻڏي ويو

ٽينگر کي ڪيڊي وارڊ اسپتال پهچايو ويو جتان پوسٽ مارٽم بعد گهر آندو ته ڪهرام مچي ويو

راضيديرو (ن ع) راضيديرو پرسان ٻهارو ٿاڻي جي حد ڳوٺ لعل بخش پٽيءَ ۾ ٻارنهن سالن جو معصوم ٽينگر الهڏنو ولد

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ يوم عاشورا تي روايتي پڙ ۽ 10 ماتمي جلوس برآمد

ڪربلا جي شهيدن جي لازوال قربانين کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ مومنن پاران ماتم

پوليس، رينجرز ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن پاران سيڪيورٽي جا سخت انتظام

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ نعيم اختر سومرو) ڪوٽڙي: يومِ عاشورا تي روايتي پڙ ۽ 10 ماتمي جلوس برامد ڪيا ويا

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

پريا ايڪشن ڪميٽي پاران ٻيرلوءِ ٻاءِ پاس تي احتجاجي ڪيمپ جاري

مختلف سياسي، سماجي ۽ قومپرست اڳواڻن ڪيمپ پهچي يڪجهتي جو اظهار ڪيو

جيستائين پريا ڪماري ۽ ٻيا گم ٿيل معصوم ٻار بازياب نه ٿيندا، تيستائين ڪئمپ جاري

خيرپور (رپورٽ: عبدالمجيد پنهور) پنج سال اڳ 10 محرم الحرام تي سکر ضلعي جي سنگرار واري علائقي مان سنبيل هلائڻ دوران مبينا طور اغوا ٿيل معصوم نياڻي پريا ڪماري ۽ ٻين گم ٿيل ٻارڙن جي بازيابي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

قبو سعيد خان: ڏهين محرم الحرام جو جلوس گذري رهيو آهي

ٽنڊوباگو ۾ يوم عاشورا جو مرڪزي ماتمي جلوس عقيدت ۽ احترام سان برآمد

نوحه خواني ۽ زنجيرزني سان امام حسين عليه السلام ۽ شهيدانِ ڪربلا کي ڀيٽا پيش

ٽنڊوباگو (ت ر) ٽنڊوباگو شهر ۽ پرياسي وارن علائقن ۾ 10 محرم الحرام تي ڪربلا جي شهيدن جي ياد جي سلسلي ۾ اڄ ڏهم محرم جي ڏهاڙي جي موقعي تي ٽنڊوباگو شهر جي مک لکياري واري پڙ مان ماتمي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

پان سيد آباد ۾ يوم عاشوره نهايت ئي عقيدت و احترام سان ملهايو ويو

اهل سنت جماعت پاران عظيم الشان جلسو سيد قبول شاهه لوهارمسجد ۾ منعقد

علامه شفيق احمد برڙو ۽ ٻين ڪربلا جي شهيدن کي خطاب ڪري ڀيٽا پيش ڪئي

پان سيد آباد (ن-ع) پان سيد آباد ۾ يوم عاشوره نهايت ئي عقيدت و احترام سان ملهايو ويو. اهل سنت جماعت پاران هڪ عظيم الشان جلسو سيد قبول شاهه (لوهار) مسجد ۾ منعقد ڪيو ويو. جنهن ۾ عوام اهل سنت جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. جلسي کي خصوصي خطاب ڪندي علامه

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ ۾ تيز رفتار موٽرسائيڪل جي ٽڪر ۾ ٽينگر فوت، گهر ۾ ڪهرام

اي سيڪشن ٿاڻي جي حد هيبت روڊ وٽ تيز رفتار موٽرسائيڪل زوهيب احمد کي ٽڪر هنيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪنائي اسپتال منتقل ڪيس ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) اي سيڪشن ٿاڻي جي حد هيبت روڊ وٽ تيز رفتار موٽرسائيڪل جي ٽڪر ۾ ٽينگر زوهيب احمد کي ٽڪر هڻي ڇڏيو جنهن جي نتيجي ۾ ٽينگر زوهيب احمد ڪوسو ڦٽجي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته موٽر سائيڪل سوار فرار ٿي ويو اهڙو اطلاع پوليس کي ڏنو ويو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ٽينگر جو مڙهه تحويل ۾ وٺي ڇڏيو ٽينگر جو مڙهه اسپتال

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

پنگريو ۾ وين اڏي تي ٽائيم تان تڪرار، ڊرائيورن ۽ مالڪن پاران حيدرآباد روٽ جون وينون بند

وين اڏي تي مبينا قبضي ۽ ڌمڪين خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاج، ٽرانسپورٽ سروس معطل

آر ٽي اي جي شيڊيول کي سبوتاز ڪرڻ جي ڪوشش جو الزام، بااثرن جي مداخلت خلاف ڪارروائي جو مطالبو

پنگريو (ن ع) پنگريو جي وين اڏي تي گاڏين جي ٽائيم تان ٻن گروپن ۾ ڇڪتاڻ ٿي پئي جنهن ڪانپوءِ وينن جي مالڪن

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي: سماجي تنظيم ۽ سرڪار پاران معذورن ۾ ويل چيئر ورهايون پيون وڃن

ڪوٽ غلام محمد ۾ سرڪاري تلاءَ جي پاڻي واري معاملي تان جهيڙو، 8 ڄڻا زخمي

پاڻي جي پائپ لڳائڻ تان ٻن ڌرين ۾ ڇڪتاڻ، لٺين، ڪهاڙين ۽ پٿرن جو استعمال

متاثرين جو بااثرن تي گهرن ۾ گهڙي حملي ۽ سرڪاري زمين تي قبضي جا الزام

ڪوٽ غلام محمد (ت ر) ڪوٽ غلام محمد جي ڊينگاڻ رستي واري علائقي ۾ ڳوٺ نواب عزيز احمد ٽيلي ديهه 330 ۾ سرڪاري تلاءَ مان پاڻي جو پائپ لڳائڻ واري معاملي تي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو ۾ لنڪ سم نالي 16-اي ايل جي 30 سالن کان صفائي نه ٿي سگهي

سم نالي سبب 20 ديهن ۾ هر سال مون سون دوران ٻوڏ جهڙي صورتحال پيدا ٿيڻ جو خدشو آهي

ايم پي اي، ايم اين اي ۽ ضلعي انتظاميا کان برسات کان اڳ هنگامي بنيادن تي صفائي ڪرائڻ جو مطالبو

ٽنڊوباگو (ت ر) تعلقي ٽنڊي باگي جي لنڪ سم نالي 16 اي ايل جي گذريل 30 سالن کان ڪاٽي نه ٿيڻ سبب لنڪ سم نالو مڪمل سلٽجي ويو آهي ۽ لنڪ سم نالي 16 اي ايل ۾ گند گاهه پٽ ٿي ويو آهي

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ يوم عاشورا جو مرڪزي ماتمي جلوس ڪربلا دادن شاهه تي ٿيو، سيڪيورٽي سخت

قدم گاهه مولا عليؑ کان مرڪزي جلوس برآمد، روايتي رستن تان گذري ڪربلا دادن شاهه پهتو

هزارين عزادارن جي شرڪت، نوحه خواني، سينه زني ۽ زنجير زني سان امام حسين عليه السلام کي ڀيٽا

حيدرآباد(رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سنڌ جي ٻئي وڏي شهر حيدرآباد ۾ يوم عاشور جي موقعي تي نڪتل ماتمي جلوس ڪربلا دادن شاهه پهچي نهر ٿي ويو مرڪزي جلوس قدمگاهه مولا عليؑ تان نڪرڻ کان پوءِ پنهنجي مقرر روايتي رستن، کوهنور چوڪ، اسٽيشن روڊ، فوجداري روڊ ۽ الرحيم

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

اوٻاوڙو لڳ تيز رفتار ٽرالر ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر سبب ٻه معصوم ٽينگريون فوت

قومي شاهراهه تي ڳوٺ آلو وٽ پيش آيل حادثي ۾ 8 ورهين جي ڪلثوم ۽ ڇهه ورهين جي صائمه چاچڙ ڏاڍي تي دم ڏنو

اطلاع تي پوليس ۽ ريسڪيو ٽيمن پهچي زخمي سليم چاچڙ ۽ ٽينگرين جا لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيا

ٽينگرين جا لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيا آهن، ڊرائيور کي تحويل ۾ وٺي جاچ شروع ڪئي آهي: پوليس

اوٻاوڙو (ن ع) اوٻاوڙو لڳ پنجاب جي علائقي ڪوٽ سبزل پرسان ڳوٺ آلو وٽ قومي شاهراهه تي تيز رفتار ٽرالر ۽ موٽر سائيڪل وچ ۾ زوردار ٽڪر لڳڻ جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل تي سوار ٻه معصوم ٽينگريون موقعي تي چيڀاٽجي فوت ٿي ويون آهن جڏهن ته موٽر سائيڪل سوار سليم چاچڙ سخت زخمي ٿي پيو اهڙي دل ڏڪوئيندڙ واقعي جي اطلاع 1122 جي ٽيم واقعي واري هنڌ تي پهچي ڪري فوت ٿي ويل معصوم ٽينگرين جا لاش ۽ زخمي کي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

پيارو اسٽيشن ۾ عطائي ڊاڪٽرن جو آزار، شهرين جو احتجاج

نان ٽيڪنيڪل اسٽاف پاران مريضن کي ڊرپ، انجڪشن ۽ ڪينولا لڳايا وڃن ٿا:مظاهرين

غيرتصديق شده دوائن ۽ غلط علاج سبب مريضن ۾ بيماريون وڌي رهيون آهن

اعليٰ اختيارين نوٽيس وٺي عطائي ڊاڪٽرن خلاف ڪارروائي ڪري ڪلينڪون بند ڪرائين

پيارو اسٽيشن (رپورٽر عبدالستار ڪلوئي) پيارو اسٽيشن تي عطائي ڊاڪٽر نان ٽيڪنيڪل اسٽاف سان گڏجي ميڊيڪل اسٽورن اندر مريضن کي ڊرپون انجڪشنو ۽ ڪينولا لڳائي علاج ڪرڻ لڳا شهرين قربان علي ، گلاب ،مختيار ڪلوئي ۽ ٻين دانهيندي چيو ته پيارو اسٽيشن ۾ عطائي ڊاڪٽر نان ٽيڪنيڪل اسٽاف سان گڏجي غيرتصديق شده دوائون به هلائن ٿا نان ٽيڪنيڪل اسٽاف کي نه انجڪشن هڻڻ جو تجربو آهي نه ڪينولا لڳائڻ جو جنهن

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

سامارو: ايس ايس پي سهائي عزيز ڏهين محرم الحرام جي جلوس جي نگراني ڪري رهي آهي

سامارو ۾ يوم عاشورا جو تاريخي ماتمي جلوس عقيدت ۽ احترام سان برآمد

هزارين عزادارن، سياسي، سماجي اڳواڻن ۽ اقليتي برادري جي ڀرپور شرڪت ڪئي

جلوس جي رستن تي سبيلون، لنگر نياز ماتم ۽ نوحه خواني، ايس ايس پي پاران سيڪيورٽي انتظامن جو جائزو

سامارو (رپورٽ ڪيمچند مالهي) سامارو شهر ۾ يوم عاشوره جو ڏينهن نهايت ئي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو پيو وڃي جنهن ۾ ڪربلا جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ 10 محرم الحرام جو تاريخي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ڪبير ۾ 11 محرم الحرام جي نسبت سان شهيد ڪربلا ڪانفرنس

سيد احمد شاهه جي ميزباني هيٺ ڪانفرنس ۾ حافظ منور علي ڄانگ ۽ ٻين جي شرڪت

آخر ۾ دلبر سائين دعا خير گهري بعد ۾ آيل مومنن ۾ لنگر تقسيم ڪيو ويو

ڪوٽڙي محمد ڪبير (ن ع)هر سال جيان هن سال ب ڪوٽڙي محمد ڪبير ۾ ٻڙ واري توحيد مسجد وٽ 11 محرم الحرام

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

نوشهرو فيروز: محرم الحرام جي سلسلي ۾ سبيل ورهائي پئي وڃي

ٺٽي ۾ ماڇي برادري جو اباڻي زمين تي قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو

ٺٽو (ڊ ر) جهميير واسي ماڇي برادريءَ سان تعلق رکندڙ محمد رحيم ماڇي محمد خان ماڇي محمد عرس ماڇي ۽ ٻين نيشنل پريس ڪلب ٺٽو اڳيان احتجاج ڪندي الزام هنيو آهي ته هاشم سولنگي سنڌن اباڻو ڳوٺ تي قبضو ڪرڻ لاءِ مٿن مسلسل دٻاءُ وجهي رهيو آهي هاشم سولنگي جي ماڻهن سنڌن ڳوٺ تي ڪيترائي دفعا حملو ڪيو آهي جنهن سبب سنڌن ڳوٺ جا مرد ۽ عورتون زخمي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي ٻارهين ڪلاس جو شاگرد ڪوني ريگيوليٽر ۾ وهنجڻ دوران ٻڏي فوت

گولاڙچي(ت ر) گولاڙچي جي جامع محمديه هاءِ اسڪول جي ٻارهين ڪلاس جو شاگرد ڪامران سنڌر جت اڄ منجهند ڪوني ريگيوليٽر ۾ وهنجڻ دوران ٻڏي فوت ٿي ويو هن افسوسناڪ واقعي سبب علائقي ۾ ڏک ۽ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي آهي آبپاشي عملي جي نااهلي ڪوني ڪئنال مان رشوت وٺي مڇي ڪٽڻ جي اجازت ڏني وڃي ٿي تنهن سبب وڏا کڏا

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر ۽ پرياسي وارن علائقن ۾ چتي ڪتي جو آزار، عورت سميت 5 ڄڻا ڏاڙهجي زخمي

سومر موري واري علائقي ۾ چتي ڪتي غلام فريد مهر، سعيد، ڪرشن، ديوان لڪش ۽ ٻين کي زخمي ڪيو

زخمي سول اسپتال شيخ همدان بن محمد منتقل، ڊاڪٽرن کين فوري طبي امداد فراهم ڪئي وئي

فوري مهم هلائي چتن ڪتن جو خاتمو ڪري شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي: رهواسي

خانپورمهر(ن ع)خانپورمهر شهر ۽ پرياسي وارن علائقن ۾ چتي ڪتي جو آزار وڌي ويو جتي مختلف واقعن ۾ هڪ عورت سميت 5 ڄڻا ڏاڙهجي زخمي ٿي پيا.اطلاع موجب خانڳڙهءِخانپورمهر شهر ۽ سومر موري واري علائقي ۾ چتي ڪتي ماڻهن تي حملو ڪري کين زخمي ڪيو.زخمين ۾ خانڳڙهءِ واسي غلام فريد ولد خدا بخش مهر،سعيد احمد ولد علي حسن مهر،ڪرشن

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

دوڙ: ڏهين محرم الحرام جو مرڪزي جلوس منزل ڏانهن وڃي رهيو آهي

پيغمبر جي پوٽي ۽ سائين ڪربلا جي ميدان ۾ عظيم قربانيون ڏئي اسلام کي نئين زندگي ڏني: مفتي ابراهيم

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان جي مفتي اعظم حضرت قبله مفتي محمد ابراهيم قادري جي جانشين شيخ الحديث، چيو آهي ته پيغمبر جي پوٽي، امام علي، سيدنا حسين ابن علي، قيامت تائين توحيد جو جهنڊو بلند ڪيو ۽ ڪربلا جي ميدان ۾ عظيم قربانيون ڏئي اسلام کي نئين زندگي ڏني حسين ابن علي پنهنجي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ٺٽي لڳ هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو قتل، جوابدار فرار

گيل موري طرف ويندڙ عبدالستار عرف صفدر درس مٿان هٿيارٻندن فائرنگ ڪري ڏني

گولين لڳڻ سبب عبدالستار موقعي تي مارجي ويو، پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو

ٺٽو (ڊ ر) گهوڙاٻاري تعلقي جي ڳوٺ علي ميهار درس جو رهواسي عبدالستار عرف صفدر درس موٽرسائيڪل تي سوار ٿي پير پلو کان گيل موري طرف وڃي رهيو هو ته رستي ۾ موٽرسائيڪل تي سوار هٿيارٻند ڪيس ڪارڪيٽ ڪري مٿس سڌا فائر ڪيا. نتيجي ۾ گولين لڳڻ سبب عبدالستار درس موقعي تي مارجي ويو جنهن جو لاش روورل هيلٿ سينٽر ور منتقل ڪيو ويو اطلاع تي پوليس ۽ وارث ور اسپتال پهچي ويا جتي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو

ٽنڊوالهيار ۾ يوم عاشورا جا ماتمي جلوس عقيدت ۽ احترام سان برآمد

ٽنهي تعلقن ۾ قديمي تازيا، ذوالجناح ۽ تابوتن سان هزارين عزادارن جي ڀرپور شرڪت

زنجير زني ۽ شام غريبان جون مجلسون، هر طرف "يا حسين" جون صدائون بلند

پوليس، رينجرز ۽ ضلعي انتظاميا جا فول پروف سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويا

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) نانءِ جي دين خاطر ڪربلا جي تپندڙ زمين تي شهادت ماڻيندڙ امام حسين عليه السلام ۽ سندس ساٿين جي ياد ۾ 10 محرم يوم عاشور جي حوالي سان ٽنڊوالهيار ضلعي جي ٽنهين تعلقن جهنڊورسري . چمبڙ ۽ ٽنڊوالهيار مان ماتمي جلوس ۽ قديمي تازيه ڪڍيا ويا جڏهن ته ٽنڊوالهيار شهر مان 2 قديمي ماتمي جلوس برآمد ڪيا ويا هڪ سخي موج دريا تان سيد زاهد حسين شاهه رضوي ۽ مرڪزي امام بارگاهه حيدري تان امداد حسين حيدري

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم: ڏهين محرم الحران جي جلوس ۾ ذوالجناح جي زيارت ڪئي پئي وڃي

گمبٽ لڳ عورت کي نانگ ڪکي زخمي ڪيو، اسپتال منتقل

گمبٽ (ت_ر) گمبٽ جي ڪچي واري علائقي ڳوٺ شاهنواز خروس ۾ عورت مسمات زينت خروس پنهنجي زمين ۾ گاهه ڪندي ڪيس نانگ ڪکي وڌو ۽ عورت زينت خروس همت ڪري نانگ کي پڪڙي ورتو جڏهن ته نانگ کي ڪلي ۾ بند ڪري عورت سميت وارثن پاران اسپتال آندو ويو جتي مسمات زينت جو علاج جاري آهي ۽ ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته نانگ جي ڪکيل عورت مسمات زينت خروس کي دوا جا ڊوڙ ڏنا ويا آهن ۽ اسان جي ڪوشش جاري آهي ته مسمات زينت خروس کي نئي زندگي ملي سگهي.

باڊهه: جلسه شهداءِ ڪربلا کي عالم سگهورا خطاب ڪري رهيا آهن

ڳڏيجي پرسان ملاح برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، عورت سميت ٻه زخمي

ڳوٺ وڏا پيلار ۾ زمين جي مالڪي تان جهيڙي دوران سروٽن ۽ لٺين سان حملا ڪيا

زخمي مسمات ڪونج ۽ نوجوان حسن علي کي اسپتال داخل ڪرائڻ بعد وارثن جو احتجاج

ڳڏيجي (ن ع)ڳڏيجي جي پرسان ڳوٺ وڏا پيلار ۾ ملاح برادري جي ٻن ڌرين ۾ زمين جي مالڪي تان جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ سروٽن ۽ لٺين لڳڻ سبب مسمات ڪونج ۽ نوجوان حسن علي زخمي ٿي پيا ۽ رتورت

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي ۾ 10 محرم الحرام تي مرڪزي ماتمي قافلو امام بارگاهه حيدري تان برآمد

عزادارن امام حسين عه ۽ ڪربلا جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪندي سينه زني ۽ نوحه خواني ڪئي

جلوس جي ماتم دوران ڪيترائي مومن زخمي ٿيا، زخمين کي فوري طور طبي امداد فراهم ڪئي وئي

گولاڙچي(ت ر) گولاڙچي ۾ 10 محرم الحرام (يوم عاشورا) جي موقعي تي مرڪزي ماتمي قافلو امام بارگاهه حيدري تان برآمد ٿيو جنهن ۾ سوين عزادارن وڏي عقيدت ۽ احترام سان شرڪت ڪئي قافلو

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ ۾ طلاقيل ناري ۽ سندس ڌيءَ جي مبينا اغوا خلاف وارثن جو احتجاج

طلاق بعد اڳوڻي مڙس گهر تي حملو ڪري نياڻي ۽ 15 مهينن جي ٻارڙي کي اغوا ڪيو

پوليس واقعي واري هنڌ تان ثبوت ته گڏ ڪيا، پر اڃا تائين ڪيس داخل ناهي ڪيو:مظاهرين

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ ۾ پٽ گل محمد ٿاڻي جي حد ڳوٺ گل ٻبر واسي پورهيت علي شير ٻبر، زال مسمات حاجاڻي ۽ ڀيڻ مسمات حنيفان ٻبر سان گڏ پريس ڪلب پهچي مبينا اغوا ٿيل 20 سالا طلاقيل

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

يوم عاشورا تي مٽياري جي سياسي اڳواڻن جو هالا جي امام بارگاهن جو دورو

مسلم ليگ ن پي ٽي آءِ ۽ ٻين اڳواڻن پاران امام بارگاهن ۾ ملڪ جي سلامتي لاءِ دعائون

هالا ۽ هالا پراڻا جي مختلف امام بارگاهن تي زيارتن ۽ ماتمي هنڌن جو دورو

هالا (ت ر) يوم عاشوره جي ڏهاڙي تي ضلعي مٽياري سان تعلق رکندڙ مختلف سياسي جماعتن جنهن ۾ پاڪستان مسلم ليگ ن سنڌ جي صدر بشير احمد ميمڻ،نصير احمد ميمڻ،پاڪستان تحريڪ

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ واسي نوجوان سنڌو درياهه ۾ ٽپو ڏئي زندگيءَ جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو

نوجوان فهيم جوڻيجو آمري پل تان ٽپو ڏئي خودڪشي ڪري ڇڏي

وارثن پاران انتظاميا کان ٽوبا گهرائي لاش ڳولا ڪرڻ لاءِ مدد جي اپيل

سڪرنڊ (ن ع) سڪرنڊ جي نوجوان فهيم جوڻيجو آمري پل تان سنڌو درياهه ۾ ٽپو ڏئي پنهنجي زندگيءَ جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو نوجوان جي انتهائي قدم تي سندس ماسي محمد الياس جوڻيجو عبرت کي ٻڌايو ته

بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 5

سکر: ايڌي سينٽر جو عملو عزادارن کي طبي امداد ڏئي رهيو آهي

فيصل ڪريم ڪنڊي پاران مرحوم نوابزاده نصر الله خان جي وڏي پٽ جي لاڏاڻي تي افسوس جو اظهار

پشاور (اي پي پي) خيبر پختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي مشهور سياستدان مرحوم نوابزاده نصر الله خان جي وڏي پٽ نوابزاده نثار احمد خان جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي گورنر مرحوم جي پائرن نوابزاده منصور احمد خان، قومي اسيمبلي جي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي آبادگارن سان مسلسل زيادتيون ڪيون پيون وڃن: پروفيسر عبدالسميع پنهور

گمبٽ (ت _ ع)سنڌ جي هارين ۽ آبادگارن سان زيادتيون بند ڪيون وڃن تيل وارن علائقن دائين پاڻيءَ جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي ڦٽي جو اگهه 12000 مقرر ڪيو وڃي ڪلر بج ۽ دوائن جا اگهه گهٽايا وڃن اهڙو اظهارچيمبر آف ايگريڪلچر اينڊ فوڊ سکر ڊويزن جي صدر پروفيسر عبدالسميع پنهور گمبٽ صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو خيرپور جي صدر هن وڌيڪ چيو آهي ته سنڌ جي آبادگارن سان مسلسل زيادتيون ڪيون پيون وڃن هن مهنگائي واري دور ۾ جنس جا اگهه هٿ سانگهٽ ڪيا پيا

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

سول ڊفينس روهڙي پاران 8، 9 ۽ 10 محرم دوران 250 کان وڌيڪ زخمي عزادارن کي طبي امداد فراهم ڪئي

سکر(بيورو رپورٽ) سول ڊفينس روهڙي پاران 8، 9 ۽ 10 محرم الحرام دوران 250 کان وڌيڪ زخمي عزادارن کي طبي امداد فراهم ڪئي وئي، جڏهن ته 10 کان وڌيڪ سخت زخمين کي تعلقي اسپتال روهڙي ۽ جي ايم سي سول اسپتال سکر منتقل ڪيو ويو سول ڊفينس روهڙي گذريل 35 سالن کان بنا ڪنهن وقفي جي محرم الحرام دوران عزادارن جي خدمت سرانجام ڏيندي

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.